# مصيبت ماريا، سائينءَ سنواريا

(ناول)

از

شمس العلماءُ ميرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

2006ع

(هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن)

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1961ع | تعداد 2000 |
| ڇاپو ٻيو | سال 1977ع | تعداد 500 |
| ڇاپو ٽيون | سال 2006ع | تعداد 500 |

قيمت: پنجيتاليهه رپيا
[Price Rs. 45 - 00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گھر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي نامور عالم ۽ اديب ميرزا قليچ بيگ جا سنڌي ادب تي وڏا احسان ڪيل آهن. سندن ڪيل خدمتن جي ڪٿ هن مختصر نوٽ ۾ ڪرڻ مشڪل آهي، ان لاءِ ڪتاب لکجن. تخليقي ادب کان علاوه سندن ترجمو ڪيل ادب وڏي اهميت جو حامل آهي. "مصيبت ماريا، سائينءَ سنواريا" ڪتاب ترجمي جي حوالي سان ميرزا قليچ بيگ جي شاهڪار ڪاوشن ۾ شمار ٿئي ٿو. هيءُ ڪتاب هڪ مشهور فرينچ ناول تان ڪنيو ويو آهي. جنهن جو اصل ليکڪ 'وڪٽرهيوگو' آهي. ميرزا صاحب چواڻي، تہ هن ناول جي انگريزيءَ سميت ٻين پرڏيهي ٻولين ۾ بہ ترجمو ٿيو آهي.

شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ هن ناول جو سنڌي ترجمو سنہ 1916ع ڌاري ڪيو. جو فيبروري 1917ع ۾ ترجمي جي اختتام تي لکيل نوٽ مان معلوم ٿئي ٿو.

هيءُ ترجمو ميرزا صاحب جي خاندان جي توسط سان بورڊ کي موصول ٿيو. جنهن جو پهريون ڇاپو سال 1961ع ۾ بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو. سال 1977ع ۾ هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو شايع ڪري پڌرو ڪيو ويو. مارڪيٽ ۾ ڪتاب جي ناياب ٿيڻ جي اطلاعن ملڻ تي هن ڪتاب جو نئون ڇاپو نئين اهتمام سان بورڊ جي پريس مان ڇاپي پڌرو ڪيو آهي. اميد ڪجي ٿي تہ قارئين حضرات کي هيءُ ڇاپو بہ اڳ وارن ڇاپن وانگر پسند ايندو.

**اعجاز احمد منگي**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ
سومر ٢٦- ذي القعد ١٤٢٧هہ
بمطابق 18- ڊسمبر 2006ع

## پڙهندڙن کي:

هيءُ ڪتاب وڪٽر هيوگو جي مشهور فرينچ ناول مان هڪڙو ناول آهي، ۽ انگريزيءَ توڙي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيل آهي. مون اهو سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيو آهي. ڪتاب جو سمورو ترجمو نہ ڪيو اٿم، پر ان جو سارو مضمون سنڌيءَ ۾ ڏنو اٿم، ۽ ڪي ٿورا ڀاڱا ۽ نالا غيرضروري سمجهي، ڇڏي ڏنا اٿم. اميد آهي تہ پڙهندڙ اهو پڙهي خوش ٿيندا، ۽ هن مان چڱي نصيحت حاصل ڪندا.

حيدرآباد - سنڌ —— قليچ بيگ

—— فيبروري 1917ع

# باب پهريون

سن 1815ع ۾، فرانس جي هڪڙي پرڳڻي ۾ "چارلس مريَل" نالي هڪڙو پادري هوندو هو، جنهن کي اُتي مقرر ٿئي اَٺ - نَو ورهيه ٿيا هئا. هو اصل هڪڙو خانداني ماڻهو هو، ۽ هاڻي پنجهتر ورهين عمر جو هو. هن کي سندس پيءُ ارڙهن - ويهن ورهين جي ڄمار ۾ پرڻايو هو. هو قد جو بندرو هو، پر مضبوط ۽ خوبصورت ۽ خوش طبع هو- ملڪ جي ٻين اميرن وانگي هن خاندان جو به شاهي خاندان سان واسطو رهندو هو. پر انهيءَ وقت ڌاري جو فرانس ۾ حڪومت جي ڦيرڦار جو فساد پيو ۽ بادشاهي حڪومت مان ڦري راڄاڻي يا رعيتي حڪومت شروع ٿي، تنهن ۾ ٻين خاندانن وانگي هي خاندان به دربدر ٿي ويو. تنهنڪري چارلس مريل ملڪ ڇڏي زال سوڌو اٽليءَ ڏي ويو، اُتي هن جي زال مري پئي ۽ اولاد ڪو نه ڇڏيائين. انهيءَ ڪان پوءِ هو گوشه نشين ٿي گذاريندو هو.

جڏهن چارلس مريل هن نئين عهدي تي مقرر ٿي آيو، تڏهن ساڻس سندس ڀيڻ هئي، جا ڪانئس ڏهه ورهيه ننڍي هئي، انهيءَ جو نالو "مئڊم پپتستائن" هو. هوءَ ڏٻري، سنهي، نرم دل زال هئي، ۽ ننڍي هوندي ڪان عبادت ۽ خداپرستي ڪري ڪري اڇي ايڏي ٿي هئي. هنن سان ٻي به هڪڙي زال "مگلوئر" نالي هئي، جا سندن نوڪرياڻي هئي: هوءَ ٿلهي، مضبوط ۽ چالاڪ هئي، ۽ دم ڪشيءَ جي ڪري، خواه تڪڙي تڪڙي ڪم ڪرڻ ڪري اڪثر ٻُٽي سهڪندي هئي.

اتي اچڻ ڪان پوءِ، پهرين ته پادري صاحب دستور موجب اتي جي حاڪمن، عملدارن ۽ وڏن ماڻهن سان ملاقات ڪئي، ۽ پوءِ پنهنجي عهدي جو ڪم شروع ڪرڻ لڳو- جا سرڪاري جاءِ هن کي رهڻ لاءِ ملي سا هڪڙي قديم ماڙيءَ واري عمارت هئي، ۽ ساڻس هڪڙو باغيچو به لاڳو هو. جيڪو پگهار ملندو هوس، تنهن جو گهڻو ڀاڱو ته خيراتي ڪمن ۽ خلق جي فائدي لاءِ خرچڻ لڳو، ۽ پاڻ ٿوري تي گذران ڪرڻ لڳو. سندس ڀيڻ هن کي پنهنجو بزرگ سمجهي، سندس مرضيءَ پٺيان هلندي هئي، ڪيترن ڪين هئي، پر سندس

نوڪرياڻي البت ڪُرڪندي جهرڪندي هئي، ۽ تنگيءَ جي دانهن ڪندي هئي. جيڪي رقمون ٻاهران ڪيس ملنديون هيون، سي بہ هو خيراتي ڪمن ۾ آڻي چڙهيندو هو، ۽ پنهنجو خانگي خرچ هميشہ قائم رڪندو آيو. سندس حد اندر ڪيتريون جايون هيون، جن جي هن ڪي نظرداري ڪرڻي پوندي هئي، ۽ هن کي وڃڻو پوندو هو. اوڏانهن بہ هو هميشہ پنڌ ڪري ويندو هو. جي ڪٿي پري جبل ۾ يا ڪنهن ٻئي ڏکئي هنڌ وڃڻو پوندو هوس، تہ گڏهہ تي چڙهي ويندو هو. جيتوڻيڪ ماڻهو ڪلندا هئا، تہ هو دل ۾ نہ ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ "جڏهن اسان جو نبيٰ گڏهہ تي چڙهيو، تڏهن مون کي چڙهڻ ۾ ڪهڙو عيب آهي، آءٌ تہ ضرورت خاطر چڙهيو آهيان."

پادري صاحب جي حد اندر جيڪو بہ غريب ماڻهو بيمار ٿيندو هو، يا قريب المرگ ٿيندو هو تہ هي اُتي وڃي حاضر ٿيندو هو، ۽ انهيءَ جي خدمت ڪندو هو ۽ ان کي دڙ دلاسو ڏيندو هو: ڪٿي ڪو قرضي سجهندو هوس، تہ انهيءَ جي پاران قرض ڏيئي انهيءَ کي ڇڏائيندو هو. جيڪي ناحق قيد ٿيندا هئا، تن جي لاءِ ارمان ڪندو هو، ۽ انهن کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. جيڪي مهمان ايندا هئا، تن جي تمام چڱي مهماني ڪندو هو. هو تمام ٿورو کائيندو هو، ۽ ٿورو ڳالهائيندو هو. گهڻو وقت لڪي عبادت ڪندو هو، ۽ خدا بابت خيال ڪندو هو. مقرر وقتن تي ديول ۾ ويندو هو، ۽ اتي وڃي وعظ ڪندو هو. هن جو وعظ اهڙو تہ اثر وارو هوندو هو جو گهڻن ماڻهن کي فائدو ٿيڻ لڳو. جيڪي بخيل هئا سي سخي ٿي پيا، جيڪي اڳي بدڪار هئا، سي نيڪ ٿي پيا، جيڪي اڳي گهڻ - خرچائو هئا، سي صرفي وارا ٿي پيا، جيوڻيڪ مهمانن کي عمدو طعام ڪارائيندو هو- اڪثر ماني ڪير ۾ پچائي کائيندو هو ۽ هر روز فرصت مهل باغيچي ۾ بہ وڃي ڪم ڪندو هو.

گهر ۾ ٻيئي ٻُڍيون زالون مٿي ماڙيءَ تي رهنديون هيون، ۽ پاڻ هيٺ رهندو هو، جتي ملاقاتي بہ ايندا هئا ۽ لڪپڙهہ جو ڪم بہ ڪندو هو. گهر اهڙو جهونو هو، جو ان جو ڪو بہ دروازو پوريءَ طرح بند ٿي نہ سگهندو هو، انهيءَ ڪري ٻهرين زالن کي ڊپ رهندو هو، تہ متان رات جو ڪو چور ٽپڙ چورائي وڃي، پر پادري صاحب ڏاڍو توڪل ۽ تحمل وارو هو، خدا تي ڀروسو رکي، در ورائي سمهي رهندو هو. جيڪو مهمان ايندو هو، تنهن جي رهائڻ لاءِ بہ خلاصي

جاءِ ۽ بسترو مقرر ڪري ڇڏيو هئائين، ۽ جيڪو وٽس رهڻ گهرندو هو، تنهن کي رهائيندو هو. ٻي ڪا به ڇا ڳاڇا ڪا نه ڪندو هو، بلڪ نالو به نه پڇندو هوس. اهڙيون ڪيتريون ئي ڳالهيون هيون، جي عجيب هيون، ۽ زالن کي پسند نه ايندڙيون هيون، پر هو انهن تي هـري ويون ۽ پادري صاحب جي فرمانبرداريءَ ڪرڻ سببان صبر سان گذاريندڙيون هيون.

هڪڙي ڏينهن شام جو سج لهڻ کان ٿورو اڳي، هڪڙو مسافر انهيءَ ننڍڙي شهر ۾ لنگهي آيو، جنهن ۾ پادري چارلس مريل رهندو هو. وچولي قد جو مضبوط ماڻهو هو ۽ اٽڪل اٺيتاليهن ورهين جو ٿي ڏٺو. هن جو منهن اُس لڳڻ ڪري سانورو هو. ڪپڙا سادا سودا پيل هئس ۽ گهٽي پنڌ ڪرڻ ڪري پگهر پئي وهيس. نعل لڳل بوٽ پيرن ۾ پيو هئس. هو اهڙو ٿڪل هو جو شهر ۾ گهڙڻ کان اڳي پهرين حوض تي پاڻي پِـي اُڃ لاهي، پوءِ شهر ۾ ڪنهن مسافرخاني جي ڳولا ۾ آيو.

انهيءَ وقت شهر ۾ فقط هڪڙو مسافرخانو هو. اڳئين دستور موجب مسافرخاني وارو مسافرن کي ڪرايي ڏيڻ تي سمهڻ جي ڪوٺي، هنڌ ۽ کاڌو ڏيندو هو، جيئن هاڻي هوٽلن ۾ ڏيندو آهي. اُهي سياري جا ڏينهن هئا ۽ سخت سيءُ هو، تنهنڪري بخاري ۾ باهه پئي ٻري. مسافر اندر لنگهي آيو ۽ مالڪ کي سلام ڪري چيائين ته: "آءٌ هتي رهندس. مون کي هنڌ ۽ ماني گهرجي." مالڪ چيس ته پئسن سان سڀڪجهه ملي تو سگهي. مسافر چيو ته "پئسا ججها!" ائين چئي، بغل ٿيلهي مان پئسن جي ڳوٿري ڪڍيائين ۽ هن کي ڏيکاري، وري ٿيلهي ۾ وڌائين مسافرخاني واري پئسا ڏسي چيو ته: "تڏهن ماني به ججهي، ۽ هنڌ به حاضر." پوءِ اسان جو مسافر باهه جي پر ۾ ويهي پاڻ کي ڪوسو ڪرڻ لڳو ۽ مالڪ کي ماني آڻڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين. مالڪ چيس ته: "جاڻ ته ماني آئي."

جيسين مسافر باهه تي ويهي پنهنجا خيال پچائڻ لڳو، تيسين مسافرخاني جي مالڪ ڪاغذ جو ٽڪر ڦاڙي، انهيءَ تي پينسل سان ڪي لکي، هڪڙي نوڪر کي ڏنو، جو ڪٽي شهر جي حاڪم يا مئجسٽريٽ جي گهر ڏي ويو. سگهو ئي هو ورندي وٺي آيو، جا هن وٺي پڙهي مسافر کي چيائين ته: "آءٌ تو کي پاڻ وٽ رهائي نه ٿو سگهان!" تنهن تي مسافر ڦري ڏانهنس منهن ڪري

چيو تہ: ”سو ڇو؟ مون وٽ پئسا آهن، جي چوين تہ اڳواٽ ڏيئين؟“ هن وراڻيو تہ ”مون وٽ سمهارڻ جهڙي جاءِ ڪانهي.“ آءٌ گهوڙن جي طبيلي ۾ ئي ڪٽي سمهندس- مڙئي رات گذارڻي.“ هن چيو تہ: ”طبيلي ۾ بہ گهوڙا بيٺل آهن، خالي جاءِ ڪانهي.“ مسافر چيو تہ: ”ڇگو ماني تہ ڪاراءِ، پوءِ سمهڻ جو ڪٿي ڪٿي بندوبست ڪبو.“ هن چيو تہ: ”ماني بہ مون وٽ ڪانهي.“ مسافر چيو تہ: ”هي ڪهڙي ڳالهہ آهي، مسافرخانو وري ڇا جو ٿيو آهي- آءٌ بک تو مران، گهٽو پنڌ ڪيو اٿم، پري ڪان آيو آهيان.“ هن چيو تہ: ”نہ آءٌ توکي ماني ڏئي نہ ٿو سگهان.“ مسافر چيو تہ، ”آخر انهيءَ جو ڪو سبب بہ؟ “ هن چيو تہ: ”بس مون کي اهڙو حڪم مليو آهي.“ مسافر پڇيو تہ: ”ڪنهن جو حڪم؟“ هن چيو تہ: ”سرڪاري حڪم. مون کي خبر آهي تہ تون ڪير آهين- چئين تہ نالو بہ ٻڌايئين. ”ڄين وڪيجان“ آهين نہ. تنهنجي اندر اچڻ سان مون کي شڪ پيو، سو مون هڪدم ماڻهو موڪلي پوليس کان پڇا ڪئي، ۽ اتان اهو جواب ۽ اهو حڪم مليم. منهنجو ڪو ڏوهہ ڪونهي- آءٌ لاچار آهيان، تنهنڪري مهرباني ڪري نڪري هليو وڃ.“

مسافر ويچارو پنهنجو بغل ٿيلهو کڻي، نڪري ٻاهر ٿيو- هڪڙو ٽڪل، پيو ٻُڪيو، ٿيون سخت سيءُ، ۽ رات مٿان ٿي پيئي. سو شهر جون گهٽيون گهمڻ لڳو، نٿي سُجهيس تہ ڪيڏي وڃان. ڳچ وقت کان پوءِ هڪڙيءَ وڏي گهٽيءَ جي منهن وٽ هڪڙي جاءِ ڏٺائين، جنهن ۾ ٻتيون ٻريون پئي ۽ ڪي ماڻهو وينا هئا ۽ ٻاهہ بہ پئي ٻري. هيءُ لنگهي اندر وڃي ٻاهہ تي وينو. اهو شهر جو شرابخانو هو، جو پڻ مسافرخاني وانگر ڪم ايندو هو- ڪباب پئي پڪو، ۽ مزي جي ٻانس پئي آئي. جيڪي ماڻهو اتي حاضر هئا، انهن مان هڪڙو مهاڻو هو جو ٻهراڙيءَ ۾ مڇيون وڪڻي پنهنجي گهوڙي سوڌو موٽيو هو، ۽ اڌ ڪلاڪ ڪن اڳيرو اُتي آيو هو. اتفاق سان ساڳئي رستي سان اهو ساڳيو مسافر بہ ٿي آيو، تنهن کي سندس منٿ تي ڳچ تائين گهوڙي تي چاڙهي شهر جي ويجهو آڻي لاهي ڇڏيو هئائين. انهيءَ هن کي سڃاتو، ۽ شرابخاني جي مالڪ کي سُس ڦس ڪري ڪن ۾ ڪِي چيائين، جنهن اُتان اُتي مسافر جي پٺيان ڪلهي تي هٿ رکي چيو تہ: ”ٻلائي ڪري هتان هليو وڃ.“ مسافر منهن ڦيرائي چيس تہ: ”هيءُ ڇا، مون کي سڃاڻين تو ڇا، هن مسافر خاني مان

بہ مون کي ڪڏي تا ڇڏيو؟" هن وراڻيو تہ: "هائو، هتان بہ تو کي نڪرڻو پوندو". مسافر چيو تہ: "آءٌ مسافر آهيان، پرديسي آهيان، آخر ڪيڏانهن وڃان؟" جواب مليس تہ: "جيڏي وڻئہ تيڏي وڃ."

ويچارو مسافر وري بہ پنهنجو بغل ۾ ٿيلهو کڻي، لڪڙ هٿ ۾ ڪري، نڪري ٻاهر ٿيو، تہ اتي جا ڪي ڇوڪر اچي پٺيان لڳس، جيئن نہ ڪنهن فقير ۽ مست جي پٺيان لڳندا آهن. تيئن پوءِ تہ اچي مٿس پٿر اڇلائڻ لڳا- مسافر لڪڙ کڻي هنن پٺيان ڪاهي پيو ۽ ڪين ڀڄائي ڪڍيائين. پوءِ هو هلندو هلندو شهر جي جيل خاني وٽ آيو- در کڙڪايائين. جيلر نڪري آيو. هن چيس تہ: "جيلر صاحب، مهرباني ڪري مون کي هتي اڄوڪي رات گذارڻ ڏيندؤ؟" هن کلي چيس تہ: "جيل ڪو مسافرخانو تہ ناهي! وڃي ڪو خوشيءَ سان ڏوهہ ڪري پاڻ کي گرفتار ڪراءِ، پوءِ اچ تہ آءٌ تو کي خوشيءَ سان هتي رهڻ ڏيندس."

تڏهن ويچارو اتان نڪري وري ٻئي پاسي هلڻ لڳو. ۽ هلندي هلندي قبرستان وٽان لنگهندي ديول جي سامهون هڪڙي ٿلهي تي پهچي ٿڪجي ويهي رهيو. ۽ اتي رات گذارڻ جو پڪو ارادو ڪيائين. سگهو ئي هڪڙي سڪر زال ديول مان نڪتي ۽ هن کي ڏسي پڇيائينس تہ: "تون ڪير آهين، جو رات جو هھڙي سيءُ ۾ هتي سمهڻ جي تو ڪرين؟" هن ٻڌايس تہ: "مون کي نہ مسافرخاني ۾، نہ ڪنهن ٻئي هنڌ رهڻ تا ڏين." تنهن تي هن کي ڏاڍو ارمان ٿيو. ۽ کيسي مان ڪي ٿورا پئسا ڪڍي ڏنائينس تہ وڃي ڪي وٺي کاءُ. هن اهي پئسا وٺي هٿ ڪيا. پوءِ هن مائيءَ چيس تہ ٻيا هنڌ رليو آهين پر ڪي هن سامهين در تي بہ ويو آهين؟ ائين چئي، ديول واري پادريءَ جو گهر ڏيکاريائينس. مسافر ورندي ڏني تہ: "نہ، اتي ڪين ويو آهيان، هاڻ وڃان ٿو." مائي تہ هلي ويئي، ۽ اسان جي مسافر، پادريءَ جي گهر ڏي رخ رکيو.

اهو پادري مٿيون چارلس مريل هو. انين - نائين ٻجي جي مهل هئي، هوا ڪائي اچڻ ڪان پوءِ ٻتيءَ تي ويهي ڪو وعظ وٺي لکيائين. ڪتاب اڳيان پٺيان رکيا هئا. انهيءَ مهل نوڪرياڻيءَ بہ اچي ٻڌايس تہ ماني تيار آهي، تنهنڪري اُتي ماني کائڻ واري جاءِ ۾ آيو. اچا مانيءَ تي نہ ويٺا هئا، تہ مگلوئر نوڪرياڻيءَ ڳالهہ ڪئي تہ: "آءٌ اڄ بازار ۾ ٻڌي آئي آهيان تہ ڪو مشهور چور ۽ بدمعاش شهر ۾ آيل آهي ۽ گهمندو وتي- ماڻهن کي سنڀال

ڪرڻ ڪپي. اسان جي جاءِ جا در برابر نٽا اچن، تنهن جو ڪو بندوبست ڪرڻ گهرجي. بهتر آهي تہ ڪنهن لوهار کي آڻي، ڪڙا ڪنڍا ۽ ڪلف پورا بيهاري ڇڏجن." نوڪرياڻي تہ گهٽو ئي ڪي چيو، پر پادريءَ ماٺ ڪري ويٺي ٻڌو. ۽ پيٽس تہ اصلي ياءُ جي پنيان هئي، جيئن هو چوندو هو، تيئن پاڻ چوندي هئي، جيئن هو ڪندو هو، تيئن پاڻ راضي رهندي هئي. ائين ڪندي جاءِ جو در کڙڪيو، پر البت زور سان. پادري صاحب پنهنجي هميشہ واريءَ عادت موجب چيو تہ: "لنگهي آءُ". در پٽيو ۽ هڪڙو ماڻهو اندر لنگهي آيو. هيءُ اهو ساڳيو مسافر هو، جنهن جو اسان مٿي ذڪر ڪيو آهي. بغل ۾ ٿيلهو هئس، ۽ هٿ ۾ لڪڻ، جنهن کي ڏندو سڏڻ زياده مناسب آهي. شڪل ڪوجهي ۽ خوفناڪ هيس، خاص بتيءَ ۽ باهہ جي سوجهري ۾، ۽ ڪپڙا سادا ۽ ميرا هئس. هن کي ڏسي نوڪرياڻيءَ جو تہ وات ئي پٽجي ويو، ۽ پادريءَ جي پيڻ بہ ڇرڪ ڀري اکيون ڦاڙي هن کي ڏسڻ لڳي. پوءِ وري ياءُ ۾ اکيون وڌائين.

پادري صاحب اجا ڳالهايوئي ڪين تہ هن تڪڙو ئي وڏي سڏ چيو تہ: "منهنجو نالو 'جين وليجان' آهي. آءُ اوڻيهہ ورهيہ پري ٽولون قيد ۾ رهيو آهيان، ۽ سخت پورهيو ڪري ڪري، چار ڏينهن ٿيندا جو ڇٽو آهيان. اهي چار ڏينهن پنڌ پئي ڪيو اٿم- خاص اڄوڪي ڏينهن ارڙهن ميل ڪيا اٿم- هن شهر ۾ اچڻ شرط پنهنجي پاس پوليس ۾ ڏيکاريم ۽ پوءِ مسافرخاني ۾ ويس، پر اتي مون کي مالڪ رهڻ نہ ڏنو. شرابخاني ۾ ويس، بلڪہ قيد خاني ۾ بہ ويس، تہ بہ مون کي هڪالي ڪڍيائون. ديول جي سامهون ٿلهي تي رات گذارڻ جو ارادو ڪيم، جيتوڻيڪ بڪ بہ هيم ۽ مينهن وسڻ جو ڊپ بہ آهي. ڪنهن مائيءَ مون کي ڏس ڏنو تہ هن جاءِ جو وجي در کڙڪاءِ، اتي شايد تو کي سمهڻ جي جاءِ بہ ملي ، ۽ ماني بہ ملي. ان موجب مون اچي در کڙڪايو آهي. هي ڪو مسافرخانو آهي يا ڪنهن ٻئي قسم جي جاءِ آهي- مون سان پنهنجا پئسا آهن، ٿڪل ٽٽل آهيان، ڏاڍي بک اٿم. مون کي هتي رات جو رهائيندؤ؟"

هيءُ ٻڌي، پادري صاحب نوڪرياڻيءَ کي چيو تہ: "ميز تي مهمان جي جاءِ ڪر، ڪرسي، رڪابي ۽ ڪانٽا ڇريون بہ رک". هي ٻڌي مسافر ذرا هٽي بيٺو، ۽ چوڻ لڳو تہ: "جيڪي مون چيو، سو اوهان ڪين ٻڌو. آءُ ڏوهاري ٿي اڻويهہ ورهيہ وڏي جيل ۾ رهيو آهيان: اجها هي مون سان پيلي ڪاغذ واري پاس

آهي. انهيءَ کي ڏسي جيڏي ٿو وڃان، اتان سيڪو مون کي هڪاليو ڪڍي، ۽ ٽِڪڻ نہ پيو ڏئي، نہ ڪو مانيءَ ٽڪر ٿو کارائي، ڇا لاءِ جو پاس ۾ لکيل آهي تہ: "هن کي ڪاٺ ۽ چوريءَ جي ڏوهہ ۾ هيٺري سزا ملي آهي، سخت پورهئي سان، ۽ هي خوفناڪ ماڻهو آهي". آءٌ اوهان سان گڏ ويهي ماني کائڻ جي لائق ناهيان. مون کي ڪو ٽڪر مانيءَ جو ڏيو تہ ڪٿي وڃي طنبيلي ۾، يا ڪنهن ٻاهرين ڪوٺيءَ ۾ رهان."

هيءَ ٻڌي پادريءَ نوڪرياڻيءَ کي چيو تہ: "ڏاڪڻ جي هيٺ واريءَ جاءِ ۾ مهمان جو هنڌ وڇاءِ، ۽ اڇي چادر انهيءَ تي وجهہ." نوڪرياڻي تہ حڪم جي تعميل ڪرڻ تي هريل هئي، سا انهيءَ ڪم جي پنيان هلي ويئي. تيستائين مهمان کي چيائين تہ: "سائين، تون ٻاهہ تي سيءُ لاهہ، اجها ماني تيار آهي. سڀ گڏجي ويهي ٿا کائون." مسافر جي منهن ۾ ڏک ۽ رنج جي بدران سرهائي اچڻ لڳي. اهڙو خوش ٿيو جو، چرين وانگي چوڻ لڳو تہ: "ڇا، خواب تہ نٿو ڏسان! سچي پچي اوهين مون جهڙي چٽل قيديءَ کي پاڻ سان گڏ ويهاري ٿا کارايو، ۽ سائين ڪري ٿا سڏيو! ٻيا تہ ڪتي ۽ بدمعاش جي نالي کان سواءِ مون کي ڪين سڏيندا آهن. اها مائي، ڪهڙي نہ ڀلاري هئي، جنهن مون کي هن گهر جو ڏس ڏنو. اٺويهہ ورهيہ آءٌ هنڌ ڪٺولي تي نہ ستو آهيان، سو اڄ هنڌ تي سمهندس. اوهين بيشڪ لائق ماڻهو آهيو. پر مون وٽ پنهنجا پئسا بہ آهن، مانيءَ جو ملهہ ڏيئي سگهندس. اوهان جو مسافرخانو برابر چڱو آهي. اوهين انهيءَ جا مالڪ آهيو نہ، اوهان جو نالو ڇا آهي؟"

پادريءَ جواب ڏنو تہ: "آءٌ هڪڙو پادري آهيان، ۽ هي منهنجو گهر آهي."

هن وراڻيو تہ: "پادري ڪهڙا نہ لائق ماڻهو آهيو! برابر، هن ديول جا پادري هوندؤ. آءٌ ڪهڙو نہ نادان آهيان! اوهان جي پوشاڪ مان ۽ اوهان جي صورت مان مون کي معلوم ڪرڻ کپندو هو- تڏهن اوهين مون کان ماني کارائڻ ۽ رات ٽڪائڻ جا پئسا ڪين وٺندؤ؟" پادريءَ ورندي ڏني تہ: "نہ، تنهنجا پئسا ڀلي تو وٽ هجن. هيءُ منهنجو گهر ناهي- هي خدا جو گهر آهي، جيڪو اچڻ گهري سو ڀلي اچي، اهو مهمان آهي، انهيءَ کي پنهنجي نالي نشان ٻڌائڻ جو ضرور ڪونهي. تون مسافر آهين، تون ٿڪل آهين، تو کي بک آهي، ايترو بس آهي، هيءُ گهر پنهنجو ڄاڻي آرام ڪر. تو ناحق پنهنجو نالو نشان مون کي ٻڌايو،

انهيءَ جو ضرور ڪو نه هو. تنهن ڪان سواءِ تنهنجي نالي نشان جي مون کي اڳي ئي خبر هئي". اتي مسافر ڇرڪ پري ڇيو ته اڳيئي خبر هئي، سو ڪيئن؟" پادريءَ چيو ته: "چو ، تون مون جهڙو انسان ڪين آهين- منهنجو هم مذهب ناهين، تنهنڪري منهنجو ڀاءُ ڪين آهين؟ تنهن ڪان سواءِ تنهنجي منهن مان معلوم آهي ته ڏاڍيون تڪليفون سٺيون اٿئي، ۽ ڏاڍا ڇاڪوڙا ڪڍيا اٿئي." مسافر ڇيو ته: "پادري صاحب، اوهين ڏاڍا رحمدل ۽ مهربان آهيو. مون برابر اڻويهه ورهيه ڏاڍيون تڪليفون ڪڍيون آهن، ڏاڍيون ماروني ڪاڏيون اٿم - گرميءَ سرديءَ ۾ پورهيو ڪيو اٿم - پٽ تي يا تختي تي سمهڻ، پيرن ۾ زنجير، ڪڏهن غار ۽ اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾، ڪاڏو پورو نه- ڪتا به مون کان وڌيڪ خوش هئا — اڻويهه ورهيه اهڙو حال هوم. هينئر منهنجي عمر ڇائيتاليهه ورهيه آهي." هي ٻڌي پادريءَ کي ڏاڍو ارمان ٿيو، ۽ هن کي دلاسا دڙا ڏنائين ۽ اڳتي نيڪيءَ جي رستي تي هلڻ لاءِ مختصر واعظ ڪيائين.

انهيءَ وچ ۾ نوڪرياڻيءَ ماني تيار ڪري ميز تي رکي. گهر جو عمدو ڪاڏي جو سامان ڪڍي ٻاهر ڪيائين. شمعون چانديءَ جي ٻتين ۾ وجهي آٽي رکيائين، ڪانٽا ڇريون به چانديءَ جا رکيائين، چانهه جو سامان به چانديءَ جو ڪڍيائين - پادريءَ جو رخ ڏسي، انهيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ پوري مهمان نوازي ڪيائين. تنهن ڪان سواءِ، ٻيو به جيڪي قيمتي سامان رکيل هو، پر گهربل نه هو، سو به مانيءَ واري جاءِ ۾ ڪڍي رکيائين. پوءِ سڀ گڏجي ويهي ماني کائڻ لڳا.

---

## باب ٻيو

ماني کائيندي انهيءَ مسافر ٻـي ڪنهن ڳالهہ ڏي ڌيان ڪو نہ ٿـي ڏنو. رڳو کائڻ ۾ مشغول هو. ڏاڍي اشتها سان کائيندو ويو. گفتگو ڪندي هـن پادريءَ کي ٻڌايو تہ هو ٻئي ڏينهن سج اُبرڻ سان هليو ويندو. جڏهن ماني کـائي بس ڪيائون، تڏهن پادريءَ مهمان کي وٺي ڏاکڻ جي هيٺ واري ڪوٺيءَ ۾ وجي، هنڌ تي سمهاريس. زالون مٿي ماڙيءَ تي وجي سُتيون، ۽ پادري وري باغيچي ۾ ويو. اتـي هميشہ جي دستور موجب پسار ڪري، ۽ خدا جا خيـال پچائي پنهنجي ڏٽيءَ کي ياد ڪري، وجي پنهنجيءَ جاءِ ۾ ستو، جا مهمـان جي جاءِ کان پري نہ هئي.

هاڻي اسين پنهنجي انهي مسافر "جين وليجان" جو ٿورو بيـان ڏينداسيـن: هو ٻهراڙيءَ جي هارين جي ڪٽنب مان هو، ۽ غريب ماڻهو هو. ننڍي هوندي ٿورو گهڻو پڙهيو هو، ۽ وڏي هوندي ڪانيون وڍي گذران ڪندو هو. اجا ننڍو ئي هو تہ سندس ماءُ - پيءُ مري ويا، سندس ڀيڻ ڪيس پالي وڏو ڪيو. جا رن زال هئي ۽ جنهن کي ست ٻار پنهنجا بہ هئا، ۽ انهن مان وڏو انن-نون ورهيـن جو هو. جڏهن جين وليجان پنجويهن ورهين جو ٿيو، تڏهن وٽن وڍڻ ۽ ڪانين ڦوڙڻ جو پورهيو ڪري ڀيڻ کي ۽ سندس ٻارن کي مدد ڪندو هو. هو پرٽيو ڪين، پر سندس ڪا بہ بدچالي ٻڌڻ ۾ ڪانہ آئي هئي، ۽ نہ اهڙن ڪمن ڪرڻ جو ڪو وقت ئي هئس. ڪانين وڍڻ ڪانسواءِ، هو ٻيو پورهيو بہ ڪندو هو، جيئن تہ ماڻهن جو مال بہ چاريندو هو، لابارو بہ ڪندو هو، مزدوري بہ ڪندو هو. سندس ڀيڻ بہ سبڻ پرڻ جي پورهيئي ڪرڻ سان ڪي ڪجهہ ڪمائيندي هئي. انهيءَ هوندي بہ هنن جي سيني ننڍن وڏن جو گذران ڏاڍو تنگ ٿيندو هو. هڪڙي ڀيري پاسي واري نانوائيءَ جي دڪان مان هُـن ڪـي مانيون وجـي چورايون. مالڪ جاڳي پيو، ۽ چور پڪڙجي ويو. پاڻ ڇڏائڻ ۾ مالڪ کي ڏاڍو ايذاءُ بہ پهتو. آخر جين وليجان مئجسٽريٽ وٽ رجوع ٿيو، تہ پنج ورهيہ قيد جي سزا مليس. هن کي ٻين ڪيترن وڏن قيدين سان گڏي بيڙيون وجهي، "ٽولون" جي وڏي جيل ڏي موڪلي ڏنائون، جو اتان ستاويهن ڏينهن جي پنڌ تـي

هو، ۽ اوڏانهن قيدين کي بيل گاڏين ۾ چاڙهي وٺي ويا.

چوٿين سال، جين وليجان جيل مان ڀڄي نڪتو ۽ ٻه ڏينهن جهنگ ۾ پئي رليو، پر نيٺ وري جهلجي پيو. انهيءَ ڏوهه ڪري هن کي ٽي ورهيه ٻيا ٻه وڌيڪ قيد جي سزا ملي. ڇهين ورهيه هن وري ٻه ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، پر فتحياب نه ٿيو - رات جو حاضريءَ مهل جڏهن سندس نالو پڪاريو ويو، تڏهن جواب ڪو نه ڏنائين. ڳولي لڌائونس ته ڪٺي لڪو پيو هو. انهيءَ ڏوهه ڪري پنج ورهيه ٻي ٻه سزا مليس، ۽ قانون موجب ٻٽا زنجير پيرن ۾ پيس. اهي ڪل ٽيا تيرنهن ورهيه، جي هاڻ هن قيد ۾ ڪاٽڻا هئا. ڏهين ورهيه، هن وري ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، پر تڏهن به مطلب حاصل نه ٿيس ۽ انهيءَ لاءِ ٽي ورهيه ٻيو به قيد مليس - هي ٿيا سورنهن ورهيه. ڀڇاڙيءَ ۾، تيرهين سال، هن وري ٻه ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، پر چئن ڪلاڪن جي اندر پڪڙجي پيو. انهن چئن ڪلاڪن جي آزاديءَ بدلي هن کي ٽي ورهيه ٻيا ٻه قيد مليا. اهڙيءَ ريت ڪل اڻويهه ورهيه سزا ڪاٽي، 1851ع ۾ آزاد ٿيو.اها سموري سزا هن هڪڙيءَ ڊبل روٽيءَ چورائڻ جي ڏوهه ۾ ڪاٽي، ۽ اُها چوري هن ڏاڍيءَ بک تنگيءَ ۾، پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀاڻيجن جي پيٽ ڀرڻ لاءِ لاچاريءَ ڪان ڪئي هئي.

جڏهن جين وليجان ٻهرين قيدخاني ۾ ويو، تڏهن رئندو ويو ۽ جڏهن اتان ڇٽو، تڏهن ملول ۽ غمگين ٿي نڪتو. پر انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته جيسين جيل ۾ هو، تيسين هو نهايت همت ۽ مردانگيءَ جا ڪم ڪندو هو: اهڙا عجيب غريب ڪم ڪندو هو، ايترو بار کڻندو هو، ايتري چالاڪي ۽ ڦڙتائي ڏيکاريندو هو، جو ڪو ٻيو قيدي يا ٻيو ماڻهو يا گهڻا گڏجي ٻه مشڪل سان اهڙو ڪم ڪري سگهندا هئا- هو بدن ۾ مضبوط هو، ۽ ڏاڍي سگهه هوندي هئس. چڙهڻ ۽ لهڻ جي چالاڪي وري اهڙي هيس، ۽ اهڙي اٽڪل ياد هئس. جو سنئينءَ ڀت تي ٻه نوريئڙي وانگر چڙهي ويندو هو، ۽ وڏين ٻه ماڙ - ٺماڙ عمارتن جي چوٽيءَ تي وڃي نڪرندو هو. ڳالهائيندو ٿورو هو- ڪليائين ته عمر ڪين - هميشه خيال ۾ رهندو هو، ڄڻ ته ڪي خوفناڪ ٻهه پيو پچائي. ماڻهن ڪان، خاص زماني جي سڌريلن ماڻهن ڪان نفرت هوندي هيس. سمجهندو هو ته آءٌ مصيبتن لاءِ پيدا ٿيو آهيان، ۽ هميشه انهن لاءِ تيار رهندو هو. سرڪار ۽ سرڪاري قاعدن کي ڌڪاريندو هو. مطلب ته انسانذات ڪان بيزار هوندو هو.

۽ جيئن سندسُ پاس يا پيلي رنگ جي سرٽيفڪيٽ ۾ ڏيڪاريل هو. تيئن خوفناڪ ماڻهو هوندو هو.

جيل مان اوٿيهن ورهين جي سخت قيد کان پوءِ ڇٽڻ ڪري، هو پهرين خوش برابر ٿيو. پر جيڪا پيلي پاس ملي هيس ۽ جا هن کي سيڪنهن ماڻهوءَ، خاص پوليس وارن ۽ ٻين سرڪاري عملدارن کي ڏيکارڻي هئي ۽ جنهن ۾ هن جي نامي گرامي بدمعاش ۽ خوفناڪ ماڻهوءَ هئڻ جي ثابتي لکيل هئي، تنهنڪري هن پاڻ کي اجا بہ دائمي قيدي ٿي سمجهيو. قيد ۾ پنڻ ۽ ٻين طريقن سان هن کي ٿورا پئسا ڪمايا هئا، جي ڇٽڻ مهل هن کي ڏنا ويا. اهي هڪ سؤ نَو ربيا ۽ پندرنهن آنا هئا. نڪرڻ کان پوءِ وجي هڪڙي هنڌ بار کڻڻ جي مزدوري ڪرڻ لڳو، انهيءَ لاءِ تہ کي زياده پئسا ڪري، پر جتي ڪٿي هن کان پيچا ٿيندي رهي، ۽ هو پيلي پاس ڏيکاريندو رهيو. ڪمائيءَ ۾ بہ پوري مزدوري نہ ٿي مليس، ۽ ٻين کان گهٽو گهٽ ٿي مليس. جي تڪرار ٿي ڪيائين تہ پيليءَ پاس جو اشارو ڏيئي دڙڪو ٿي ڏنائونس تہ: "وري جيل ۾ پوڻ جي خواهش ٿي اٿئي ڇا؟"

انهيءَ طرح هن سان سختي ٿيڻ لڳي، ۽ سندس حق ڦرجڻ لڳو، جنهنڪري انسان ذات ڏي - خاص ڪري زماني جي مطلبي ۽ فريبي ماڻهن ڏي سرڪاري عملدارن ڏي، روز بروز نفرت گهٽي ٿيندي ويس.

انهيءَ طرح جين وليجان رلندو رلندو، پنڌ ڪندو اچي انهيءَ هنڌ نڪتو، جتي چارلس مريل پادري رهندو هو ۽ جتي پڻ ڏڪا ڪائي اچي هن جي گهر آسودو ٿي ستو. رات جو ٻين بجي جاڳيو، ديول جي گهڙيال ٻن جا نڪاءَ وڃايا. هو ساري عمر اهڙي هنڌ تي نہ ستو هو، تنهنڪري ڇئن ڪلاڪن جي گهاٽي ننڊ ڪري ٽڪ پڳائين، ۽ تازو توانو ٿي اٿيو. هن وري بہ سمهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ننڊ اصل نہ آيس ۽ خيالن تي خيال اچي دل ۾ ڊوڙڻ لڳس. نيٺ هڪڙو خيال زور وارو پيدا ٿيس، جنهن ٻين خيالن کي پڇائي ڪڍيو. پادريءَ جي ماني ڪائڻ واري جاءِ ۾ چانديءَ جا ٿانوَ ۽ ڪانٽا ڇُريون ڏٺيون هئائين، انهن تي دل سرڪيس. جاءِ پري ڪين هئي، ۽ سڀ ماڻهو ستا پيا هئا. ساري سامان جو ملهہ اٽڪل ٻن سون فرينچ ربين جيترو هو، يعني، جيڪي پئسا وٽس هئا تن کان ٻيڻا. انهيءَ لالچ جي روڪڻ جي گهٽي ڪوشش

ڪيائين، پر اها روڪجي نہ سگھي. ڳُٽيون ڪائي ڪائي نيٺ اٿيو، جيتوڻيڪ بتي ڪا نہ ٿي ٻري، تہ بہ گھڻي اونداهي نہ هئي، ٻاهر چانڊوڪي هئي ۽ ڪڪر چنڊ جي اڳيان ذري ذري پئي لنگھيا، جي هن پنهنجي لاءِ بهتر سمجھيا. نيٺ هو دري ٽپي انهيءَ جاءِ ۾ ويو، چانديءَ جو سامان پاسي واريءَ ميز تي رکيو هو- آهستي آهستي اهو سڀ سامان ويڙهي ڪنيائين ۽ پنهنجو بغل ٿيلهو بہ ڪنيائين ۽ لڪڻ بہ. ٿيلهي ۾ هڪڙو ڇهنبيارو لوهہ جو ڪِلو بہ هئس، جو ڪلفن پيچڻ يا ڪن ٻين ڪمن لاءِ هٿيار وانگي هو، سو بہ ساڻ هئس. انهيءَ طرح هو آهستي آهستي ٻاهر نڪري، باغ مان لنگھي، پٽ ٽپي هليو ويو.

صبح جو نوڪرياڻي اٿي ڏسي، تہ چانديءَ جا ٿانوَ ۽ ٻيو سامان جاءِ ۾ ڪونهي، ۽ مهمان بہ موجود نہ آهي. پڪ ٿين تہ اُهو ٿانوَ چورائي ڀڄي ويو. پادريءَ کي خبر ڏني وئي، انهيءَ باغ جي پٽ تي هن جي ٽپي وڃڻ جا نشان ۽ پيرا ڏنا ۽ ڪيس بہ انهيءَ ڳالهہ جي پڪ ٿي. سندس ڀيڻ توڙي نوڪرياڻي گھڻو ئي گوڙ مچايو، پر پادريءَ چين تہ: ”ڇگُو ٿيو جو اها شيءِ وئي، اها ڪا اسان جي ملڪيت هئي ڇا؟ اها غريبن ۽ مسڪينن جو حق هئي، اهڙي قيمتي شيءِ اسان کي رکڻ نہ گھربي هئي، اهو ويچارو مسافر غريب هو ۽ انهيءَ شيءِ جو حقدار هو. انهن ٿانون کان سواءِ ئي اسان جو گذر پيو ٿيندو.“

پادريءَ جو اهو واعظ ٻڌي، ڀيڻس تہ عادت موجب ڪٺي ماٺ ڪئي. نوڪرياڻي بہ ڪُرڪي ڪُرڪي بس ڪري ويهي رهي. مهل تي پادري ناشتو ڪائي هميشہ وانگر آرام سان پنهنجي رواجي ڪم ڪار ڪي لڳو، ڇڻ تہ ڪنهن بہ قسم جي واردات نہ ٿي آهي. اٿين ڪندي در ڪڙڪيو ۽ ٽي ماڻهو هڪڙي چوٿين شخص کي پڪڙي وٺي آيا- اهو چوٿون جين وليجان هو. هنن ٽن مان جيڪو پوليس عملدار هو، تنهن پادريءَ کي چيو تہ: ”اسان هن ماڻهوءَ کي شڪ ۾ جهليو آهي، هن سان چانديءَ جو سامان آهي. هيءُ چوي ٿو تہ: ”رات اوهان وٽ ٽڪيل هو ۽ هي سامان اوهان ڪيس ڏنو آهي“

پادري انهن کان اڳ ئي جين وليجان کي غمگين ۽ موڙهل ڏسي هن کي ڪينڪربازي ڪري چوڻ لڳو تہ: ”سائين، هي چانديءَ جون ٻتيون شمعن سميت جي تنهجي سمهڻ جي جاءِ ۾ رکيون هيم، سي تون ڇو ڇڏي وئين؟ اهي بہ تہ تو کي ڏنيون هيم!“

وري پوليس عملدار کي چيائين تہ: ”هي ماڻهو جيڪي چوي ٿو سو سچ ٿو چوي. هن کي ڇو جهليو اٿوَ؟ ڇڏي ڏيوس، هي چور ڪين آهي، غريب اشراف ماڻهو آهي!“

تنهن تي پوليس عملدار جين وليجان کي ڇڏي ڏنو، ۽ پاڻ ٻن ماڻهن سميت ٻاهر نڪري ويو.

جين وليجان پادريءَ جي هلت ڏسي شرمندو بہ ٿيو ۽ حيران بہ ٿيو. شرمساريءَ سببان نڪري ٿي ويو. تہ پادريءَ چيس: تہ ”ابا، هي ٻہ چانديءَ جون بتيون بہ کنيو وڃ- تو کي ڪم ايندئون!“ ائين چئي، ڊوڙي اهي بہ کڻي آڻي ڏنائينس. هو ڏڪندڙ هٿن سان اهي وٺي، اکيون هيٺ ڪري، سلام ڪري نڪريو ٿي ويو تہ پادريءَ وري چيس تہ: ”ابا، جيڪڏهن وري هتي اچين تہ پٺ نٽي نہ ايندو ڪر، سڌو در مان ايندو ڪر، رات هجي يا ڏينهن هجي، انهيءَ جو خيال نہ ڪر، منهنجو در هميشہ کليل آهي - هيءُ گهر پنهنجو سمجهي ڇڏ، ۽ جڏهن وڻئي تڏهن پيو اچ.“

جڏهن هو اٿي هلڻ لڳو، تڏهن بہ هن کي چيائين تہ: ”ابا، هڪڙي ڳالهہ ياد ڪج. پنهنجا پئسا يا جيڪي ٻيا پئسا هنن ٿانون مان پيدا ٿيندئي، سي سڄائي چڱي ڪم ۾ خرچجئين، اجائي يا گناهہ جهڙي ڪم ۾ متان وڃائين!“

جين وليجان تہ نڪري هليو ويو، پر هزارين خيال هن جي دل ۾ اچڻ لڳا، ۽ هن نيڪ پادريءَ جي هلت ۽ گفتگو ياد ڪري حيران ٿيو ٿي ويو. جيتوڻيڪ صبح کان وٺي ڪاڏو بہ ڪين هٽائين، ۽ تنگون پئي هنيائين تہ بہ انهن خيالن ۾ نڪا بک، نڪو ٿڪ معلوم ٿيس. جڏهن سج لهڻ کي ويجهو آيو، تڏهن هو هڪڙي وڏي جبل جي پاڙ ۾، هڪڙي ٻوڙي جي پاسي ۾ ويهي رهيو. شهر کان اٺ - نوَ ميل پري هو، اڳيان ٻرپٽ لڳو پيو هوس. ٿوري پنڌ تي هڪڙو چارو بہ پئي ويو، پر ماڻهو ڪو نہ هو، ماٺ لڳي پئي هئي. اوچتو پري کان ڏٺائين تہ هڪڙو فقير ڇوڪر، ڳائيندو ڪلندو پيچرن تان پيو اچي. جنهن ٻوڙي جي پٺيان جين وليجان لڪو وينو هو، اتي ڇوڪر اچي ڪيسي مان ڪي پئسا ڪڍي، انهن سان راند ڪرڻ لڳو، ۽ انهن کي اڇلائي جهٽڻ لڳو. ائين ڪندي هڪڙي پائلي ٽيڙ کائي ٻوڙي جي پٺيان وڃي پيئي ۽ جين وليجان اُنهيءَ تي ڪڙي پير ڏنو. ڇوڪر هن کي ڏسي ورتو ۽ پنهنجي پائلي گهريائينس. هن جواب ڏنس.

گهٽوئي زور ڪيائينس، پر جيـن لڪڻ ڏيکاري دڙڪا ڏنس. آخر هو ويچارو هليو ويو. ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن اونداهي ٿيڻ لڳي ۽ سيءُ پـوڻ لڳو، تـڏهن جين وليجان اتان اٿيو ۽ هلڻ وقت دل ۾ چوڪر تي قياس اچڻ لڳس. هن کي گهٽا ٿي سڏ ڪيائين، پانيائين تـہ پائلي موٽائي ڏئيس، پـر هن جواب ڪو نـہ ڏنو، پرتي نڪري ويو. هن کي پادريءَ جو هلڻ وقت وارو واعظ بـہ ياد پيو، ۽ هن جي نيڪيءَ واري هلت بـہ دل تي تري آيس. نيڪ ٿيڻ جا خيال برابر هاڻ دل ۾ اچڻ لڳا هئس. پر اجا برائيءَ جا خيال زور هئس - خود ڪيس بـہ ايتري پڪ ٿي تـہ هاڻ منهنجا خيال بهتر ٿيڻ لڳا آهن، پر گهٽـن ورهيـن جي عـادت ۽ بـري صحبت جو اثر اجا زور هو. ايترو ٿيو هو تـہ خراب ۽ ظلم جهڙي ڪم ڪرڻ کان پوءِ، هو هينئر پڇتائڻ ۽ پشيمان ٿيڻ لڳو، ۽ سندس دل ۾ مخالف خيالن جو جهيڙو شروع ٿيو هو، جو اڳي ڪڏهن ڪو نـہ ٿيو هو. انهيءَ جو اثر اهو ٿيو، جو هو ڪجھ وقت تائين پنهنجي گذريل حالت تي خيال ڪري، نندي ٻار وانگر ويهي روئڻ لڳو. انهيءَ ڪري پاڻ سندس دل ۾ روشنائي زياده ٿيندي ويئي ۽ جيڪي ڪم پاڻ اڳي يا پـادريءَ جي گهـر ڪيا هئائين، ۽ جيڪا مهربانيءَ جي هلت پادريءَ سـاڻس ڪئي هئي، ۽ جيڪـو هاڻ تـازو چوڪـر کـي نقصـان پهچـايو هئائين. اهي سڀ ڳالهيون سندس دل تي بار ٿـي پيون. دنيا جي بـي بقائي ۽ خدا جا موجزا ياد پوڻ لڳس. مطلب تـہ انهيءَ وقت هن رحمان جي مهربانيءَ سان شيطان کي ڏنو، ۽ بهشت جي نور ۾ دوزخ نظر اچڻ لڳس.

اهڙيءَ حالت ۾ هن اڌ رات تائين پئي رنو. پوءِ ڇا ڪيائين ۽ ڪيڏي ويـو تنهن جي خبر ڪانهي، پر پوءِ هڪڙي ٽپالي قاصد کان معلوم ٿيو تـہ هن انهـيءَ رات عصر جو ٽـي وڳـي مهـل، پادريءَ جي در جي ٻـاهران، ديـول وٽ، هڪـڙي ماڻهوءَ کي ڏٺو تـہ هٿ ٻڌيو، بندگي پئي ڪيائين، ۽ ذري ذري زمين تي سجدو پئي ڪيائين.

# باب ٽيون

انهن ڏينهن ڌاري، فرانس جي گاديءَ جي هنڌ پئرس ۾، ڪي چار جوان ماڻهو رهندا هئا، اهي پاڻ ۾ سنگتي هئا. ملڪ جي جدا جدا ڀاڱن مان اُتي پڙهڻ جي لاءِ آيا هئا. وچولي درجي جا ماڻهو هئا. انهيءَ وقت، انهيءَ شهر جي رسم موجب هر هڪ کي هڪ - هڪ جوان زال آشنا هئي. اُهي چار ڇوڪريون به پنهنجن آشنائن جي ڪري پاڻ ۾ سنگتياڻيون هيون، اُهي به ڀراڙيءَ جون غريب زالون هيون، ۽ منجهائن ٿي ته وڏيڪ خراب هيون، پر ڇوڪريون، جا سيني ۾ ننڍي هئي سا البت بهتر هئي ۽ ٻين جي صحبت ۾ تازي ڦاٽي هئي، تنهن جي دل ۾ سڌاري جي اجا جاءِ هئي، انهيءَ جو نالو فنٽائن هو. هوءَ ڪنهن جي ڌيءَ هئي کهڙي ڪٽنب جي هئي، ڪنهن اهو نالو ڏنس، تنهن جي ٻئي ڪنهن کي ته خبر ڪا نه هئي، پر خود ڪيس به خبر ڪا نه هئي. ننڍي هوندي ڪنهن شخص کي هٿ آئي، تنهن پالي وڏو ڪيس، ڏهن ورهين جي عمر ۾ هوءَ شهر ڇڏي ڀراڙيءَ ۾ پورهيو ڪرڻ ويئي. پندرهن ورهين جي عمر ۾ وري شهر ۾ نوڪري ڪرڻ يا ٻئي پورهئي ڪرڻ لاءِ آئي. هوءَ خوبصورت شڪل جي هئي. اتفاق سان انهيءَ جوان شاگرد سان هن جو لهه ٿي ويو، جنهن جو نالو "ٿالومئيس" هو. انهيءَ سان ڏاڍي محبت ٿي ويس، ۽ هن جي به ساڻس تمام گهڻي محبت هئي. اهو شخص پنهنجي سنگت ۾ هوشيار ۽ معتبر به هو ۽ دولتمند به هو، ۽ ٽيهن ورهين جي عمر جو هو. مائٽ ججها پئسا موڪليندا هئس، جنهنڪري هو تمام سکيو گذاريندو هو، پر گهڻي عيش عشرت ڪري اڪثر بيمار گذاريندو هو، ۽ هاضموبد ۽ ضعف رهندو هئس.

هڪڙي ڏينهن هي چارئي جوڙا جوڙ ڪري، ڪنهن ويجهي ڀراڙيءَ جي ڳوٺ ۾ وقت گذارڻ ويا. آچر جو ڏينهن هو. چئني آشنا دوستن پنهنجين ڇوڪرين کي چيو، ته اُتي اوهان کي هڪڙو اهڙو چرچو ڏيکاريندا سين، جو اوهين حيرت ۾ پئجي وينديون. پاڙي جي گاڏين ۾ چڙهي هو اُتي آيا. سارو ڏينهن ساوڪ وارن ميدانن ۽ گلن ۾ هنن رانديون ۽ چرچا گهڻا ڪيا، ڳايو وڄايو ۽ کاڌو پيتو. چئين - پنجين بجي ڌاري هڪڙي ويجهي هوٽل ۾ ويا،

جتي مانيءَ جو بندوبست ڪرايائون. سارو ڏينهن ڇوڪرين پئي پڇيو تہ: ”اهو حيرت جهڙو ڇرچو يا تماشو تہ اسان اجا ڪو نہ ڏٺو، اهو ڪهڙو آهي؟“ هنن ورنديءَ پئي ڏني تہ هاڻي جلد ٿيندو.

جيسين هوٽل ۾ مانيءَ جي تياري پئي ٿي، تيسين هنن ساهي پئي ڪنئي. هو چارئي جوان سنگتي انهيءَ عذر تي ٻاهر نڪري گهمڻ ويا تہ موٽي هلڻ جي لاءِ گاڏين جو ڪو بندوبست ڪري اچن. هنن کي ڇٽي ويا تہ اوهين تيار ٿيون وينيون هجو. هنن جي وڃڻ کان پوءِ ڇوڪرين پاڻ ۾ ويٺي راند ڪئي ۽ ڇرچا گهڻا ڪيا، ۽ حيرت جهڙي تماشي بابت خيالي ڏُکا هنيا. ڪلاڪ ڪن کان پوءِ، هوٽل جي هڪڙي نوڪر هڪڙو خط آڻي انهن ڇوڪرين کي ڏنو، ۽ چيائين تہ: ”هيءُ خط انهن چئن صاحبن ڏنو آهي، ۽ چيو اٿن تہ سندن وئي کان پوءِ، اهو پهچائي ڏج.“ ڇوڪريون اُهو خط وٺي، ڦاڙي پڙهڻ لڳيون. انهيءَ جو مضمون هيءُ هو:

”اسان جون پياريون - اسان جن مائٽن اسان ڏي لکيو آهي تہ هاڻ پٽرس ڇڏي پنهنجي وطن موٽي اچو. هتي اسان جا امتحان پورا ٿيا آهن، تنهنڪري اسين موٽي وڃون ٿا. هيترا ورهيہ اسان ۽ اوهان پاڻ ۾ خوش گذاريو، جيترو اسان کان پڇي سگهيو اوترو اوهان کي راضي رکيوسين، هاڻ اسين وڃون ٿا ۽ وري ڪنهن دنيا جي ڏنڊي ۾ لڳنداسين. هن جدائيءَ جو اوهان کي بہ اهڙو ڏک ٿيندو، جهڙو اسان کي، پر لاچار آهيون. اهو هو حيرت ۾ وجهڻ جهڙو ڇرچو يا تماشو، جو اوهان کي ڏيکارڻو هوسين. هوٽل ۾ مانيءَ جا پئسا اسان اڳيئي ڏيئي ڇڏيا آهن. خدا حافظ.“

(صحيون چئن ئي دوستن جون)

هيءُ خط پڙهي چارئي ڇوڪريون حيرانيءَ ۾ هڪٻئي جي منهن ڏي نهارڻ لڳيون. پوءِ ارمان ٿيڻ لڳن، پر سگهو ئي وري خيال ڪرڻ لڳيون تہ اها حرڪت هنن مان ڪنهن هڪ جي هوندي. نيٺ وڏيون ٿي تہ ڪلي ڳالهائي بي پرواهہ ٿي، پنهنجن دوستن کي وساري ويهي رهيون، ڇا لاءِ جو هنن انهن کان اڳي بہ گهڻن سان دوستي رکي هئي. پر فنٽائن جا سيني کان نندي هئي، ۽ جنهن ٿالوميس کي پنهنجي مڙس وانگي ٿي سمجهيو ۽ انهيءَ خيال سان ۽ دلاسي ملڻ سببان هن سان رشتو رکيو هئائين، تنهن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پنهنجي

ڪونيءَ ۾ وڃي روئي روئي اکيون ڳاڙهيون ڪري ڇڏيائين. وڏي ڳالهه اها تہ هن کي ٿالومئيس مان هڪڙو ٻار بہ ٿيو هو، ۽ اُها مزي جهڙي ڌيءُ هئي.

انهن ڏينهن ۾ پئرس شهر جي ويجهو، مانٽفرنيل نالي ڳوٺ ۾، هڪڙو مسافر خانو يا شراب خانو هوندو هو، جنهن جو مالڪ ٿينارديئر هو، جو پنهنجي زال جي مدد سان هوٽل جو ڌنڌو هلائيندو هو. مٿي جيڪا زالن جي ڳالهہ ٻڌائي ويئي، تنهن جي ٻئي سال، انهيءَ هوٽل جي ٻاهران ٻہ ننڍيون ڇوڪريون جي ٻن - ٽن ورهين جي عمر کان مٿي نہ هيون، سي پينگهہ ۾ پئي لڏيون ۽ سندن ماءُ ويٺي لوڏين، ۽ انهن کي ڏسي نهال پئي ٿي، جو هنن کي چڱا ڪپڙا پيا هئا، ۽ شڪل جون موچاريون هيون.

ائين ڪندي هڪڙي جوان زال، ٻن - ٽن ورهين جي عمر واري ڌيءُ کڻي تي ڪٽي، اوچتو اتي اچي نڪتي. اُها ڇوڪري هنن ٻن ڇوڪرين کان بہ وڌيڪ سهڻي ۽ وڻڻ جهڙي هئي، پوشاڪ بہ تمام چڱي پيل هئس، تنهنڪري زياده وڻندڙ هئي. هيءَ جوان زال پاڻ بہ نهايت خوبصورت هئي ۽ غريباڻا پورهيتن جهڙا ڪپڙا پيا هئس، ۽ ٻهراڙيءَ ۾ رهڻ واري ٿي ڏٺي. هن جي شڪل مان معلوم پئي ٿيو تہ ڏاڍي غمگين ۽ فڪرمند هئي، اها هئي فنٽائن.

ٿالومئيس جي وڃڻ کان پوءِ هوءَ ڏاڍن ڏکن ۾ گذارڻ لڳي، پنهنجو رواجي پورهيو ٿي وسري ويس. هن جي جدائيءَ ۾ هن کي حياتي گذارڻ مشڪل نظر آئي. لکي پڙهي ڪين ڄاڻيندي هئي، رڳو پنهنجي نالي جي صحيح وجهڻ ڄاڻندي هئي. مڙس ڏي ٻہ - ٽي پيرا خط لکائي موڪليائين، پر جواب ڪونہ آيس. هوءَ جيتوڻيڪ خراب ڪم ڪري ويٺي هئي، تہ بہ اجا منجهس حيا ۽ نيڪي، موجود هئي. خيال ۾ آيس تہ ڪانئس توڙي سندس ٻار کان ماڻهن کي ضرور نفرت ايندي ۽ هو ڪلندا. پاڻ تہ قصور ڪرڻ ڪري اهي جنيون سهي ويندي، جيتوڻيڪ انهيءَ لاءِ پشيمان گهڻي هئي پر سندس معصوم ٻار ڪهڙو گناهہ ڪيو هو، جو وڏي هوندي ناحق اهڙي بي آبروئي-ڪٽي، ۽ اهڙيون جنيون سهي. هوءَ ٻار کي ايترو پيار ڪندي هئي، جو پورهيو ڪري پاڻ ساده ڪپڙا ڍڪيندي هئي ۽ سادو کاڌو کائيندي هئي، پر پنهنجي ٻار کي ريشم جا ڪپڙا ڍڪائيندي هئي، ۽ ناز سان پاليندي هئي. جيڪي ٿيڙ هئس سي وڪڻي ٻہ سوءَ رپيا پيدا ڪيائين، ۽ انهن مان پنهنجو قرض لاهي باقي اسي رپيا پاڻ وٽ

بچايائين. هوءَ ٻاويهن ورهين جي عمر ۾، اهڙي حالت ۾ ٻئرس ڇڏي، پنهنجي ڌيءُ کي ڪٺي، ٻهراڙيءَ ۾ پورهيي ڪرڻ لاءِ نڪتي. ڏکن ڏوجهرن ڪري ۽ ٻار کي ڪير پيارڻ ڪري ضعيف ٿي ويئي هئي، ۽ ڪنگهه به ٿي پيئي هئس. پنڌ ڪري ساهيون ڪٺي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن واٽ سان ويندڙ بار گاڏين تي چڙهي، ٻنپهرن ڌاري ٿيناردييئر واريءَ هوٽل وٽ اچي نڪتي، ۽ ان جي زال کي پنهنجن ٻن ٻارن سان راند ڪندو ۽ کين پينگهه ۾ لوڏيندو ڏسي، ٻيهي ساڻس ڳالهائڻ لڳي. هن کي پنهنجو سارو حال ٻڌائين، پر جيڪا لڄ جهڙي ڳالهه هئي، سا لڪائي ٻي مناسب ڳالهه ناهي ٻڌايائين. ايتري ۾ اهي ڇوڪريون به پينگهه ڇڏي اچي هن جي ڇوڪريءَ سان راند ڪرڻ لڳيون. ڇوڪريءَ جو اصل ڇائي ڇم جو نالو يُوفريسي هو، پر ماءُ هن کي ڪاسيٽ سڏيندي هئي.

ٽيئي ڇوڪريون، جو پاڻ ۾ راند ڪرڻ لڳيون، سو اهڙيون پئي لڳيون جو ڄڻ ته سڳيون ڀيڻون هيون ۽ ڇائي ڄم کان هڪٻئي جون واقف هيون. ٻن ڇوڪرين جي ماءُ ٻارن کي ڏسي خوشي ظاهر ڪئي. تڏهن وجهه وٺي فنٽائن هن کي چيو ته: "مائي، تون منهنجو ٻار وٺي پاڻ وٽ رکي پالينديءَ؟ مون کي پئرس جهڙي وڏي شهر ۾ ننڍڙو ٻار ڪٺي، پورهيي ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿي ٿئي! مون کي اوچتو خدا تنهنجي گهر تائين آندو. جتي مون توکي ۽ تنهنجن ٻارن کي ڏٺو، تون رحمدل ۽ مهربان ٿي ڏسجين، ۽ مون وانگي ننڍڙن ٻارن واري آهين. توکي مهنجي ٻار جي سنڀال ڪرڻ سولي ٿيندي. آءٌ غريب زال آهيان، ڇهه رپيا در مهيني تو کي پهچائيندي ويندس.

اِتي انهيءَ زال جو مڙس ٿيناردييئر به نڪري آيو، ۽ اها ڳالهه ٻڌي چوڻ لڳو ته: "نه مائي، تمام ٿورو ته به ست رپيا درماهو ملڻ گهرجن، ۽ ڇهن مهينن لاءِ اڳواٽ پئسا وٺنداسين". فنٽائن چيو ته: "اهي ٿيا ٻائيتاليهه رپيا، سي حاضر، آءٌ اڳواٽ ڏيئي ڇڏيندس." هن ماڻهو چيو ته "تنهن کان سواءِ سترهن رپيا وڌيڪ به وٺنداسين" فالتو خرچ پکي لاءِ". فنٽائن چيو ته "اهي به آءٌ ڏيندس— ڪُل سٺونجاهه رپيا ٿيا. مون وٽ اسي رپيا آهن، باقي جيڪي بچندا سي مون لاءِ ڪافي آهن. آءٌ موٽي پئرس ڏي پيادي ويندس، ۽ اُتي وڃي پورهيو ڪندس. جڏهن پئسي جو زور ڏسنديس، تڏهن موٽي اچي پنهنجو ٻار ڪٺي ويندس."

اتي ٽينارديئر وري وڏيڪ طمع رکي چيو تہ: ”هن ٻار جا ڪپڙا بہ هوندا، سي بہ اسان کي ملڻ گهرجن.“ فنٽائن ورندي ڏني: ”هائو، مون هن جا گهٽيئي مزي مزي جهڙا ڪپڙا جوڙي رکيا آهن. جي مون سان هن ٿيلهي ۾ آهن. آءُ اهي خوشيءَ سان اوهان کي ڏينديس.“ ائين چئي، ٿيلهو کولي، عمدا عمدا ريشم ۽ پشم جا ننڍا ڪپڙا ڪڍي هن جي حوالي ڪيائين، ۽ پوءِ پاڻ موڪلائي ٻار کي چميون ڏيئي، هنن جي حوالي ڪري نڪري ويئي، پر ڪجھ وقت تائين هلندي هلندي ڏک کان روئندي ڳوڙها ڳاڙيندي ويئي.

هن جي وڃڻ کان پوءِ ٽينارديئر زال کي چيو تہ: ”ٻائي، ڏاڍو چڱو ٿيو. هڪ سؤ ڏهہ رپيا اڌارا ڪنيا هئم ۽ سپاٽي هنن جو مدو پورو ٿيٺو هو. اهو قرض انهن پئسن مان لاهينداسين. گهر ويٺي خدا سبب ڪيو!“

ٽينارديئر اصل سپاهي ماڻهو هو. ۽ ڪن جنگين ۾ بهادري سان وڙهيو بہ هو. زال ڪانئس ڏهہ - پندرهن ورهيہ ننڍي هئي، ٻيئي هڪ جهڙا شوخ طبعيت ۽ لالچي ماڻهو هئا. بہ ڌيئرون هين: وڏيءَ جو نالو اپونائن هو، ۽ ننڍيءَ جو ازلما. گذران جي لاءِ شراب جو دڪان کوليو هئائون. پر ان مان فائدو ڪو نہ ٿي ٿين. هر مهيني هتان هتان ٿورو گهڻو قرض بہ پئي ڪنيائون ۽ واري سان لاٿائون بہ پئي. هن مهيني خدا گهر ويٺي پاونجاهہ رپيا ڏيارين. زال ويچاري جا ڪپڙا وچي ڪتي ڳهہ رکي، سٺ رپيا وٺي آيو. جڏهن اهي پئسا کپي ويا، تڏهن هنن ارادو ڪيو تہ اڳتي هن ڇوڪريءَ جي وسيلي يا عذر تي پئسا ڪڍندا وڃجن. جو چاتائون ٿي تہ ماڻس جو هن سان گهڻو پيار آهي ۽ هوءَ شايد پئسي واري بہ آهي ۽ ڪمائي واري بہ آهي. هھڙن ظالم ۽ لالچي ماڻهن وٽ سڳهو ٿي اها ويچاري ڇوڪري ڏکن ۾ گذارڻ لڳي. ڪاڏو پورو نہ ملندو هئس. اوڙي پاڙي جي در تان ٽڪر پنندي وتندي هئي. ڪپڙا ميرا ۽ ڦاٽل هوندا هئس. هنن جون ٻئي ڌيئرون ڪايو پيئو مزي سان پيون گذارينديون هيون.

فنٽائن وقت بوقت خط لکائي هنن ڏي موڪليندي هئي، ۽ ٻار جو حال احوال پڇائيندي رهندي هئي ۽ هر مهيني مقرر ڪيل پئسا موڪليندي رهندي هئي. پنهنجي رهڻ جو پتو هنن کي ڏيئي ڇڏيو هئائين، جتي هوڏانهنس خط پٺ لکندا هئا، ۽ هميشہ لکندا هئا تہ سندس ڇوڪري خوش چڱي ڀلي آهي. پر حقيقت ڪري ائين نہ هو. هوءَ ڏاڍي ڏکي هئي. هي هن کي ڪاڏو ۽ ڪپڙو تہ

پورو نہ ڏيندا هئا. پر جيئن وڏندي تي ويئي تيئن گهر جو سمورو ڪم ڪار بہ هن کان ڪرائيندا هئا- جيئن تہ بهاري ڏيڻ، ٿانوَ ڌوئڻ، پاڻي ڀرڻ وغيره. تنهن کان سواءِ ٿوريءَ گهٽيءَ ڳالهہ تي هن کي ماريندا هئا. ۽ گهٽ وڌ بہ ڳالهائيندا هئا. ماءُ - پيءُ کي ڏسي هُو ڇوڪريون بہ هن ويچاريءَ کي ستائينديون هيون.

انهيءَ هوندي بہ هو ڇوڪريءَ جي ماءُ کي لکندا هئا تہ ڇوڪري هاڻ وڏي ٿيندي وڃي، گهڻو تي ڪائي ۽ بهتر ٿي هندائي، تنهنڪري سٺ رپيا خرچ لاءِ پورا ناهن، وڌيڪ موڪل، نہ تہ اسين هن کي موٽائي تو ڏانهن ٿا موڪليون. هوءَ ويچاري ڪي خوشيءَ کان ڪي ڊپ کان پئسا وڏائيندي ويئي، تان جو وڃي پنڌرنهن رپيا ماهوار رقم ٿي، جا هن کي هر مهيني موڪلڻي ٿيندي هئي. ماڻهو سمجهندا هئا تہ ڪا زال پنهنجي ڌيءُ هنن کي پالڻ لاءِ ڏئي وئي آهي، ۽ هي خدا ڪارڻ ڇوڪريءَ جي پرورش ڪن ٿا، تنهنڪري سندن تعريف ڪندا هئا. هيڏانهن هنن بہ هي زال مڙس کي ڪي شڪ پيو هو، ڪي پڇا سان معلوم ڪيا هئائون تہ اها ڇوڪري حرام مان ڄاول آهي ۽ ماڻس شرم کان ڳالهہ لڪائي، اسان وٽ ڇڏي ويئي آهي، تنهنڪري پاڻ وڃهہ وٺي دڙڪي تاب سان فنٽائن کان ڏاڍو پئيندا ڪائيندا هئا. پنڌرهن رپيا درماهو، هوءَ ويچاري هر مهيني پهچائي نہ سگهندي هئي، ۽ ڪڏهن تہ ٻہ - ٻہ، ٽي - ٽي مهينا رهجي بہ ويندا هئس.

اهڙين تڪليفن ۾ ڏکن هوندي بہ ڇوڪري وڏي ڇهن - ستن ورهين جي اچي ٿي، ۽ اهڙي خوبصورت ٿي جو جيڪر هاڻ خودسندس ماءُ بہ نہ سڃاڻي سگهيس ها. جيتوڻيڪ غمگين رهندي هئي ۽ اڪثر بيمار بہ گذاريندي هئي.

فنٽائن پنهنجو ٻار هنن وٽ ڇڏي پنهنجي وطني شهر ۾ اچي رهڻ لڳي هئي، جنهن جو نالو ايمسرام هو ۽ انهيءَ هنڌ جو پنهنجي ڌيءُ جي سنڀاليندڙن کي پتو ڏنو هئائين، جتي هو خط پٽ پيا موڪليندا هئس. اهو شهر اصل ننڍو هو، پر ٿورن ورهين کان انهيءَ ڏاڍو زور ورتو ۽ منجهس ڪچ جي سامان جو وڏو ڪارخانو هو: ڪچ جا ڪارا موتي، مٽيا ۽ ٻيا ڪوڙا زيور جڙندا هئا. انهيءَ ڪارخاني ۾ هزارين زالون ۽ مڙس ڪمائيندا هئا. فنٽائن بہ ڪمائيندي هئي. اُهو واپار انهي هنڌ هڪڙي پرديسي ماڻهوءَ اچي وڌو هو، جنهن ڪي مدبلين جي نالي سان سڏيندا هئا. پهرين هن ٿورو واپار هلايو، پر پوءِ وڌائي

وجي وڏو ڪارخانو ڪيائين، جنهن مان هزارين رپيا اپائڻ لڳو. هن ماڻهوءَ انهيءَ واپار ۾ نہ رڳو هزارن غريبن جو گذران پيدا ڪري وڌو هو، پر عام خلق جي فائدي لاءِ بہ ڪيترائي فيض جا ڪم ڪيا: جيئن تہ هنن جي تعليم تي، دواخانن تي، ۽ بين ڪيترن خيراتي ڪمن تي هزار خرچيائين. ڪارخاني ۾ مڙس ڏار ۽ زالون ڏار ڪمارائيندو هو، تہ پلي هو نيڪ رهن ۽ پاڻ ۾ گڏجڻ سان خرابي پيدا نہ ڪن. هن جي هي فيض رساني ۽ مهرباني جي هلت ڏسي نہ رڳو ماڻهو هن کي تعظيم ڏيندا هئا ۽ پيار ڪندا هئا، پر سرڪار بہ هن کي مانُ ڏيندي هئي. هو اٽڪل پنجاهہ ورهين عمر جو هو، ۽ تمام رحمدل ۽ قياس وارو هو. مزدورن کي رواجي اجوري کان زور ڪري گهڻو ڏيندو هو، ۽ ٻي بخشش تنهن کان سواءِ ڪندو هو. مطلب تہ انهيءَ هنڌ هڪڙو نئون شهر ٻڌجي ويو، جنهن جو مالڪ مدبلين هو.

ڪجھ جي سامان جي نئين هنر ڪڍڻ ڪري ۽ ماڻهن کي فيض رسائڻ ۽ خيراتي ڪمن ڪرڻ ڪري مڪاني عهديدارن جي سفارش تي سرڪار هن کي هڪ وڏو لقب بہ آڇيو ۽ شهر جو ميئر يا مئجسٽريٽ بہ ڪيو. پر مدبلين سرڪار جي شڪر گذاري ڪري انهيءَ لقب ۽ آبروءَ جي عهدي وٺڻ کان انڪار ڪيو. انهيءَ ڪري سڀ ماڻهو حيران ٿي ويا ۽ پاڻ هن جي نماٽائيءَ ۽ نهنائيءَ ڪري سندس گهڻي تعريف ڪرڻ لڳا. ڪن ورهين کان پوءِ هن جي گهڻي ناموس ۽ فياضي ڏسي سرڪار وري بہ بهتر خطاب ۽ ميئر جي جاءِ آڇيس، پر هن وري بہ انڪار ڪيو. جڏهن شهر جي ملڪي توڙي بين ڪاتن جي حاڪمن کيس زور ڪيو، تڏهن لاچار هن ميئر يا مئجسٽريٽ ٿيڻ قبول ڪيو.

انهيءَ عهدي جي جوابداري هو ڏاڍيءَ رحمدليءَ ۽ انصاف سان ڪرڻ لڳو. ۽ ڪاڏو ۽ پوشاڪ، ۽ ٻي هلت چلت هميشہ واري سادي رکندو آيو. ڪتابن پڙهڻ ۾ گهڻي مشغولي رکندو هو. بين جي تعليم جي گهڻي نظرداري ڪندو هو. بندوق کڻي شڪار تي ويندو هو، پر ڪنهن پکيءَ يا جانور کي مارڻ لاءِ دل نہ چوندي هيس ۽ اڪثر خالي هٿين موٽي ايندو هو. جيتوڻيڪ عمر جو پڪو هو تہ بہ ڏاڍو محنتي ۽ زور وارو هو، اهڙو جو ڪي ٿورا جوان، اهڙي ورزش ڪري سگهندا هئا: پنڌ گهڻو ڪري سگهندو هو، ۽ ڳوٺن مان لنگهندي سندس چوڌاري مڙس ۽ زالون ۽ ٻار اچي مڙندا هئا، تن کي نصيحت ڪندو هو ۽

محبت سان پيش ايندو هو، ۽ غريبن ۽ بيمارن کي پئسي جي يا کا ٻي مدد ڪندو هو. انهيءَ رستي هن انهيءَ هنڌ ۽ آسپاس جا غريب ماڻهو ڏاڍا سڌاريا: زميندارن کي آبادي ڪرڻ جو بهتر هنر سيکاريائين. ڪاسبين کي ٻيءَ طرح جا سڌارا ٻڌايائين ڪڏهن ڪڏهن رات جو غريبن جي گهرن ۾ ويندو هو، انهن جو حال احوال وٺندو هو ۽ خرچي ڏيندو هون. ڪڏهن ڪڏهن ته جيڪي غريب اشراف سُجهندا هئس تن جي غير حاضريءَ ۾ سندن گهرن ۾ وڃي ميز تي سونيون مهرون رکي ايندو هو، ۽ هو اهي مهرون ڏسي ڇاٽندا هئا، ته اها اسان جي مهربان ميئر جي بخشش آهي.

انهن ڏينهن ۾ اخبار ۾ پادري چارلس مريل جي مرڻ جي خبر پڙهڻ ۾ آئي، ۽ انهيءَ جي گهڻي تعريف لکيل هئي. اها خبر پڙهي مڊيلين کي ڏاڍو ڏک ٿيو، ۽ ماتم ڪرڻ لاءِ ڪارا ڪپڙا ڍڪيائين. شهر جي ماڻهن کي اهو گمان گذريو ته اُهو پادري سندن ميئر جو ويجهو مائٽ هو. انهيءَ ڪري پاڻ ميئر جي نسبت ۾ ماڻهن جو بهتر گمان ٿيڻ لڳو، ۽ پڪ ڄاتائون ته هيءُ به ڪنهن پادري خاندان منجهان آهي، تنهنڪري اهڙو نيڪ، رحمدل ۽ خلق جو خيرخواهه آهي. هنن جي پڇا ڪرڻ تي پاڻ ظاهر ڪيائين ته ننڍي هوندي آءٌ هنن جي گهر ۾ نوڪر هئس.

شهر جا سڀ ماڻهو انهيءَ ميئر کي تعظيم ڏيندا پيار ڪندا هئا، پر رڳو هڪڙو ئي ماڻهو هو جو هن جي برخلاف تي ڏنو ۽ جنهن کي هن جي تعريف نه وڻندي هئي. هميشه هن کي ڏسي گُهور وجهيو پيو هن ڏي نهاريندو هو، ۽ ڏند ڪرٽيندو هو: اڪثر هن ڏي نهاري نهاري چوندو هو ته: ”هيءُ ڪير شخص آهي؟ مون کي پڪ آهي ته مون هن کي اڳي ڪٿي ڏٺو آهي. هن جا مهاندا مون کي دل سان لڳن ٿا. پلي ٻيا هن کي جيئن وڻين تيئن سمجهن ۽ مانُ ڏين، پر آءٌ اهڙو جلد هن جي دام ۾ نه ايندس.“

اهو شخص هڪڙو پوليس انسپيڪٽر هو ۽ سندس نالو ”جاورٽ“ هو. هو قداور مڙس هو ۽ ڏندو هميشه هٿ ۾ هوندو هئس ۽ ڏاڍو شوخ ۽ زبردست ماڻهو هو. هن جو پيءُ به هڪڙو جهونو قيدي هو ۽ سندس ماءُ پڻ هڪڙي فقيرياڻي هئي. هو ڄائو به جيل ۾ هو. وڏو ٿيو تڏهن پوليس کاتي ۾ وڃي نوڪر ٿيو. چالاڪيءَ جي ڪري درجي بدرجي چڙهندو ويو ۽ چاليهن ورهين جي

عمر ۾ انسپيڪٽر ٿيو. شروعات ۾ ٽولون واري شاهي جيل ۾ به نوڪري ڪئي هئائين، جتي وڏا وڏا قيدي رهندا هئا. هو هر طرح پوليس جي نوڪريءَ ۾ جاسوس هئڻ جو لائق هو. انهن جا سڀ هنر هن کي ياد هئا ۽ گهڻي آزمودي ڪري هوشيار شمار ۾ ايندو هو. سڀ بدمعاش هن کان ڏڄندا هئا. هن جي هميشه مديلين ميئر ۾ اک هوندي هئي، پر هن کي سندس کو به خيال ڪو نه هوندو هو. هُن سان ٻين وانگي مروت ۽ مهربانيءَ سان هلندو هو، جنهنڪري جاورٽ پاڻ حيران ٿيندو هو.

اتي جي ماڻهن ۾ هڪڙو ٻيو به شخص هو، جنهن جي مديلين سان اُٿبٺت هوندي هئي. انهيءَ جو نالو 'فاشل ونٽ' هو. هو واپاري ماڻهو هو، جڏهن مديلين انهيءَ شهر ۾ اچي پنهنجو ڌنڌو ڪچ جي مڻين جو کوليو، تڏهن هن جي ڌنڌي کي شڪست اچي ويئي ۽ نيٺ هن ڏيوالو ڪڍيو. نئون آيل واپاري زور وٺندو ويو ۽ آخر دولتمند ٿي ويو. انهيءَ ڪري هن ڏي ڏاڍو حسد ۽ وير رهندو هوس. آخر فاشل ونٽ اهڙو غريب ٿي ويو، جو بار جي گاڏيءَ تي مزدوري ڪندو وتندو هو.

هڪڙي ڏينهن اهڙو اتفاق ٿيو جو گهوڙو ٿاٻڙجي رستي تي ڪِري پيو، گاڏي اونڌي ٿي پيئي، ۽ فاشل ونٽ گاڏيءَ جي هيٺيان اچي ويو. اهڙي حال ۾ هو، جو سندس پاسريون ڀڄڻ تي هيون، ۽ هن کي پنهنجيءَ جان جو خوف هو. ماڻهو اچي گڏ ٿيا. پوليس انسپيڪٽر جاورٽ به اچي اُتي نڪتو. گهڻائي زور لاتائون پر گاڏيءَ کي اٿلائي يا مٿي ڪري نٿي سگهيا، آخر ماڻهو موڪليائون ته بار کڻڻ جي ڪَل گهلي اچن، پر اها پريرو هئي ۽ انهيءَ جي اچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ لڳي وڃي ها. ائين ڪندي ميئر مديلين به هوا کائيندو انهيءَ رستي تان اچي لنگهيو، ۽ هيءَ حالت معلوم ڪري ڏاڍو ارمان ٿيس. ويهه مُهرون انعام آڇيائين ته ڪو گاڏيءَ هيٺان وڃي ٽريون زمين تي کوڙي، پٺن سان گاڏي مٿيري ڪري ته فشل ونٽ ٻاهر نڪري اچي، پر ڪنهن کي به ايتري همت ڪا نه ٿي ٿِي. جاورٽ انسپيڪٽر جنهن ميئر ڏي نهاري چيو ته: "مون کي رڳو هڪڙو ماڻهو سُجهي ٿو جو اهو ڪم ڪري سگهي، اهو ٽولون جي جيل ۾ هڪڙو قيدي هوندو هو، جو ڏاڍو زور ڀريو هوندو هو. اُهو هجي ته جيڪر اهو ڪم آسانيءَ سان ڪري سگهي." اهي لفظ ٻڌي ميئر صاحب جو چهرو ئي ڦري ويو.

انهيءَ وچ ۾ هو ويچارو گاڏيءَ وارو دانهون ڪرڻ لڳو ته: "مون کي ڪڍو،

نہ تہ آءٌ بار هيٺ مران ٿو." ماڻهو لاچار اچي ٿيا، ڪَل جي اچڻ ۾ اجا دير هئي، ۽ ويهن مهرن جي انعام تي بہ ڪو ويجهو نتي آيو. نيٺ اوچتو ئي اوچتو ميئر مدبلين ڪوٽ لاهي، ٻانهون ڪُنجي گاڏيءَ هيٺان پيٽ ڀر لنگهي ويو، ۽ ٽريون ڪوڙي زور جو ڏنائين گاڏي مٿيري ٿي ويئي، ۽ گاڏيءَ وارو نڪري ٻاهر ٿيو، ميئر ڪي پيرين پئي، هن جا هٿ چمڻ لڳو، ۽ هن ڪي پنهنجي جان بچائڻ وارو سڏيائين. مدبلين رحم ڪري پنهنجو درجو ۽ ٻيا سڀ خيال وساري، هڪڙي پاڻ جهڙي غريب انسان کي موت جي چنبي مان ڇڏايو. جيتوڻيڪ هو سندس بدخواه هو ۽ پاڻ هيتري تڪليف سٺائين، تنهنڪري سندس دل ڏاڍي خوش هئي ۽ سندس چهري ۾ خدائي نور پئي بکيو. پر جاورٽ ڏي جو نهاريائين تہ انهيءَ جون اجا بہ منجهس اکيون هيون، ۽ البت دل ۾ ڪندو لڳل هوس.

ٻڍي فاشل ونٽ کي گوڏي ۾ سخت ضرب رسي هئي ۽ گوڏي جي ڍڪڻي لهي پئي هيس، تنهن ڪي مدبلين پنهنجي خانگي ڪارخاني واري اسپتال ۾ ڪٽائي ويو، ۽ اُتي سندس خدمت چاڪري پوريءَ طرح ڪرائي ويئي. رات جو هن اُتي سمهي آرام ڪيو. صبح جو اُتي وهاڻي جي هيٺان ڏسي تہ هزار رپيي جو نوٽ رکيو آهي، ۽ مدبلين جي هٿ اکرين ۾ سندس صحيح سان هڪڙو ڪاغذ جو ٽڪر بہ رکيو آهي، جنهن تي لکيل آهي تہ "تنهنجي گاڏي ۽ گهوڙو مون خريد ڪيا آهن، هي انهن جو مُلهہ آهي." گاڏي اهڙي هئي جا پچي ٽڪر ٽي پيئي هئي، ۽ گهوڙو پڻ اڌ مئل هو. فاشل ونٽ نيٺ ڪن ڏينهن بعد چـُـٽي چڱو ڀلو ٿي اُٿيو، پر ٽنگ ۾ منڊ رهجي ويس. آخر مدبلين جي سفارش سان هن کي پئرس شهر جي پسگردائيءَ ۾ هڪڙي زناني خانقاه يا عيسائي مڙهيءَ جي باغ جي نگهبانيءَ جي جڳهہ ملي.

انهيءَ کان پوءِ جاورٽ انسپيڪٽر اڪثر ڪري مدبلين کان پاسو ڪندو وتندو هو، جڏهن لاچار ٿيندو هو ۽ ڪو ڪيس سندس ڪورٽ ۾ آڻيندو هو تڏهن سو ايندو هو، نہ تہ نہ. انهيءَ وقت بہ سندس دل ۾ اهڙا خيال هوندا هئا، جهڙا ڪُتي کي پوشاڪ بدليل بگهڙ کي ڏسي ٿيندا آهن.

# باب چوٿون

جڏهن فنٽائن مدبلين جي ڪارخاني ۾ ڪمائڻ لاءِ ويئي، تڏهن هن ڪي اتي جو ڪم نئون لڳو. پر پوءِ نهي ويئي، ۽ ڏاڍيءَ هوشياري سان ڪم ڪرڻ لڳي. زالن واري ڀاڱي ۾ هڪڙي ڪوٺيءَ ۾ رهندي هئي ۽ انهيءَ ۾ مسواڙ تي موچارو سامان وٺي وڌو هئائين. مزوري چڱي ملندي هيس. ڪپڙو گندي پوشيدو رکندي هئي. ظاهري ٻيو سڀ سک هئس، رڳو پنهنجي ڌيءُ ڪاسيٽ جي ڳڻتي هوندي هئس. خواريءَ جي ڪري ڪنهن کي ڪين ٻڌائيندي هئي ته آءٌ پرڻيل آهيان ۽ ٻار اٿم. 'ٿيناردييئر' ڏي مهيني ۾ ٻه خط پنهنجي ڌيءُ جي نسبت ۾ لکائي موڪليندي هئي، ۽ پئسا به هر مهيني موڪليندي رهندي هئي. انهيءَ ڪري ماڻهن کي اهڙو گمان رهندو هو ته هن زال جي ڪنهن سان لڪپڙه آهي. نيٺ خط لکڻ واري ڪان پڇا ڪري ڪن زالن حقيقت معلوم ڪئي ته هن کي ٻار آهن. هڪڙيءَ ته مرڳو پئسا خرچي، پاڙو پري وڃي ٿيناردييئر جي هوٽل ۾ اُهو ٻار به ڏسي آئي.

ورهيه ڪن ڪانِ پوءِ، هڪڙي ڏينهن ڪارخاني جي زناني پاڱي جي جمعدارڻ فنٽائن کي پنجاهه رپيا آڻي ڏنا، ۽ چيائينس ته: "بس اڳتي تون هتي پورهيو نه ڪر. هلي وڃ. ميئر صاحب مهرباني ڪري تو کي هيءَ خرچي ڏني آهي." هوءَ ويچاري ڪارخانو ڇڏي پاڙي ڪيل ڪوٺيءَ ۾ اچي رهي. جيڪو ٿورو گهڻو قرض هوس تنهن جي لاهڻ لاءِ به اهو پئسو مس پورو هو. اهو ئي وقت هو جڏهن ٿيناردييئر به ڪاسيٽ جي پرورش لاءِ پندرنهن رپيا گهرڻ لڳو، ۽ هوءَ اُهي ڏيئي نه سگهي. خانگي نوڪريءَ لاءِ شهر ۾ متا هنيائين، پر ڪا به جاءِ ڪا نه مليس. شهر ڇڏي به نه ٿي سگهي ته متان رهيل قرضي ڪيس جهلائين. آخر سامان وڪڻي ڪجهه قرض لاٿائين، ۽ پاڻ پوءِ سئيءَ جو پورهيو ڪرڻ لڳي. ڪڏهن ته دل ۾ پئي آيس ته پنهنجي ڌيءَ کي گهرائي پاڻ وٽ ڪري، ته جيئن ڪيس ڪم ۾ مدد ڏئي ۽ همراهي ڪرائي. پر هوءَ به وٽس تڏهن اچي. جڏهن ان جي ڪاڏي جا رهيل پئسا پهچائي. پئسا ڪٿان اچن؟ ۽ پوءِ به رستي جي ڀاڙي جا پئسا گهرجن! هڪڙي پاسي قرضين جي ڇڪتاڻ ۽

ٻئي پاسي ٽيناردِيئر جا خط اچڻ لڳس تہ "تنهنجي ڌيءُ کي ڪپڙو ڪونهي، اگهاڙي ٽيڻ تي آهي ۽ بک پيئي مري. پئسو نہ موڪليندينءَ تہ الائي سندس ڪهڙو حال ٿيندو". هيءَ خبر ٻڌي ويچاري ڏاڍي بي آرام ٿي. آخر دل ۾ خيال آيس تہ منهنجا وار تمام وڏا ۽ سهڻا ۽ سونهري رنگ جا آهن. حجم وارَ خريد ڪري انهن مان ٽوپ ۽ ٻيون شيون ٺاهيندا آهن. تنهنڪري هڪڙي حجام وٽ وڃي ڏهن رپين ۾ پنهنجا مٿي جا وار ڏيئي، ڪترائي پئسا وٺي آئي، ۽ انهن مان ڪپڙا وٺي ڌيءَ جي لاءِ ڏياري موڪليائين. ۽ پاڻ ڪپڙي سان ۽ ٽوپيءَ سان مٿو ڍڪي گذارڻ لڳي.

ٽيناردِيئر جي خطن جي ڌم پئي پيئي. هڪڙي نہ ٻئي عذر يا ڊپ تي پئسن گهرائڻ جي ڪوشش پئي ڪيائين. هڪڙي آخري خط ۾ لکيائين تہ "تنهنجي ڌيءُ ڪاسيٽ سخت بيمار آهي ۽ خراب قسم جو تپ اٿس. چاليهہ رپيا هڪدم موڪل تہ هن جو علاج ڪرائجي، نہ تہ مري ويندي. "ويچاري فنٽائن جون ٻہ ٻہ ويون ڇهہ ٻہ ويون، چرين وانگي هيڏي هوڏي ڊوڙڻ لڳي. دماغ ۾ خلل پيدا ٿي ويس ۽ پنهنجي منهن پئي ڪلندي ۽ ڳالهائيندي هئي. آخر انهيءَ حال ۾ هڪ ڏينهن هن کي اها سمڪ آئي، تہ جيئن وار ڏئي پئسا پيدا ڪيا اٿم، تيئن ڏند ڏئي چو نہ ٻيا پئسا هٿ ڪيان. ڏند تمام اڇا، سُهڻا ۽ سوڏا هئس. ڏندن وارا ڊاڪٽر ڏند خريد ڪندا هئا. لاچار هڪڙي وٽ وڃي ٻن مهرن تي پنهنجا اڳيان چار ڏند وڪٽي، ڪيرائي آئي ۽ پاڻ ٻيي تي ويئي اهي ٻہ مُهرون موڪلي ڏنائين. يعني چاليهہ رپيا هڪدم ٽيناردِيئر ڏي موڪلي ڏنائين. پر ڪاسيٽ تہ بيمار ڪين هئي. پئسن ڪڍڻ جو هنن ٻنهي زال مڙس ڪوڙو بهانو ڪيو هو. پر هيڏي تہ هن ويچاريءَ سان ويڌن ٿي گذري هئي.

ويچاري فنٽائن جا ڏاڍا بڇڙا حال ٿيا. ڏينهن جو نڪري نہ سگهندي هئي، ۽ شام جو ڪم ڪار لاءِ ٻاهر ويندي هئي. هڪڙي ڀيري ٻاهر ويئي. ڪو ماڻهو سندس پٺيان لڳو ۽ ساڻس چرچا ڪرڻ لڳو. هن کي ڏاڍي چڙ لڳي. هوش اڳيئي برابر نہ هوس. هن ماڻهوءَ هٿ وڌس تہ هِن ڏک هنيس. هن جي ٽوپي لهي پئي ۽ ڏک لڳس. گوڙ تي ماڻهو گڏ ٿيا ۽ پوليس آئي. انهن ۾ جاورٽ انسپيڪٽر بہ هو، جنهن پاڻ انهيءَ زال کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو ۽ ڏک هڻندو ڏٺو. هن شخص جي دانهن تي انسپيڪٽر فنٽائن کي گرفتار ڪري، گهاٽ تي

ونئي ويو ۽ رپورٽ لکڻ لڳو. فنٽائن دانهون ڪري پئي چيس تہ: "انسپيڪٽر صاحب، منهنجو ڪهڙو ڏوهہ! هن پهرين مون سان چرچا ڪيا مون سان دست درازي ڪئي، ۽ مون پنهنجي بچاءَ ۾ هن کي ڌڪي پاسي ڪيو. هيءُ ڪهڙو ظلم آهي، مون کي جيل ۾ وجهندا تہ ڪهڙو فائدو ٿيندو. ويچاري منهنجي ڌيءُ ڪاسيٽ ڪيئن ڪندي! مري ويندي، ڪير انهيءَ کي خرچ پهچائيندو.

هن جي دانهن تي انسپيڪٽر ڪو بہ خيال ڪونہ ڪيو. ڪاغذ تيار ڪري هڪڙي سپاهيءَ کي ڏيئي چيائين تہ: "هن زال کي هڪدم وڃي جيل ۾ وجهہ، سڀاڻي ڪورٽ ۾ رجوع ڪجوس." سپاهي زال کي وٺڻ تي هو تہ هڪڙو شخص جنهن زال جي ساري ڳالهہ لڪي بيٺي ٻڌي، سو در کان اندر لنگهي آيو ۽ چوڻ لڳو تہ "تڪڙ نہ ڪريو، ٿورو ترسو." جاورٽ منهن مٿي ڪري ڏسي تہ ميئر مدِيلين آهي. لاچار تي ٽپ ڏيئي اُٿي بيٺو، ۽ تعظيم ڏيڻ لاءِ ٽوپي لاهي بيٺو، جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ لاءِ دل نہ پئي چيس.

فنٽائن بہ معلوم ڪيو تہ ميئر صاحب آيو آهي. هن جي رحمدليءَ جي گهڻي تعريف ٻڌي هئائين، پر سندس ڪارخاني ۾ هن کي جيڪا تڪليف رسي هئي ۽ اتان نڪرڻ ڪري جيڪا سندس خراب حالت ٿي هئي، سا سڀ هن ڪارخاني جي مالڪ يعني انهي ميئر جي طرفان ٿي سمجهي. جيتوڻيڪ حقيقت ڪري انهيءَ کي انهيءَ وچ جي ڪا بہ خبر ڪا نہ هئي. خاص ڪارخاني جي زناني پاڳي ۾ هو گهٽ ايندو ڪين هو، ۽ جمعدارڻ جي رپورٽ تي ڪم ڪار هلائيندو هو. انهيءَ ڪري فنٽائن جي راءِ مدِيلين ميئر جي نسبت ۾ تمام خراب هئي، ۽ کيس ڪوڙو ۽ ظالم سمجهندي هئي. هاڻي جڏهن هن کي پوليس ٿاڻي ۾ ڏنائين تڏهن ساڙ ۽ ڪاوڙ ڪان، ۽ کي دماغ جي خلل ڪان مٿس ڪاهي آئي، ۽ چنبا هن جي منهن تي هڻي ۽ ٺڪون اُڇلائي چوڻ لڳيس تہ: "واهہ جو ميئر ۽ ڪارخاني وارو ٿيو آهين." ائين چئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳي.

مدِيلين اشراف، رومال سان منهن اُگهي، انسپيڪٽر کي چوڻ لڳو تہ: "انسپيڪٽر جاورٽ، هن زال کي هڪدم ڇڏي ڏيو." انسپيڪٽر حيران ٿي ويو. هڪڙي خسيس ۽ ڪميني زال هڪڙو اڳيئي ڏوهہ ڪري ۽ وري مئجسٽريٽ کي منهن ۾ ٺڪون هڻي، تنهن کي هو سزا ڏيڻ جي بدران ڇڏي ڏئي؟ پهرين تہ دماغ جاءِ نہ ٿيس، پر نيٺ حڪم جي تعميل ڪرڻي پيس. هوڏي فنٽائن پاڻ بہ

عجب ۾ ڳُنگي ۽ ٻوڙي ٿي ويهي رهي. پوءِ اکيون ڦاڙي چوڻ لڳي تہ ڇا، مون کي ڇڏي ڏا ڏين. قيد ٻه ڪين ايندم؟ اهو نياڳو ميئر مون کي ڪيئن ڇڏيندو، جنهن مون کي ڪارخاني مان ڪڍي ڇڏيو. جو آءٌ بک مرندي رڙهي آهيان ۽ جنهن مون کي ههڙي بڇڙي حال ۾ آندو آهي. الائجي لاچاريءَ ۽ غريبيءَ ڪري ڇا ڇا پئي ڪيو اٿم. ۽ ڪيئن پئي گذاريو اٿم. رڳو انهيءَ لاءِ تہ منهنجي ڌيءُ ڪاسيٽ کي چڱن حالن ۾ رکان. هن حال ۾ رهڻ کان مون کي قيد بهتر آهي، جو کاڌو تہ پيو ملندم. ٻي خرچي بہ پــن جي پئي ملندي جا آءٌ ڪاسيٽ ڏي ڏياري موڪليندس. آءٌ پاڻ تڏ ۾ رلڻ ڪري بيمار آهيان. کنگهہ ماري وڌو اٿم ۽ تپ بہ اٿم. اجهو. منهنجي ٻانهن ڏسو. هاڻ جڏهن مون کي آزاديءَ جو حڪم ٿيو آهي، تڏهن آءٌ ويجهو ٿي. ائين چئي اتي هلڻ لڳي.

انسپيڪٽر جاورٽ هينئر حيرانيءَ کان اک پٽي، ۽ پنهنجي فرض جي يادگيري پيس. ميئر کي سلام ڪري ۽ زال کي روڪي بيهاري چوڻ لڳو تہ: "سائين، مون کي معاف ڪجو. آءٌ هن کي ڇڏي نہ ٿو سگهان. هن ڏوهہ ڪيو آهي ۽ وري هاڻ سائينجن سان بي ادبي ڪئي اٿس. آءٌ قاعدي جو غلام آهيان، هن کي ڇڏي نہ ٿو سگهان." مڊيلين سنجيدگيءَ سان چيس تہ: "انسپيڪٽر جاورٽ، مون کي خبر آهي تون ايماندار سرڪاري نوڪر آهين. پر آءٌ تو کان پوءِ سگهو ئي واردات تي پهتس ۽ چڱي طرح شاهد پڇي جانچ ڪئي اٿم ۽ معلوم ڪيو اٿم تہ هن زال جو قصور ڪونهي، بلڪ هن ماڻهوءَ جو قصور آهي، انهيءَ کي گرفتار ڪرڻ گهرجي. باقي جيڪا هلت مون سان ڪئي اٿس، تنهن لاءِ آءٌ ڇاٽان منهنجو ڪم ڇاٽي."

انهيءَ هوندي بہ انسپيڪٽر فنٽائن کي ڇڏڻ جي نہ ڪئي. چيائين تہ: "اها بي آبرو ئي اوهان جي جند جي نہ ڪئي اٿس. پر سرڪار جي ڪئي اٿس، تنهنڪري سرڪار جو عهديدار ٿي آءٌ قاعدي موجب هن کي سزاياب ڪرائيندس". تنهن تي مڊيلين البت ڪاوڙجي چيو تہ: "انسپيڪٽر، قاعدي جي مون کي وڌيڪ خبر آهي. ڏوهن جي ڪوڊ جي قلم 9، 11 ۽ 15 موجب، مون کي اختيار آهي تہ جاچ بعد مناسب حڪم ڪرڻ. انهيءَ موجب آءٌ حڪم ٿو ڪريان تہ هن زال کي ڇڏي ڏي. تنهنجو فرض آهي قانون جي تعميل ڪرڻ، نہ تہ تون پاڻ بي ادبيءَ جو ڏوهاري ٿيندين".

انسپيڪٽر جاورٽ اچا ڪي چوڻ گهريو ٿي، پر ميئر حڪم ڪيس تہ: ”وڌيڪ هڪڙو لفظ بہ نہ ڳالهاءِ. هڪدم جاءِ مان نڪري وڃ!“ جاورٽ لاچار ڪنڌ جهڪائي، سلام ڪري نڪري ويو. هنن ٻنهي شخصن جو تڪرار فنٽائن ماٺ ڪري بيني ڏٺو ۽ ٻڌو. هڪدم سهي ڪري سگهي تہ هڪڙو شيطان جي صورت ۾ ماڻهو هو. ۽ ٻيو ملائڪ جي صورت ۾. نيٺ ڏٺائين تہ ملائڪ شيطان تي غالب پيو ۽ ان کي پڇائي ڪڍيائين. ۽ اهو ملائڪ بہ اهو هو جنهن کي پاڻ هيستائين شيطان ٿي سمجهيائين، ۽ جنهن سان هاڻ تازي نامناسب بي ادبيءَ سان هلي هئي. کي عجب ۾ کي ڊپ ڪان ڪچيائين ڪيئن. جڏهن انسپيڪٽر جاورٽ جاءِ مان نڪري ويو، تڏهن مڊيلين وڏي ڌيرج ۽ ڏک مان هن کي چيو: ”جيڪي تو چيو، سو سڀ مون ٻڌو آهي، آءٌ وسهان ٿو تہ تون سچ ٿي چوين. ڪارخاني مان نڪرڻ جي حقيقت جي مون کي خبر ناهي، تو سان جي ظلم ٿيو هو تہ تون مون وٽ اچين ها تہ آءٌ تنهنجو بندوبست ڪريان ها. هاڻي تون دلجاءِ ڪر. جيڪو تو تي قرض آهي سو سڀ آءٌ ڏيان ٿو. تنهنجي ڌيءَ جتي آهي، اتان آءٌ انهيءَ کي گهرائي ٿو وٺان. اڳتي جيڪو پئسو تو کي گهربل هوندو، سو تو کي پيو ملندو. مون کي يقين آهي تہ تون نيڪدل زال آهين، مفلسيءَ ۽ لاچاريءَ ڪري پاڻ کي اهڙي حال ۾ آندو اٿئي“.

هيءُ ٻڌي فنٽائن جو وات ئي ڦاٽي ويو، اوچتو جو سندس دل جا سڀ مطلب پورا ٿي ويا، سو ايتري خوشي ٿيس جو جيئن بيني رهي، تيئن ٽنگون ڏڪڻ لڳيس ۽ ميئر جو هٿ وٺي چمڻ لڳي، ۽ چمندي بيهوش ٿي، سندس پيرن ۾ وڃي ڪِري پئي. انهيءَ وقت مڊيلين فنٽائن کي کڻي پنهنجي ڪارخاني واريءَ زناني اسپتال ۾ وٺي ويو: سخت تپ اچي چڙهيس، ساري رات پئي وڦلي. ٻئي ڏينهن ٻنپهرن ڌاري اک پٽيائين ۽ هوش ۾ آئي. ڏٺائين تہ مڊيلين مٽانئس انتظار ۾ بيٺو آهي ۽ سندس حق ۾ دعا بيٺو گهري، هن کي جاڳندو ڏسي خبرچار پڇيائينس، ۽ گهڻا دلاسا ڏنائينس.

سگهو ئي پوءِ مڊيلين ٿينارڊيئر ڏانهن خط لکيو، ۽ جيڪي 120 ربيا هنن جا رهيل معلوم ٿيا، تن جي بدران 300 ربيا بہ ڏياري موڪليائين ۽ لکي موڪليائين تہ ڪاسيٽ ڇوڪريءَ کي هڪدم ايمر مرايمر ۾ وٺي اچو، سندس ماءُ سخت بيمار آهي. ٿيناردڊيئر ڏاڍو خوش ٿيو. ٻنهي زال مڙس پاڻ ۾ پهہ

پڇايو تہ ڇوڪريءَ ڪي نہ موڪليون جو هن مان اسان ڪي گهڻو فائدو پيو پهچي. ڇاتائون تہ شايد ڪنهن سڪر ۽ دولتمند ماڻهوءَ سان هن جي ماءُ آشنائي رکي آهي، سو هي سڀ بار پيو ڪڍي، تنهنڪري هوڙي سوني ڪڪڙ، جا سونا آنا پئي لاهي، سا ڪا ائين ڇڏي ڏينداسين. اهو خيال ڪري، ٽينارڊيئر هڪڙو وڏو بل پنجن سوَن رپين جو ڏياري موڪليو، جنهن ۾ ڊاڪٽر جي ۽ دوائن جي خرچ جون وڏيون رقمون هيون، ۽ جنهن مان هن ٻن سوَن جي مجرائي ڏئي، باقي ٻہ سوءَ بقايا ڪڍيا. مڊيلين هڪدم ٽي سوءُ رپيا ڏياري موڪليا ۽ لکيائين تہ: "هاڻي هڪدم 'ڪاسيٽ' کي آڻي پهچايو ۽ وڌيڪ دير نہ ڪريو، جو هن جي ماءُ سخت بيمار آهي". انهيءَ هوندي بہ هنن ڇوڪري نہ آندي.

انهيءَ وچ ۾ فنٽائن اسپتال ۾ پئي هوندي هئي. مڊيلين ڏينهن ۾ ٻہ پيرا ڏسڻ ويندو هوس، ۽ دڙ دلاسا ڏيندو هئس. هوءَ هميشہ پنهنجي ڌيءُ بابت پئي پڇندي هئي تہ ڪڏهن ايندي. هوش جي وقت يا بيهوشيءَ ۾ ٻيو ڪو خيال ئي ڪو نہ هوندو هئس، رڳو ڪاسيٽ جي پئي پڇا ڪندي هئي ۽ ان بابت ڳالهائيندي هئي ۽ وقلندي هئي. ڊاڪٽرن بہ اها راءِ پئي ڏني، تہ جي هن جي ڌيءُ جلد نہ ايندي، تہ هيءَ مري ويندي. ٽينارڊيئر تہ هڪڙا نہ ٻيا عذر پئي لکيا، ۽ ڇوڪري آڻڻ يا موڪلڻ جي نٽي ڪيائين. آخر لاچار ٿي مڊيلين فنٽائن ڪان هن ڏي هي خط لکايو ۽ انهيءَ تي هن جي صحيح ورتائين، "مهرباني ڪري هن خط آڻيندڙ کي منهنجي ڌيءُ ڪاسيٽ جي ٻانهن حوالي ڪج، ۽ جيڪڏهن ڪا بقايا رهيل هوندي تہ اُها هو پهچائي ڏيندو. مڊيلين جي دل ۾ اهو خيال هو تہ ڪنهن تجويز سان آءُ پاڻ اهو خط ڪڍي وڃي ڇوڪريءَ کي وٺي اچان."

ٻن - ٽن ڏينهن بعد مڊيلين پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هو، تہ انسپيڪٽر جاورٽ جي اچڻ جي رپورٽ ڪيائونس. هن انهيءَ کي پاڻ وٽ گهرايو. جيتوڻيڪ دل ۾ ڌڪاءُ بہ پيس. انسپيڪٽر سلام ڪري اچي ويٺو، ۽ ميئر ڦري ڏانهس منهن ڪيو. هن جي شڪل نماڻي ۽ غمگين ٿي ڏني. وڌيڪ دل مضبوط ۽ سخت هيس. ميئر حال احوال پڇيس. هن چيو تہ: "سائين، مون هڪڙو بيقاعدي ڪم ڪيو آهي. تنهنڪري مون کي سزا ملڻ گهرجي، يعني مون کي نوڪريءَ مان ڪڍڻ گهرجي. جيتوڻيڪ آءُ پاڻ استعفا ڏئي سگهان ٿو، پر موقوفيءَ جي سزا وڌيڪ مناسب آهي." مڊيلين پڇيس تہ: "اهو ڪهڙو ڏوهہ

تو ڪيو آهي؟“ انسپيڪٽر چيو تہ: ”مون زيردست تي اوهان جي بي ادبي ڪئي آهي. انهيءَ ڏينهن اوهين مون تي ڪاوڙيا هئا. اڄ پلاٽي ڪري مون کي سزا ڏيڻ ۽ نوڪريءَ مان ڪڍڻ سان انصاف ڪريو.“ جڏهن مدبلين چيس تہ: ”آءٌ تنهنجا اشارا نٿو سمجهان، صاف ڳالهہ ٻڌاءِ“. تڏهن هن هيئن چيو تہ: ”سائين، ٻہ - ٽي هفتا ٿيا، هن زال جي ويڙهہ واري ڳالهہ اوهان کي ياد هوندي. انهيءَ تان مون کي دل ۾ ساڙ آيو ۽ مون اوهان جي برخلاف وچي پنهنجي کاتي جي وڏي عملدار وٽ شڪايت ڪئي. چيم تہ هڪڙو جهونو ڇُٽل قيدي مئجسٽريٽ ٿيو وتي ڪم ڪندو. مون دل ۾ ائين سمجهيو ۽ ويساهہ ڪيو. تڏهن وچي ائين چيم. چا لاءِ جو اوهان جي ۽ انهي قيديءَ جي پاڻ ۾ گهڻي مشابهت مون کي نظر آئي. اوهان جا مهاندا، اوهان جو قد، اوهان جي بدن جو ڊول، اوهان جي مضبوطائي ۽ قوت، اوهان جي چالاڪي ۽ ڦڙتائي، ۽ وڏي ڳالهہ تہ هڪڙي ٽنگ کان اوهان جو ٿورو منڊڪائڻ. اهي سڀ ڳالهيون هڪڙي نامي گرامي چور جين وليجان ۾ هيون، جنهن کي ڏٺي مون کي اٽڪل پندرهن - ويهہ ورهيہ ٿيندا. انهيءَ ساڳئي شخص ڇٽڻ کان پوءِ هڪڙي پادريءَ جي گهر ۾ ڪاٽ هٽي چوري ڪئي، ۽ پوءِ عام رستي تي هڪڙي فقير ڇوڪر سان ڦر ڪيائين. ست - اٺ ورهيہ ٿيا آهن جو گم ٿي ويو هو، ۽ هٿ نٿي آيو ۽ اشتهاري قيديءَ وانگي شمار ۾ هو. اوهان کي ڏسي مون کي اهو ويساهہ آيو. تنهنڪري مون پنهنجو فرض سمجهيو، ۽ وچي پنهنجي وڏي عملدار کي اهڙي ڳالهہ ٻڌايم“.

هيءَ ڳالهہ ٻڌي مدبلين جو ٿورو منهن جو رنگ هارجي ويو، جو جاورٽ ڏٺو. پر پوءِ دل ڏاڍي ڪري هن کان پڇيائين تہ: ”چڱو، پوءِ تنهنجي آفيسر تو کي ڪهڙو جواب ڏنو؟“ هن چيو تہ: ”سائين، آفيسر چيو تہ تون ڪوڙو آهين، شايد تون ديوانو ٿيو آهين. پر مون کي تہ دل ۾ يقين آهي تہ اُهو نامي گرامي بدمعاش جين وليجان مون لڌو آهي.“ مدبلين جو وري بہ منهن جو رنگ هارجي ويو، ۽ وري بہ پڇيائينس تہ: ”سو ڪيئن؟“ هن چيو تہ: ”سائين، حقيقت هي آهي تہ ٿورا ڏينهن ٿيندا جو اراس ۾ هڪڙي چمپمٿو نالي ٻڍي ماڻهوءَ کي صوفن جي چوريءَ ۾ گرفتار ڪري، اتي جي جيل ۾ وڌائون. اتي هڪڙو جهونو ڇٽل قيدي نوڪر هو، جنهن کي ڇٽڻ کان پوءِ چڱي چال ڪري نوڪر رکيو هئائون. انهيءَ چيو تہ هي شخص جين وليجان آهي، جنهن وڏي جيل ٽولون واري ۾ مون سان گڏ ورهين جا ورهيہ گذاريو. چمپمٿو انهيءَ ڳالهہ کان انڪار

ڪيو. تنهن تي ٻه ٻيا جهونا قيدي ٽولن مان گهرايا ويا جي اڳ اتي قيد هئا. انهن ٻه اڳي هن کي سڃاتو ۽ چيائون ته هي جين وليجان آهي، ۽ اسان جو سنگتي ٿي رهيو هو. انهيءَ وقت مون اوهان کي ڏسي دل ۾ چيو ته سچو جين وليجان ته مون هٿ ڪيو آهي، اهو جين ضرور ڪوڙو هوندو. مون اها ڳالهه وڃي پنهنجي وڏي عملدار سان ڪئي، پر انهيءَ چيو ته تنهنجو هوش برابر ناهي شايد تون ديوانو ٿيو آهين."

مڊيلين پڇيو ته: "تو انهيءَ کي ڏٺو آهي؟" جاورٽ چيو ته: "هائو، مون ٻه انهيءَ مهل سمجهيو ته اهو برابر جين وليجان آهي، پر وري جڏهن اوهان کي ڏسان تڏهن سمجهان ٿو ته جين وليجان اوهين آهيو، نه هو." مڊيلين وري پڇيو ته: "پوءِ انهيءَ کي ڪيئن ڪيائون؟" جاورٽ چيو ته: "انهيءَ تي اراس جي وڏيءَ ڪورٽ ۾ مقدمو هلڻو آهي، ڪنهن جهڙي تهڙي مئجسٽريٽ وٽ هلڻ جو ناهي، جو هن کي جنم قيد ملندو. مون کي به سمن آيل آهي شاهديءَ لاءِ."

اهو سارو وقت مڊيلين هن سان ڳالهايو به ويٺي، ۽ نالي جي لاءِ ڪي لکيائين ۽ پڙهيائين به ويٺي. جڏهن هن بس ڪئي، تڏهن هن ڏي منهن ڪري چيائين ته: "چڱو، جاورٽ، انهن ڳالهين سان منهنجو ڪم ڪونهي، منهنجو وقت اجايو ٿو وڃي ۽ ڪم گهڻو ڪرڻو اٿم. ڪڏهن تو کي اوڏي شاهديءَ لاءِ وڃڻو ٿيندو؟" هن چيو ته: "سائين، سڀاڻي مقدمو شروع ٿيندو، ۽ شايد هڪڙي ڏينهن ۾ فيصلو ٿيندو. پر آءٌ ترسندس ڪين، رات واريءَ گاڏيءَ ۾ ويندس ۽ شاهدي ڏئي سڀاڻي شام جو موٽي ايندس."

مڊيلين جاورٽ کي موڪل ڏني. هو اُٿيو، پر وري به ترسي چوڻ لڳو ته "سائين، منهنجو عرض جيڪو هو سو قبول ڪريو. يعني مون کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو." مڊيلين چيو ته: "جاورٽ، تون سچو، ايماندار ۽ چالاڪ سرڪاري نوڪر آهين، آءٌ تو کي گهڻو پسند ڪريان ٿو. تون پنهنجي ٿوري قصور کي وڏو ٿو سمجهين، تون نوڪري نه ڇڏ. تو جهڙا ايماندار نوڪر ڀلي سرڪار ۾ هجن." ائين چئي هن کي هٿ ڏنائين ۽ هو هليو ويو، ۽ چوندو ويو ته: "چڱو، جيسين ڪو ٻيو منهنجي جاءِ تي مقرر ٿيندو، تيسين آءٌ پنهنجي نوڪريءَ جا فرض پورا ڪندو رهندس، ۽ جاسوس ٿيو پيو گذاريندس."

---

# باب پنجون

انهيءَ ڏينهن شام جو مدبلين فنتائن کي اسپتال ۾ ڏسڻ ويو. وجڻ سان هن ڪاسيٽ جي اچڻ جو پڇيس. مدبلين دلاسو ڏيئي چيس تہ .تمام جلد ايندي." هميشہ ڪان گهٽو اتي ترسي، ماڻهن کي هن جي سنيال جو تاڪيد ۽ ڊاڪٽرن کي هن جي پارت ڪري هليو ويو. چاڪاڻ جو انهن کان معلوم ٿيس تہ فنتائن درجي لڙهندي ۽ ضعيف ٿيندي ٿي وڃي. پوءِ آفيس ۾ اچي ڪلارڪ جي روبرو نقشو ڏسي ۽ ڪاغذ جي ٽڪر تي پينسل سان ڪي انگ لکي، پاڙي جي گهوڙن واري وٽ ويو. طنبيلي ۾ گهمي هڪڙو مضبوط ۽ تکو گهوڙو، ۽ هڪڙي هلڪي گاڏي چوندي ڪيائين. پئسا گهٽا ڏيٽاپيس جو ڏينهن ۾ گهٽيون منزلون طيءِ ڪرٽيون هئس. بن ڏينهن جو ياڙو اڳواٽ ڏئي، گهوڙي گاڏيءَ جي مالڪ کي حڪم ڏنائين تہ: "سياڻي صبح جو سوير چئين بجي مهل منهنجي در تي اچي حاضر رهہ."

پڙهندڙن کي خبر آهي تہ اهو ميئر مدبلين هيو ڪو معتبر ماڻهو ناهي، پر جين وليجان آهي. ياد هوندن تہ هن فقير چوڪر جي پائلي رستي تي زبردستيءَ سان ڦري هئي، تنهن کان پوءِ هن جي دل جي حالت سڌرڻ لڳي ۽ نهايت بهتر ماڻهو ٿي پيو. پادريءَ جي وعظ ۽ نصيحت هن ۾ ڪو اهڙو اثر ڪيو، جو ڪيميا جي اثر وانگي هو تامي مان بدلجي سون ٿي پيو، ۽ هو اُتان لڪچوري نڪري ويو ۽ پادريءَ وارا چانديءَ جا ٿانوَ وڪٽي پئسا ڪيائين ۽ باقي سندس ٻہ چانديءَ جون شمعن واريون بتيون نشاني ڪري پاڻ وٽ رکيائين. پوءِ فرانس مان لنگهي ايم سرايم ۾ اچي رهڻ لڳو ۽ ڪچ جي سامان جو واپار شروع ڪيائين، جيئن اوهان مٿي پڙهيو آهي. اتي جيڪي چڱا ڪم ڪيائين، سي سڀ اوهان کي معلوم آهن، پر انهيءَ هوندي بہ هو زماني جي گردش ۽ قسمت جي بازيءَ کان پئي ڊنو. سندس دل جو لاڙو هميشہ سچائي، نيڪ نيتيءَ ۽ خيرخواهيءَ جو هليو آيو. انسپيڪٽر جاورٽ کان جو چمپمٽو جو قصو ٻڌو هئائين، سو سندس دل تي بار ڪري پيو هو. ڀانيائين تہ هو جو ناحق جين وليجان جي ويساهہ تي ڦاسي ٿو، تنهن کي ڇڏايان ۽ انهيءَ جي جاءِ تي آءٌ

هجان جو سچو پچو جين وليجان آهيان. اهو پڪ پچائي، فنٽائن جي ڏسڻ کان پوءِ، سواريءَ جو بندوبست ڪري رات گهر گذاريائين ۽ انهن ڳالهين تي پٺي ويچار ڪيائين. اها ته پڪ هيس ته جيڪڏهن هو بيو ماڻهو جين وليجان بدران جنم قيد جي سزا سان وڃي قابو ٿيندو، ته پوءِ آءُ عمر لاءِ آزاد ٿيس، ۽ مون کي ڪو ڊپ نه رهندو. پر مون کي اندر جا چڪ سدائين پيا لڳندا. تنهن کان سچائي ۽ انصاف انهيءَ ۾ آهي ته آءُ پاڻ ظاهر ٿي سزاياب ٿيان، ۽ هڪڙي بيگناهه ماڻهوءَ کي ڇڏايان. خدا وٽ قبول تڏهن پوندس، ۽ آخرت جو ثواب تڏهن حاصل ٿيندم.

اهو ويچار ڪري، پنهنجن ڪتابن تي صحيحون ڪيائين. جيڪي دعوائون يا جيڪا اوڌر ڪن بين واپارين ڏي هيس، انهن سيني جا ڪاغذ باهه ۾ ساڙي ڇڏيائين. فقط هڪڙي پاڪيٽ بڪ ۾ ڳچ جيترا وڏا نوٽ وجهي کيسي ۾ وڌائين، ۽ پئرس شهر جي جنهن بئنڪ ۾ سندس پئسا رکيل هئا، انهيءَ ڏي به هڪڙو خط لکيائين. پوءِ وري اهو خيال آيس ته جي آءُ ظاهر ٿيس ۽ جهلجي پيس، ته هن ويچاريءَ فنٽائن جو ڪهڙو حال ٿيندو ۽ سندس ڌيءُ جا هتي رهي ٿي انهيءَ جو بندوبست ڪرڻ به مون تي فرض آهي، جو هن ڪي منهنجي معرفت ايذاءُ رسيو آهي. هيءُ ويچاري ته جلد مرڻ واري آهي. جيئن ڊاڪٽر چون ٿا. ڇوري ڌيءُ جو ضرور ڪو بلو ٿيڻ گهرجي. مون کان سواءِ هن جو ڪو به وارث يا سنڀاليندڙ دنيا ۾ ڪو نه رهندو. تنهن کان بهتر آهي ته آءُ ميئر مڊيلين رهندو اچان، ۽ جين وليجان نه ٿيان. پر وري به اندر جا چڪ لڳيس ۽ هن جهان کان هُن جهان جي يادگيري ڏاڍي ٿيس، ۽ پادريءَ جي نصيحت ياد پيس. نيٺ پڪو نهراءُ ڪيائين ته نيڪي، سچائي ۽ انصاف وارو رهان، پوءِ پل ڪهڙو به نقصان پهچي ته حرڪت ڪانهي. اهي خيال پچائيندي پچائيندي عصر اچي ٿيو، ۽ گهوڙي گاڏيءَ وارو انجام موجب گاڏي، وٺي اچي ٻاهر بيٺو.

مڊيلين هڪدم سوار ٿي نڪتو ۽ گاڏي اڙي تکي هڪليائين، جو خود گاڏيءَ وارو حيران ٿي ويو. هڪ - ٻن منزلن تي گهوڙي کي ساهي ڏئي، گاهه جا چڪ هٽائي، پاڻي پياري، وري اڳتي هليو. پاڻ لٽو ڪين، گاڏيءَ تي ئي ويٺو رهيو. هڪڙي هنڌ ته گاڏيءَ جي ڦيٿي کي به ضرب آئي، پڇا ڪيائين ته ڳوٺ ۾ نڪا ٻي گاڏي هٿ آئي، ۽ نڪو واڊو هو. دل ۾ چيائين ته شايد خدا

جي اها مرضي آهي تہ ائين نہ ٿئي، نہ تہ آءٌ گھڻو ئي اندر جي قاضيءَ جي پنيان ٿو هلان. هاڻي جيئڻ قسمت ۾ هوندو تيئڻ ٿيندو.هڪڙيءَ ڪري خوش ٿيو ۽ ٻيءَ ڪري ڏک ٿيس، هڪڙي اک ڪِــليس ٿي ۽ ٻي رنيس ٿي. پر اتفاق سان هڪڙي ماڻھوءَ ڏس ڏنو تہ هڪڙي هلڪي گاڏي وٽس آهي، ۽ هو اها وٺي آيو. مديلين چاتو تہ خدا جي مرضي حق ۽ انصاف پوري ٿيڻ تي آهي، تنهنڪري پڳل گاڏي اُتي ڇڏيائين تہ مرمت ٿئي تہ موٽندي ڪم اچي ۽ پاڻ گھوڙو هـُـن ٻي گاڏيءَ ۾ وجهي اڳتي هليو. جيتوڻيڪس گھوڙو بلڪل ٿڪل هو ۽ پنڌ اجا گھڻو پيو هو، ۽ رات جو ضرور "اراس" ۾ رسڻو هو. وچيئن جي مهل اچي ٿي هئي، اڳيرو هليو تہ وري بہ گاڏيءَ جي هڪڙي ڪاني پچي پيئي. رستي ۾ نڪو ڳوٺ نڪو ماڻهو. لاچار لهي وڻ مان ٿاري پچي، ڪپ سان گھڙي، ٻي ڪاني انهيءَ سان ٻڌي وري اڳتي هليو. گاڏيءَ واري توڙي واٽهڙن، گاڏيءَ ۽ گھوڙي جو حال ڏسي ساهي ڪٽڻ لاءِ صلاح پئي ڏني، پر هو نٽي رهيو ، جو چيائين ٿي تہ انين بجي ڏاري ضرور مون کي اراس ۾ پهچڻو آهي، چا لاءِ جو سُجهيس ٿي تہ انهن ڏينهن ۾ سيشن ڪورٽ رات جو هلندي هئي، ۽ نائين بجي مقدما شروع ٿيندا هئا. پهرين اهو صوفن جي چوريءَ وارو ڪيس هلندو، مقدمو هلڪو آهي. فقط چار شاهد جوابدار کي سجاٽيندا ۽ جهٽ ۾ فيصلو ٿي ويندو. آءٌ جيڪڏهن هڪڙو ڪلاڪ دير سان پهتس، تہ منهنجو پنڌ اجايو ٿيندو ۽ جيڪو ظلم ٿيڻو هوندو سو ٿي ويندو.

مديلين جي وڃڻ کان پوءِ فنٽائن گھڻي بيمار ۽ بي آرام ٿيندي ويئي، ۽ ڏري ڏري پئي پنهنجي ڌيءُ جو پڇيائين. معلوم ٿيس تہ مديلين انهيءَ کي آڻڻ جي لاءِ ويو آهي. سُجهيس ٿي تہ پنڌ پري آهي سندس وڃڻ ۽ موٽي اچڻ ۾ دير ٿيندي، ۽ منهنجو وقت ويجهو پوندو وڃي. جهڙي پاڻ ٿهڙا بياسيءَ هن جي موٽڻ لاءِ منتظر ٿي وينا. فنٽائن پهرين ميئر جي حق ۾ دعائون ڪرڻ لڳي، جو چاتائين تہ هن فقط سندس خاطر ايتري تڪليف پاڻ تي هموار ڪئي پوءِ دنيا جون ڳالهيون وساري خدا جون ۽ هن جهان جون ڳالهيون ڳالهائڻ لڳي. جيڪي ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻيون سندس خدمت ۾ هيس، تن چيس تہ .گھڻو ڳالهاءِ نہ، ماٺ ڪري سمهي رهہ، تہ آرام اچئي".

هوڏي شام جا يا رات جا اُٺ لڳا تہ مديلين وڃي اراس ۾ پهتو. وڃي

پڇا ڪيائين تہ ڪا گاڏي موٽي وڃڻ واري آهي. معلوم ٿيس تہ رات جو هڪ بجي وڃٽي آهي، جنهن ۾ انهيءَ پاسي وارا مسافر چڙهي ويٺا آهن. هڪڙيءَ جاءِ جو پاڙو اڳئي ڏيئي جاءِ هٿ ڪري ڇڏيائين. پوءِ پڇائيندو سيشن ڪورٽ تائين ويو. ڪورٽ بہ شروع ٿي وئي هئي، گهڻا ماڻهو وينا هئا ۽ اندر وڃڻ جي جاءِ ئي نہ هئي، صوفن جي چوريءَ وارو مقدمو پيش هو. ڪي شاهد هليا هئا. تهمتي چمپٽو بينو هو. مدبلين اندر وڃڻ جي گهٽي ڪوشش ڪئي، پر جاءِ نٽي مليس. لاچار ٽي پاڪيٽ بڪ مان هڪڙو ورق ڦاڙي انهيءَ تي ڪي لکي در تي بيٺل پٽيوالي کي ڏنائين. ڪاغذ تي پنهنجو نالو پينسل سان هيٺن لکيائين: "مدبلين، ايم سرايم جو ميئر". پٽيوالي کي چيائين تہ "وڏي جج صاحب کي وجي ڏي". هن ائين ڪيو. مدبلين جو نالو مشهور ٿي ويو هو، سيڪنهن سندس تعريف ٻڌي هئي - جڏهن جج اهو نالو ڏٺو ۽ پٽيوالي کان معلوم ٿيس تہ اهو صاحب مقدمو ٻڌڻ ٿو گهري، تڏهن حڪم ڪيائين تہ هڪڙي ڪرسي سندس ڪرسيءَ جي پاسي ۾ آڻي وجهہ، ۽ اتي آڻي ويهارينس. جهٽ ۾ ائين ٿيو. ۽ مدبلين وجي ڪورٽ ۾ داخل ٿيو ۽ آبروءَ سان سان جاءِ وٺي ويهي رهيو.

مدبلين تهمتي ڏي ڌيان ڏيئي نهاريو. دل ۾ فڪر ٿيس تہ جهڙو حال انهيءَ ماڻهوءَ جو آهي منهنجو بہ اهڙو ٿيندو ڪيئن؟ اهو ماڻهو سٺ ورهين عمر جو ٿي ڏٺو ۽ شوخ ۽ بدمعاش معلوم ٿي ٿيو. هيڏي هوڏي نظر ڪيائين، جاورٽ ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيس، جو شاهدن جي ٻيهڻ جي جاءِ پاسي تي هئي. سرڪاري وڪيل ڏسي سڃاڻس جو هن جي ڪورٽ ۾ بہ آيل هو، ۽ پري کان ڪنڌ جهڪائي سلام ڪيائينس، جيئن سندس اچڻ وقت خود ججن ڪيو هو.

انهيءَ وقت بچاءَ جي وڪيل پنهنجي تقرير ٻيني ڪئي ۽ حجت دليل ڏئي ڏيکاريائين تہ "منهنجي اصيل تي ڏوهہ بلڪل ثابت ناهي، جو اهڙو ڪو بہ اکين ڏٺو شاهد ڪونهي، جنهن هن کي صوف چورائيندي يا پٽ ٽپندي ڏٺو هجي. رڳو هڪڙي شاهد چيو آهي تہ هن هلندي ٽاري پٽ تان ڪنئي، باقي سندس برخلاف ڳالهہ آهي اڳ بدمعاشيءَ جي، ۽ ٽولون جي وڏي جيل ۾ قيدي ٿي رهڻ جي. چار ڄڻا چون ٿا تہ هي جين وليجان آهي. منهنجو اصيل انڪار ڪري ٿو، پر جي ڪٿي قبول بہ ڪجي تہ هو جين وليجان آهي يا اڳ بدمعاش

آهي، تہ بہ صوفن جي هن چوريءَ سان هن جو ڪهڙو واسطو؟ انهيءَ جي ثابتي هئڻ ضروري آهي، جا ڪا نہ آهي. سچ آهي تہ جي هو ڪٽي قبول ڪري تہ برابر جين وليجان آهي تہ سندس لاءِ بهتر بچاءُ ٿئي، جو جج ضرور جيڪر ساڻس مروت ڪن. مون بہ هن کي گهڻو سمجهايو آهي تہ ڪٽي قبول ڪري، پر هو خاطريءَ سان چوي ٿو تہ آءٌ جين وليجان ڪين آهيان. انهيءَ طرح بچاءُ جي وڪيل ججن کي عرض ڪيو تہ سندس اصيل کي ڇڏي ڏين نہ تہ بہ هلڪي رواجي سزا ڏين، نہ جين وليجان ڄاڻي يا اڳ بدمعاش شمار ڪري.

انهيءَ جي جواب ۾ وري سرڪاري وڪيل پنهنجا دليل ڏنا، ۽ ڏيکاريائين تہ هو برابر جين وليجان آهي، ۽ مفصل بيان ڏئي ٻڌايائين تہ هو ڪهڙو نہ خوفناڪ ماڻهو آهي ۽ آزاد رهڻ نہ گهرجي. جيڪي ڏوهہ ڇٽڻ کان پوءِ ڪيا هئائين، تن جو ذڪر ڪيائين. بيو چيائين تہ هن جي انڪار ڪي ڇا ڪبو، چار شاهد جي سندس سنگتي آهن، سي سڃاڻنس ٿا. تنهنڪري اهڙي خوفناڪ ماڻهوءَ کي سخت سزاملڻ کپي.

ويچاري جوابدار وائڙو ٿي پئي هيڏي هوڏي نهاريو. جڏهن تقريرون پوريون ٿي رهيون، تڏهن ججن پاڻ ۾ آهستي ڳالهايو ۽ پوءِ وڏي جج جوابدار کي چيو تہ: ”تو تي ثابتيءَ جو بار تمام گهڻو آهي، هاڻ تو ڪان وري بہ پويون دفعو پڇجي ٿو ۽ تنهنجي آخرين جواب تي اسين ويچار ڪري فيصلو ڏينداسين. ٻڌاءِ تہ تون يت ٽپئين ۽ ٽاري پجي صوف چورائہ يا نہ، ۽ تون آزاد ٿيل قيدي جين وليجان آهين يا نہ؟“ جوابدار چيو تہ: ”سائين، مون چوري ڪا نہ ڪئي آهي. واٽ هلندي صوفن جي ٽاري پيل ڏٺم ۽ کنيم. انهيءَ مهل مون کي اهو شڪ ڪو نہ پيو تہ مون سان ههڙي جٺ ٿيندي. تي مهينا برابر آءٌ جيل ۾ ڪَچو قيدي ٿي رهيو آهيان ۽ تڪليفون پئي سنيون اٿم، پر آءٌ جين وليجان ڪين آهيان ۽ نہ انهيءَ کي سڃاڻان ٿو. منهنجو پيءُ ماءُ جو ڏنل نالو چمپمٿو آهي“.

تنهن تي وڏي جج چيو تہ: ”هاڻ جيڪي چار شاهد هن کي سڃاڻن ٿا سي وري سڏجن. انسپيڪٽر جاورٽ اڳي ئي شاهدي ڏئي ويو آهي ۽ ضروري سرڪاري نوڪريءَ تي ويل آهي. هُن چيو آهي تہ: ”آءٌ سڃاڻان ٿو تہ هي شخص برابر جين وليجان آهي.“ باقي ٽن شاهدن کي سڏجي.“ پوءِ اُهي شاهد آيا ۽

شاهدي ڏنائون تہ: ”اسين برابر هن کي سڃاڻون ٿا تہ هي جين وليجان آهي، ۽ اسان سان گڏ ورهين جا ورهيہ رهيو آهي.“ تهمتيءَ سيڻي جي شاهدي ٻڌي چيو تہ: ”هي سڀ ڪوڙا ۽ بي ايمان آهن.“

اتي ججن جي پٺيان هڪڙو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جنهن چيو تہ: ”اي ڪوڙا شاهدؤ، هيڏي نهاريو!“ اهو آواز هو مڊيلين ميئر جو، جو پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي، ججن جي تلهي تان لهي، اڳيان اچي بيٺو. سيڻي ڏسي سڃاتو تہ ايم سرايم جو مشهور ميئر مڊيلين آهي. سيڻي جون اکيون انهيءَ ۾ هيون، جهڙيون ججن جون، تهڙيون سرڪاري وڪيل جون، تهڙيون ٻين جون. اتي وچ تي بيهي مڊيلين هنن ٽن چڻن کي چيو تہ: ”اوهين مون کي نٿا سڃاڻو؟“ هنن ٽنهي حيرانيءَ ۾ ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو. تڏهن مڊيلين، ججن ۽ جيوري ڏي منهن ڪري چيو تہ ”صاحبو، هن ويچاري قيديءَ کي ڇڏي ڏيو، ۽ مون کي انهيءَ جي بدران گرفتار ڪريو. جين وليجان آءٌ آهيان، هي ناهي. هيءُ ويچارو ناحق ڦاٿو آهي.“

هيءُ ٻڌي ڪورٽ ۾ اهڙي ماٺ لڳي ويئي، جو جيڪر ڪک ڪِري تہ ان جي ڪرڻ جو آواز ٻڌجي. ججن هڪبڪي ڏي پئي نهاريو ۽ سندن منهن مان همدردي ۽ ڏک پئي معلوم ٿيو. نيٺ وڏي جج چيو تہ ”اسان سيڻي کي خبر آهي تہ هي صاحب ايم سرايم جو مشهور ناميارو ميئر آهي. گمان آهي تہ هن جو هوش برابر ناهي، تنهنڪري انصاف جي بهتريءَ لاءِ ڪو ڊاڪٽر گهرائي هن جي چڪاس وٺائجي.“ مڊيلين شڪر گذاري ڪري چيو تہ: ”آءٌ ديوانو ڪين آهيان، منهنجو هوش جاءِ آهي. اوهان صاحبن هڪڙي وڏي خطا تي ڪئي، وڏو گناهہ ٿي ڪيو جو هڪڙي بي گناهہ ماڻهوءَ کي سخت سزا تي ڏنوَ. آءٌ پنهنجو فرض ادا ٿو ڪريان، ۽ سچي ڳالهہ ٿو ڪريان تہ آءٌ جين وليجان آهيان. ڪن سببن ڪري مون نالو بدلايو هو ۽ ايمانداريءَ جو پورهيو ڪري پاڻ کي بهتر ڪيم ۽ دولتمند ٿيس. ۽ آخر سرڪار جي مهربانيءَ سان ميئر ٿيس. آءٌ پنهنجي حياتيءَ جو مفصل بيان اوهان صاحبن کي ٻڌائي نٿو سگهان. هڪڙي ڏينهن اهو پاڌريءَ ظاهر ٿيندو. سچ آهي تہ مون پادريءَ جي گهر مان چوري ڪئي. اهو بہ سچ آهي تہ روڊ تي مون هڪڙي فقير ڇوڪري کي ڦُريو. اِها سڀ ڳالهہ سچ آهي تہ جين وليجان نامي گرامي چور، بدمعاش، اڳ سزا کاڌل قيدي ۽ خوفناڪ ماڻهو

آهي، پر هيتري اوهان کي پنهنجي آزمودي مان خاطري ڏيان ته ٽولن جي وڏي جيل ۾ وچڻ کان اڳي آءُ هڪڙو غريب ڀهراڙيءَ جو ماڻهو هئس ۽ چڱيءَ چال وارو هوس. وڏي جيل مون کي ڦيرائي بدمعاش ڪري ڇڏيو. پر پوءِ مون کي خدا هدايت ڪئي، ۽ انهيءَ ساڳئي پادريءَ جو واعظ ڪارگر ٿيو ۽ مون هميشه لاءِ توبهه ڪئي ۽ بهتر ماڻهو ٿي پيس. بيو مون کي وڌيڪ چوڻو ناهي، آءُ حاضر آهيان. مون کي پلي گرفتار ڪريو ۽ قاعدي موجب جنهن سزا جو لائق هجان، اُها مون کي ڏيو، ۽ هن ويچاري بيگناهه کي ڇڏي ڏيو. انسپيڪٽر جاورٽ هتي هجي ها ته منهنجي تصديق ڪري ها، ۽ اوهان کي منهنجي ڳالهه جي خاطري ٿئي ها."

تنهن کان پوءِ هنن ٽن ڪوڙن شاهدن کي پاڻ سڃاڻائي، ۽ پورا پتا ۽ نشان ڏئي، هنن کي مڃارايائين ته ڪوڙا آهن. سندن بُت تي ڪپڙن جي اندر جيڪي داغ يا بيا نشان هئاسي ٻڌايائين، ۽ پوءِ ڪپڙا لهرائي ثابت ڪري ڏيکاريائين ته پاڻ هنن کي سڃاڻي ٿو، ۽ هو ڪوڙ ٿا ڳالهائين. هيءُ رنگ ڏسي سڀ ماڻهو حيران ٿي ويا. ڪجهه وقت تائين مدبلين ماٺ ڪري بيٺو هو. نڪي ڏرين جي وڪيلن سندس برخلاف ڪي چيو، ۽ نه وري ججن هن جي گرفتاريءَ جو ڪو حڪم ٿي ڏنو. تڏهن چوڻ لڳو ته: "انهيءَ صورت ۾ آءُ وڃان ٿو، جو مون کي ڪو به گرفتار نٿو ڪري. منهنجو نالو نشان ۽ رهڻ جو هنڌ سيني کي معلوم ٿيو آهي، جڏهن منهنجو ڪپ ٿئي، تڏهن آءُ حاضر آهيان."

ائين چئي وڏي ڌيرج ۽ تحمل سان ڪورٽ مان نڪري ٻاهر هليو ويو.

هن جي وئي کان پوءِ، جڏهن سيني جي حيراني لٿي، تڏهن ججن فتوا ڏني ۽ تهمتي چمپٿو کي ڇڏي ڏنو، جو آزاد ٿي هليو ويو، ۽ اُهو به بين وانگي حيران هو ۽ ڇاتائين ٿي ته سڀ ماڻهو ديوانا آهن، ۽ جيڪي ٿي گذريو تنهن جي پرولي بلڪل سمجهي نه سگهيو.

---

# باب ڇهون

اُهو سارو ڏينهن جو مدبلين پنهنجي گهر ۾ شهر کان غير حاضر رهيو. سو فنٽائن ڏاڍو بي آرامي ۾ گذاريو. رات جو البت آرام آيس. جيتوڻيڪ بي آراميءَ جهڙا خواب پئي ڏٺائين، ۽ ذري ذري پنهنجي ڌيءُ جو پئي پڇيائين. ڊاڪٽرياڻي يا دائي ساري رات وٽس هئي. پرهه ڦٽيءَ مهل اوچتو مدبلين اندر گهڙي آيو، ۽ آهستي دائيءَ کان پڇيائين، جنهن سارو حال ڏنس. ٻڌايائينس ته "فنٽائن جي ويساهه ۾ آهي ته اوهين سندس ڌيءُ کي وٺڻ ويا آهيو، سو جي هينئر جاڳي ۽ ڌيءُ کي نه ڏٺائين، ته الائي ڪهڙو حال ٿيندس! سگهو ئي ڏينهن ٿيو. ڊاڪٽرياڻيءَ جي جڏهن مدبلين تي نظر پئي تڏهن رڙ نڪري ويس. چوڻ لڳي ته "سائين، هي ڇا؟ اوهان جا سڀ وار اڇا ٿيا پيا آهن. هڪڙيءَ رات جي اندر اوهين اهڙا ٻڍا ڪيئن ٿيؤ؟" ڊوڙي آرسي کڻي آٽي ڏيکاريائينس. هن پاڻ به ڏٺو ته برابر ائين آهي. معلوم ٿيو ته اها رات هن ڏاڍي ڊپ ۾ انتظار ۾ گذاري آهي، تنهنڪري ائين ٿيو آهي. پر اها ڳالهه وساري مدبلين فنٽائن جي فڪر ۾ رهيو. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون. ڊاڪٽرياڻيءَ جي رٿ هئي ته جي مدبلين اوڏي نه ويو آهي، ته هاڻ وڃي وٺي اچي، جي به يا ٽي ڏينهن وڌيڪ غير حاضر رهيو ته به حرڪت ڪانهي جو هوءَ انهيءَ اميد ۾ رهندي. نه ته هن کي ڏسي بلڪل نااميد ٿيندي ۽ ڊپ آهي ته مري نه وڃي. مدبلين گهڻي خيال کان پوءِ چيو ته: "نه، آءٌ ضرور ڏسندوسانس. مون کي ٻيو ضروري ڪم آهي ۽ وقت تنگ آهي، متان وري جلد ڏسي نه سگهانس".

ائين چئي لنگهي فنٽائن جي هنڌ وٽ ويو. هوءَ آرام سان ستي پئي هئي. اوچتو اک پٽيائين، مدبلين کي ڪينڪاري ۽ سندس شڪر گذاري ڪري، ڌيءُ جو پڇيائينس ته: "ڪٿي آهي، وٺي اچوس ته ڏسانس". ڊاڪٽر به انهيءَ وقت آيو. انهيءَ ڪوڙ ڪري چيس ته: "تون بهتر ٿي ته پوءِ تو کي ڏيکاريون، نه ته تنهنجي لاءِ چڱو ڪين آهي. پر هو بي آرام ٿيڻ ۽ بڪ ڪرڻ لڳي. گهڻيون ئي ڳالهيون ڪري ڪري نيٺ ماٺ ڪيائين ۽ ساڻي ٿي هنڌ تي ليٽي پئي ۽ مدبلين جي پنيان نهارڻ لڳي ۽ اوڏي اشارا ڏيڻ لڳي. مدبلين جان ڪنڌ ورائي

ڏسي، تہ انسپيڪٽر جاورٽ پنيائنس بيٺو آهي.

حقيقت هيئن آهي تہ اڌ رات ڪان پوءِ مدبلين اراس جي سيشن ڪورٽ مان نڪري هوٽل ۾ آيو. جتي گاڏي گھوڙي جو اڳيئي ڀاڙو ڏئي بندوبست ڪري ڇڏيو هئائين. هڪدم روانو ٿيو ۽ صبح جو ڇهين بجي ڌاري گھر آيو. هڪڙو خط لکي پنهنجي بئنڪ واري ڏي ٽپال ۾ وڌائين، ۽ پاڻ اسپتال ۾ فنٽائن کي ڏسڻ آيو، جنهن جو انتظار هوس. هوڏي، ڪورٽ مان هن جي نڪرڻ ڪان پوءِ سرڪاري وڪيل زور ڀريو تہ جين وليجان جي هئڻ يا نہ هئڻ جي ڳالهہ جو هلندڙ مقدمي سان واسطو ڪونهي، ۽ جوابدار کي ضرور سزا ملڻ گھرجي. بچاءَ جي وڪيل انهيءَ جي برخلاف حجت آندي. آخر ڪجهہ وقت جي حجت ڪان پوءِ جيوريءَ جي راءِ موجب ججن فتوا ڏني، ۽ تهمتيءَ کي ڇڏي ڏنائون. انهيءَ هوندي بہ سرڪاري وڪيل زور ڀريو تہ جيڪو بہ سچو پچو جين وليجان هجي، انهيءَ تي قاعدي جي ڪارروائي هلڻ گھرجي. نيٺ وڏي جج کي لاچار ٿيو تہ ايم سرايم جي ميئر کي پڪڙائجي. وارنٽ جاري ڪري انسپيڪٽر جاورٽ جي نالي تعميل لاءِ موڪليو ويو. ان موجب جاورٽ وارنٽ هٿ ڪري، ٻليءَ وانگي چپ ماري، مدبلين جي پنيان اسپتال ۾ اچي نڪتو. چار - پنج سپاهي ٻيا بہ پاڻ سان آندا هئائين، پر انهن کي ٻاهر ويهاري آيو هو.

جاورٽ کي ڏسي مدبلين ڏڇي ويو. پڪ ٿيس تہ هو ڪيس پڪڙڻ آيو آهي. فنٽائن بہ جاورٽ کي سڃاتو، جو اڳي جهيڙي ۾ جهليو هئائينس ۽ سندس ڇنبي مان ميئر اچي ڇڏايو هوس. هاڻي ڄاتائين تہ اهو وري بہ ڪيس پڪڙڻ آيو آهي. هڪڙو اڳيئي قريب المرگ هئي، ويتر هي تازو ڌڪ، انهيءَ ڪري ڏاڍو سخت صدمو پهتس. دانهن ڪري چوڻ لڳي تہ "ميئر صاحب، مون کي بچائج. مدبلين، جنهن کي اڳتي اسين جين وليجان سڏينداسين - تنهن هن کي دلاسا ڏنا ۽ ماٺ ڪرايائينس، ۽ جاورٽ ڏي منهن ڪري آهستي چيائين تہ: "مون کي خبر آهي تہ تون ڇو آيو آهين، پر هڪڙي ڀلائي ڪر. مون کي ٽي ڏينهن مهلت ڏي تہ هن غريب زال جي ڌيءَ مانٽفرميل مان وٺي اچان، پوءِ خوشيءَ سان گڏجي هلندس. انهيءَ لاءِ جيڪي پئسا تون چوندين، سي ڏيندس".

تنهن تي جاورٽ شوخ ۽ بيحيا ٿيڻ لڳو ۽ اختياري ڏيکاري ٻڪ ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ: "مون کي بيوقوف ڏٺو اٿيئي، جنهن سان ڇرچا ٿو ڪري، ۽ چوين

ٿو تہ هن زال جي ڇوڪري وٺي ايندس، ٿي ڏينهن مهلت ڏي!“

فنٿائن کي اهي لفظ ٻڌي پڪ ٿي تہ سندس ڏيءُ اڃا ڪانہ آئي آهي، سا روئڻ ۽ بيحال ٿيڻ لڳي، ۽ جاورٽ جا دڙڪا ٻڌي ڊڄي ويئي، پر پوءِ همت جهلي اٿي، پانيائين تہ جين وليجان ڏانهن وڃي، پر اوچتو هنڌ تي ڪِري پئي، ۽ مري ويئي. جين جاورٽ کي چيو تہ: ”تو هن ويچاريءَ کي ماري وڌو. اسان جو سڀ پورهيو ڪُٺ ڪيئي.“ پر جاورٽ بيحيا ۽ سخت دل ٿي بيٺو. چوي تہ: ”منهنجو انهيءَ سان ڇا؟ تون سِگهو ٿي مون سان هل، نہ تہ ٻاهر منهنجا سپاهي بيٺا آهن، انهن کي ٿو سڏيان“.

جين وليجان کي فنٿائن جي مرڻ جو نهايت گهڻو ڏک ٿيو. روئڻهارڪو ٿي ويو. ماءُ وانگي هن کي وڃي هنڌ تي سنئون ڪري سمهاري، اکيون بند ڪري، چميون ڏئي، مٿانس ڪپڙو وجهي ڇڏيائين. پوءِ جاورٽ کي چيائين تہ: ”هاڻ جيڏي وٽئي اوڏي مون کي وٺي هل. جاورٽ جين کي وٺي في الحال انهيءَ شهر جي جيل ۾ وڃي بند ڪيو. سگهو ئي شهر جي ماڻهن ۾ هل پئجي ويو تہ شهر جو ميئر جهليو آهي، جو اصل ۾ هڪ ڇٽل قيدي هو. ٻن ڪلاڪن جي اندر ماڻهن کي سندس سڀ ڀلايون وسري ويون، ۽ هن جون گلائون ڪرڻ لڳا. سڄي شهر مان فقط ٽي - چار ڄڻا ساڻس وفادار رهيا. سندس جهوني نوڪرياڻي انهن مان هڪڙي هئي، انهيءَ ويچاريءَ ٻڌيءَ جڏهن اها خبر ٻڌي، تہ سارو ڏينهن فڪر ۾ گذاريو. ڪارخانو اهو سارو ڏينهن بند رهيو. ٻہ ڊاڪٽرياڻيون فنٿائن جي لاش تي ويٺيون رهيون جڏهن شام ٿي ۽ جين وليجان نہ موٽيو، تڏهن نوڪرياڻي در بند ڪري در جي ڪنجي در جي پاسي ۾ هميشہ واري ڪليءَ تي لڙڪائي، پاڻ ڏک ۽ ارمان ۾ ويهي رهي. اوچتو ڏسي تہ در جي ڀڳل شيشي مان هڪڙي ٻانهن اندر اچي ڪنجي لاهي در پٽيو، ۽ جين وليجان اندر لنگهي آيو. نوڪرياڻي هن کي ڏسي حيران ٿي ويئي. هن ٻڌايس تہ: ”آءٌ جيل ۾ بند هوس، پر در جي هڪڙي لوهي شيخ پٽي، پنهنجي جاءِ ڪري نڪري آيو آهيان.“ پوءِ پنهنجي جاءِ وڃي بتي ٻاري، ڪاغذ پَٽ يا ٻي جيڪا شئي مناسب سمجهيائين، ساڙي ناس ڪري ڇڏيائين. جيڪا پائلي فقير ڇوڪر کان ڦري هئائين، سا هڪڙي ڪاغذ ۾ ويڙهي رکيائين ۽ پادريءَ واريون ٻہ چانديءَ جون بتيون بہ ويڙهي رکيائين. پوءِ هڪڙو ڪاغذ ڪڍي، تنهن تي

ڪي ويهي لکيائين.

انهيءَ وچ ۾ نوڪرياڻي وجي سندس اسپتال مان ڊاڪٽرياڻيءَ ڪي وٺي آئي، جا اجا تائين فنتائن جي لاش تي ٻيءَ پنهنجي سنگتياڻيءَ سان واهي ٿيو ويٺي هئي. اُها آئي تہ جين وليجان هن کي اهو لکيل ڪاغذ بند ڪري ڏنو، ۽ چيائين تہ اهو ڪاغذ منهنجي ڪارخاني جي داروغي کي ڏجئين. مون لکيو اٿس تہ جيڪي آءٌ هتي ڇڏيان ٿو تنهن مان منهنجي مقدمي تي بہ خرچ ڪري، ۽ هن ويچاريءَ زال جي ڪفن دفن جو بہ خرچ ڪري، ۽ ٻيو جيڪي بچي سو خيرات ڪري ڇڏي."

ائين ڪندي ٻاهر در تي ڏاڪڻ وٽ هل ٿيڻ لڳو، ۽ جاورٽ نوڪرياڻيءَ سان وڙهندو جين وليجان جي جاءِ ۾ گهڙي آيو. پر انهيءَ کان اڳئي جين ڳالهہ سهي ڪئي ۽ ڦوڪو ڏئي بتي اجهائي، جاءِ ۾ هڪڙي ڳجهي ڪنڊ جا جاري وانگي هئي، تنهن ۾ لڪي ويهي رهيو. انسپيڪٽر جو آيو، تنهن جاءِ ۾ فقط ڊاڪٽرياڻي بينل ڏسي شرم کان موٽڻ لڳو. پڇيائينس تہ .اهو ماڻهو اتي ڪونهي؟" هن چيو تہ: "نہ!"پڇيائينس تہ: "ڪيڏي ويو؟" هن چيو تہ: "خبر ناهي." تڏهن ڊاڪٽرياڻيءَ کان معافي گهري، هيٺ لٿو ۽ هليو ويو.

اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ جين وليجان هڪڙي ڳنڍڙي پاڻ سان کڻي بدليل ويس ۾ هڪڙي وڏي ڇڪڙي ۾ شهر کان نڪري رستو ڏئي پئرس ڏي روانو ٿيو، ۽ ٻن – ٽن ماڻهن بہ اهڙي حال ۾ هڪڙو شخص انهيءَ رستي سان ويندو ڏٺو. پٺ تي ڪارخاني جي داروغي فنتائن جو لاش رواجي طرح دفن ڪرايو، ۽ ڪي پئسا خيرات ڪيائين ۽ ڪي پنهنجي ڪم ۾ لڳايائين.

# باب ستون

هاڻي اسين پڙهندڙن کي ڪنهن ٻئي هنڌ وٺي هلون ٿا. واٽرلو جي جنگ جو مشهور ميدان آهي، جتي انگريزن ۽ فرينچن جي جنگ ٿي، بس ٿي آهي، ۽ جنهن ۾ انگريزن جي سپهه سالار ويلنگٽن فتح حاصل ڪئي آهي ۽ فرينچ هارايو آهي. رات جو وقت آهي. مزي جهڙي چانڊوڪي آهي. هزارين لاشا ۽ رت جا ڏُٻا پيا آهن. هڪڙو ٻيو ماڻهو وڏي ڇُــغي ۾ اُتي لاشن ۾ پيو گهمي. مئلن کي هٿ لائيندو ۽ انهن جي کيسن مان يا ٻيءَ تان قيمتي ۽ ڪمائتيون شيون چونڊيندو، چنندو کيسن ۾ گڏ ڪندو ٿو وڃي چورن وانگي هيڏي هوڏي ٻـه پيو ڏسي. ٿوري پنڌ تي رستي وٽ هڪڙي بار جي گاڏي بيٺل آهي، جنهن ۾ پيتيون ۽ ڳنڍڙيون پيون آهن، ۽ انهن جي مٿان هڪڙي زال ويٺي آهي. انهيءَ ماڻهو جو انهي گاڏيءَ سان واسطو آهي، ۽ اُها گاڏي بيهاري پاڻ هتي لهي آيو آهي.

اهو ماڻهو مئلن جي بدن تان سامان چورائڻ ۾ مشغول هو، ۽ رت جهاڳيندو، شيون گڏ ڪندو ٿي ويو. اوچتو هڪڙي مئل ماڻهوءَ جي هٿ ۾ سوني منڊي چانڊوڪيءَ ۾ چمڪندي ڏسي، لاهڻ جي ڪيائين تہ هٿ چُريو پوءِ ٻانهن چري ۽ آخر سڄو ماڻهو چريو شايد اجا مئو ڪين هو، پر زخميل هو. منهن سڄو رت سان ڀريو پيو هوس. فرينچ لشڪر جو ڪو آفيسر ٿي ڏٺو. پهرين تہ اُهو چور ڊڄي ويو، پر پوءِ دل جهلي بيٺو. زخميل آفيسر پڇيس تہ: ”جنگ ڪنهن کٽي؟“ هن چيو تہ: ”انگريزن“. پوءِ هن کي مدد ڪري اٿاري ويهاريائين، ۽ منهن تان رت اگهيائينس. پنهنجي واچ ۽ کيسي ۾ جو پئسن جو ٻٽو پيو هوس سو ڪڍي ڏنائينس. انهيءَ وقت پريان هڪڙي پهري وارو ايندو ڏسي چور پڇڻ جي ڪئي. آفيسر چيس تہ: ”تون ڪير آهين، ڪهڙي طرف جو آهين، ۽ ڇو ٿو پڇين؟“ هن ورندي ڏني تہ: ”تو وانگي فرينچن جي طرف جو سپاهي آهيان، جيڪڏهن هينئر مون کي هتي ڪنهن ڏٺو تہ پري کان بندوق هڻي ماري وجهندو، تنهنڪري آءٌ وڃان ٿو.“ آفيسر چيو تہ: ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ هن چيو تہ ٿينارڊيئر“ آفيسر چيو تہ: ”آءٌ تنهنجو نالو ياد رکندس. منهنجو نالو ’پانٽمرسي‘ آهي، سو تون ياد رکجئين،“ پوءِ هو ڀڄي ويو.

هاڻ اسين وري پنهنجيءَ ڳالهہ تي ٿا اچون. جين وليجان پنهنجي گهران

تي پيرس ۾ آيو، ۽ جنهن بئنڪ ۾ سندس پئسا رکيل هئا سي ڪڍرايائين. اهي چهن - ستن هزارن فرينچ رپين جيتري رقم هئي، جا ڪتي لڪائي ڇڏيائين. پوءِ مانٽفرميل ڏي ڪاسيٽ جي وٺڻ لاءِ ٿي ويو، پر رستي ۾ پوليس پڪڙي وڌو ۽ وري رجوع ڪيو ويو. فقير ڇوڪري جي ڦر جي تهمت هيٺ هن تي مقدمو هليو. هن کي موت جي سزا ملي، پر مٿان بادشاهه هن کي موت جي معافي ڏني، ۽ انهيءَ جي بدران جنم قيد مليس ۽ موٽي ٽولون جي وڏي جيل ۾ موڪليو ويو. اهو احوال اخبارن مان ماڻهن کي معلوم ٿيو، جن ۾ ائين به لکيل هو ته جين وليجان پنهنجي لاءِ هڪڙي جوان زال رکي هئي، جنهن کي هو ڏيندو وٺندو هو، پر جنهن وقت هو گرفتار ٿيو، تنهن وقت هوءَ دپ ۽ ڏک کان مري وئي.

جين وليجان جي وڃڻ کان پوءِ سندس ڪارخانو بند ٿي ويو. سندس ڪري جيڪو ڀاڳ ايم سرايم کي لڳو هو، سو پڻ اڏامي ويو. ڪارخاني مان جين وليجان نڪتو ته وري ٽن - چئن ڏينهن کان پوءِ پڪڙيو ويو. انهيءَ وچ واري عرصي ۾ ماڻهن مانٽفرميل جي نزديڪيءَ ۾، هڪڙي گهاٽي ٻيلي ۾، هڪڙو شڪي ماڻهو ڏٺو هو، جو هڪڙي صندوق مٽي تي ڪنيو ٿي ويو، ۽ پوءِ ٿوري وقت بعد وري ڪوڏر ۽ هڪڙو ڇنجور کنيو ٿي ويو. تمام زبردست ماڻهو هو، تنهن کي هڪڙو ماڻهو اڪيلو ويجهو وڃي نه ٿي سگهيو. پوءِ هو گم ٿي ويو. ڪن ڏٺڻ ماڻهن ائين ٿي سمجهيو ته شيطان آهي يا ڪو جن آهي، پر ٿينارديئر يا انهيءَ جهڙا ٻيا لالچي ماڻهو ڄاڻندا هئا ته ڪنهن چور يا بدمعاش ڪو خزانو چورايو آهي، سو انهيءَ ٻيلي ۾ ڪٿي ڪڏ ڪوٽي لڪائي ويو آهي. انهيءَ خزاني ڳولڻ لاءِ هنن پنهنجي منهن گهڻيئي مٿا هنيان ۽ ڪڏون ڪوٽيون، پر ڪي به ڪين لڌائون.

ڪن مهينن کان پوءِ، ٽولون جي بندر تي هڪڙو وڏو جنگي جهاز طوفان سٽي آندو. ضربن رسڻ ڪري انهيءَ جي مرمت ٿيڻي هئي. هزارين ماڻهو هر روز صبح کان شام تائين انهيءَ کي ڏسڻ ويندا هئا. هڪڙي ڏينهن انهيءَ جي مرمت ڪندي، ڪي خلاصي مٿي ڪلمين تي چڙهي ويا. انهن مان هڪڙو چوٽيءَ تان اتفاق سان ڪِري پيو، پر ڪِرندي هڪڙي رسيءَ ۾ هٿ اٽڪي ويس ۽ انهيءَ کي جهلي بيهي رهيو. اهڙو مٿي ۽ اهڙي خوفناڪ هنڌ هو، جتي

ڪو بہ خلاصي وجي نٿي سگهيو. جيسين ڪو ماڻهو همت جهلي مٿي وڃي، تيسين امڪان هو تہ هو ٽڪجي ساڻو ٿي ڪِري پوي ۽ پرزا پرزا ٿي وڃي - اهو هنڌ ايترو مٿي هو، جو اٽڪيل ماڻهو هيٺيان نهارڻ سان سِرڻ وانگر ننڍڙو پئي ڏٺو- ماڻهو اچي گڏ ٿيا، ۽ سڀ وات پٽي حيرانيءَ ۾ بيهي ڏسڻ لڳا- آخر وڏي جيل جي قيدين مان هڪڙي ٻڍي قيديءَ چيو تہ مون کي موڪل ملي تہ آءٌ رسين تي چڙهي وڃان - جيل جي آفيسرن هن کي موڪل ڏني- هو هڪدم نوريئڙي وانگر مٿي چڙهي ويو. سڀني کي دِپ هو تہ اَجهو اهو پاڻ ٿو ڪِري، پر آخر هي وڃي انهيءَ کي پهتو، ۽ پهرين انهيءَ کي هيٺيان ٽيڪ ڏيئي، ساهي کٽائي، پوءِ مدد ڪري لاهي هيٺيرو آندائينس. واهہ واهہ ٿي ويئي، تاڙيون وڄي ويون ۽ سڀ ماڻهو انهيءَ ٻڍي قيديءَ جو انصاف مڃڻ لڳا. هو خلاصي تہ پوءِ صحيح سلامت لهي هيٺ آيو، پر قيدي هيٺ لهندي اوچتو مٿان ٿي ڪڙڪيو، سو هيٺ سمنڊ ۾ ڪِري پيو. سڀ ماڻهو افسوس ڪرڻ لڳا. ٻتيلا ڪڍڻ لاءِ ڊوڙيا، هيڏي هوڏي مٿا هنيائون، پر هٿ نہ آيو. سڀني سمجهيو تہ شايد هيٺ ڪٿي اٽڪي پيو ۽ وري مٿي نہ آيو. ٻئي ڏينهن سرڪاري رپورٽ ظاهر ٿي ۽ اخبارن ۾ بہ پيو تہ: ”هڪڙو ٻڍو، جنم قيد وارو قيدي، خلاصيءَ کي مٿان لاهڻ جو انصاف جهڙو ڪم ڪري، پوءِ هيٺ لهندي اتفاق سان ڪِري پيو ۽ سمنڊ ۾ ٻڏي ويو. انهيءَ قيديءَ جو نالو جين وليجان هو.“

مانٽفرميل جو ننڍڙو شهر جبل جي سلاميءَ تي هو. اُتي پاڻي پيئڻ لاءِ کوهہ ڪو نہ هو، انڪري پري پنڌ کان پاڻي ايندو هو. پئسي وارا ماڻهو انهيءَ ڪم لاءِ پخالي رکندا هئا، پر جڏهن صبح جو سوير ۽ شام جو پاڻيءَ جي سخت ضرورت ٿيندي هئي تہ اهي ماڻهو پاڻ بہ پاڻي پري ايندا هئا. هن ڳوٺ ۾ اسان کي خبر آهي تہ ٿيناردِيئر جي هوٽل هئي، ۽ ڪاسيٽ ڇوڪري، فنٽائن جي ڌيءَ هنن وٽ هوندي هئي. اها ڇوڪري هينئر وڏيرڙي ٿي هئي. جڏهن انن ورهين جي ٿي تہ انهن کان هو پاڻ ۽ سندس زال سخت ڪم وٺندا هئا. ٻئي رواجي گهر جي ڪم ڪار کان سواءِ، ايتري پنڌ تان پاڻي بہ پرائيندا هئا. ويچاري تهہ سياري ۾ جڏهن برف پئي پوندي هئي تڏهن پاڻي پرڻ ويندي هئي. ماٽس ڪان خرچ نہ اچڻ ڪان پوءِ، هن جو بڇڙو حال ٿي ويو هو، ۽ ڦاٽل ٽٽل ڪپڙا پيا هوندا هئس ۽ بک پئي مرندي هئي ۽ ڏهاڙي موچڙا پيئي کائيندي هئي.

هڪڙي پيري دير سان ڪو مسافر آيو. جنهن جي گهوڙي ڪي پاٽي گهربل هو. ٽينارڊيئر جي زال ڪاسيٽ کي ڏول ڏنو تہ وڃي ڪوهہ تان پري اچ. آڏيو ڏنائينس تہ موتندي ڪي روٽيون ۽ ڪي ٻيون ڪاڌي جون شيون بہ وٺيون اچج. ڇوڪري اونداهيءَ رات ۾ ڊڄندي نڪتي. اُها رات ناتال جي هئي، ۽ هٽن تي ڏيا ٻاريا هئائون، سي ڏسندي پئي ويئي. ڳوٺ مان نڪري جهنگ منجهان وڃڻو ٿيس. سيءَ ۾ ڏڪندي وئي، ۽ نيٺ وڃي ڪوهہ کي پهتي. ڏول ڀريندي آڏيو جو ڪيسي ۾ هئس سو ڪوهہ ۾ ڪِري پيس، ۽ انهيءَ جو سماءُ ئي ڪونہ پيس. پاٽي ڀري وري بہ ڊڄندي جهنگ ۽ اونداهيءَ ۽ سيءَ ۾ هلي آئي. ٻيو وري اهو ڊپ هوس تہ دير ٿي آهي، تنهنڪري ضرور مار کائيندس، تنهن ۾ هيڪاري اڌ مئي ٿي پئي وئي، ۽ روئندي خدا کي ياد ڪندي هلي آئي تہ اوچتو اونداهيءَ ۾ ڏسي تہ ڏول هلڪو ٿيڻ لڳو. سگهو ئي معلوم ٿيس تہ هڪڙو ڳرو هٿ انهيءَ ۾ پيل هو، جو ڪنيو پئي آيس. منهن ورائي ڇتائي ڏسي تہ هڪڙو ڊگهو ماڻهو آهي، جو پنيان پيو اچي ۽ کيس ڏول کڻائڻ ۾ مدد ٿو ڪري. ٻهرين ڇرڪ ڀريائين، پر پوءِ همت آيس جو ڄاتائين تہ هي ڪو رحمدل ماڻهو آهي، جنهن کي مٿس قياس پيو آهي، يا خدا ڪو ملائڪ سندس مدد لاءِ موڪليو، جنهن کي ياد ڪندي پئي آئي.

# باب اٺون

اهو شخص انهيءَ ڏينهن سج لٿي کان ٿورو اڳي پئرس مان نڪتو هو. ڳچ پنڌ ٽائين پاڙي جي گاڏيءَ ۾ چڙهي آيو. پوءِ لهي پنڌ ڪرڻ لڳو ۽ مانٽفرميل وارو رستو ورتائين. اڪثر پاڻ لڪائيندو هليو آيو. اونداهي اڳئي گهٽي هئي. عمر جو سٺ ورهين جو هو، پر همت وارو ۽ مضبوط ٿي ڏٺو. جنهن ڪوهه مان ڪاسيٽ پاڻي پرڻ آئي هئي، اُتي ترسي، پاڻي پِي تازو ٿي وينو هو ته هوءَ پاڻي پرڻ آئي. پوءِ سندس پٺيان لڳو. هن جي پنهنجي منهن ڳالهائڻ ۽ ڏکن جي دانهن ڪرڻ، ۽ خدا کي ٻاڏائڻ مان معلوم ڪيائين ته ڪا ويچاري ڏکن ڀري ڇوڪري آهي، تنهنڪري پهرين پٺيان لڳس ۽ پوءِ اچي ڏول کڻڻ ۾ مدد ڪيائينس.

واٽ هلندي آهستي هن کان حال احوال وٺڻ لڳو، معلوم ٿيس ته ڳوٺ اتان پاءُ ڪلاڪ جيترو پنڌ آهي. هن پنهنجو سارو ڏکن جو حال ٻڌايس ۽ جڏهن پنهنجو نالو ڪاسيٽ ورتائين، تڏهن هن شخص ڇرڪ ڀري ڇتائي ڏٺس. پوءِ ڏول کڻائي، هن سان ڳالهيون ڪندو جڏهن هوٽل کي ويجها آيا، تڏهن ڇوڪري ڏول وٺي پاڻ ڪنيو ته متان سندس ڌياڻي ڪاوڙ ڪريس.

سگهو ئي هو اچي هوٽل جي در تي بيٺا. ڪاسيٽ در کڙڪايو، ٿيناردييئر جي زال در اچي پٽيو. دير ڪرڻ جي لاءِ ڇوڪريءَ کي ٻه - ٽي گاريون ڏنائين، ۽ مار جو دڙڪو ڏنائين. پر جڏهن هن ٻڌايس ته ڪو مسافر هتي رات گذارڻ آيو آهي، تڏهن وات بند ڪيائين ۽ انهيءَ مسافر ڏي اکيون ڪنيائين. پوءِ هنن کي اندر سڏيائين. مڙس کي خبر ڏنائين. هنن کي هن جي پيلي ڪوٽ، ميرن ۽ ڦاٽلن ڪپڙن مان غريبيءَ جي بانس آئي. پهرين ته چيائونس ته اسين غريبن کي ڪين ٽڪائيندا آهيون، پر جڏهن هن چيو ته رات آهي آءٌ ٿڪل آهيان، جيڪي گهرندؤ سو ڏيندس، تڏهن بيٺا پئسا گهرڻ لڳا. هـُـن اُهي ڏيڻ قبول ڪيا. پنهنجي ڳنڍڙي لاهي رکيائين ۽ لڪڻ ٻه - ڪاسيٽ ڊوڙ پائي شراب جي ٻاٽلي ۽ گلاس آڻي ڏنس - سوجهري ۾ هـن ڇوڪـريءَ جـي شـڪل ڏٺـي تـه تمـام خوبصورت هئي، جيتوڻيڪ ويچاري بڇڙي حال ۾ هئي ۽ ڦاٽل ڪپڙا پيا هئس - هڪ - ٻه ماڻهو بيا به هئا، جن وٺي پٽي راند ڪئي-

اتي، زال ڇوڪريءَ کان پڇيو تہ: ”روئيون آنديئہ؟“ هن ورندي ڏني تہ: ”روئين واري جو دڪان بند هو-“ تنهن تي هوءَ ڪاوڙي جو ڇاتائين تہ رانديون ڪندي دير سان وئي آهي، پر پوءِ جڏهن آڌيو گهريائينس، تڏهن ڇوڪريءَ کيسي ۾ هٿ وڌو تہ کيسو ڦاٽل هوس. جنهن مان پئسا تہ ڪِري کوهہ ۾ پيا هئا. ڇوڪري ويچاري اڇي ڊني. زال ڇهبڪ ڪٽي مٿس ڪاهي آئي. هوءَ دانهون ڪرڻ ۽ معافي گهرڻ لڳي. اسان جي نئين مسافر کي هن تي ڏاڍو قياس آيو. سو کيسي مان هڪڙو آڌيو ڪڍي، اتي انهيءَ زال کي چيائين تہ ”مائي، ويچاريءَ کي مار نہ. هي آڌيو سندس کيسي مان ڪِري پيو آهي. ڏنو کين اٿس، تڏهن اهو وٺي ماٺ ڪري ويٺي.

ائين ڪندي ٿينارديئر جون ٻہ ڌيئرون بہ اتي اچي گُڏين سان ويهي راند ڪرڻ لڳيون، ۽ ڪاسيٽ پٺي مهمانن جي اڳيان ڊوڙ ڊڪ ڪئي. ڇوڪرين کي راند ڪندو ڏسي، اتي ٿورو بيٺي تہ ڇوڪرين جي ماءُ وري ڇهبڪ ڪٽي هن تي ڪاهي آئي. چوڻ لڳيس تہ: ”ائين ٿي ڪم ڪرين. وات پٽيو بيٺي آهين!“ تنهن تي مسافر هن کي منٿ ڪئي تہ ڇيائينس تہ هي بہ ٻار آهي، جيئن تنهنجا ٻار آهن. ويچاريءَ کي ڇڏ تہ راند ڪري. هن جي سيڙحڻ ڪري هي پنج رپيا وٺ، ۽ هن کي اڄوڪي رات ڇڏ تہ ويهي راند ڪري.“ پئسا وٺي زال خوش ٿي ۽ ڪاسيٽ راند ڪرڻ لڳي. پر ڇوڪريون هن کي پنهنجين گُڏين کي هٿ لائڻ نہ ڏين، تڏهن مسافر اتي ٻاهر وڃي، هڪڙي دڪان تان ٻہ وڏيون گڏيون وٺي آٽي ڪاسيٽ کي ڏنيون، جي وٺي هوءَ ڏاڍي خوش ٿي، ۽ ويهي هنن سان راند ڪرڻ لڳي.

ذڪر ڪندي ٿينارديئر ۽ سندس زال مسافر کي ٻڌايو تہ: ”هيءَ هڪڙي نڌڻڪي ڇوڪري آهي. اسين خيراتي طرح ڪارائيندا ۽ پاليندا آهيونس. پانئجي ٿو تہ سندس ماءُ مري وئي آهي. اسين غريب آهيون. جيڪي سري سگهون ٿا، سو ڪارايونس ۽ ڍڪايونس ٿا. تنهن کان سواءِ هينئر ملڪ ۾ مهانگائي آهي، ڪاڏي پيتي تي گهڻو خرچ ٿو لڳي.“ تڏهن مسافر چين تہ .اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن ڪو پيو ماڻهو، مثلاً آءٌ، هن ڇوڪريءَ کي پالڻ گهران، تہ اوهان تان بار هلڪو ٿيندو يا نہ؟“ هنن چيو تہ: ”بيشڪ ٿيندو. ڀلي وٺي وڃينس، جيءُ وٺي وڃينس.“

تنهن کان پوءِ ماني آئي، سا اسان جو مسافر ڪائي، ميز تي نونٽ رکي ويهي خيال پچائڻ لڳو. ٻيا سڀ وڃي سمهي رهيا. اڌ رات کان پوءِ هو اٿيو ۽

جيڪا جاءِ سندس سمهڻ لاءِ مقرر ڪئي هئائون، اتي وڃي ستو. هوٽل وارن کي جيتوڻيڪ پهرين هن جي غريبيءَ جو گمان هو، پر هاڻ معلوم ٿين ته هي پئسي وارو ماڻهو آهي. هنن دل ۾ چيو ته گهڻائي لڪپتي ماڻهو آهن، جي سادن ڪپڙن ۾ گهمندا وتن، پر ڏاڍا سخي، رحمدل ۽ فياض آهن. مسافر کي رات جو ننڊ نه آئي. صبح جو سوير اُٿي، سهي سنبري پنهنجي ڳنڍڙي ۽ لڪڻ ڪڇي ويهي رهيو. هوٽل وارن رهڻ لاءِ گهڻو ئي چيس، پر هن چيو ته مون کي ويڄو آهي. ماني ڪائڻ ۽ رات رهڻ جو بل گهريائين. هنن هن کي شاهوڪار سمجهي ٿيوبهن رپين جو بل ناهي آٽي ڏنس. مسافر اهي پئسا ڪڍي ڏنن. پوءِ ڇوڪريءَ بابت پڇيائين، جنهن جو ذڪر رات جو ڪيو هئائين. اتي زال مڙس پاڻ ۾ سُس ڦس ڪري گهڻن پئسن ڪڍڻ جي صلاح ڪئي. چيائون ته: "هيءَ ڇوڪري جيتوڻيڪ اسان جي ناهي، پر اسين هن کي پنهنجي ڌيءُ وانگي پياري سمجهندا آهيون. اسان وٽ گهڻو گذاريو اٿس، اسان کي ڏاڍي ڪمائتي آهي. اسين هن کي ڇڏڻ نٿا گهرون، پر جي ڇڏينداسون ته به جيڪو اسان کي نقصان ۽ اهنج ٿيندو، سو عيوض ۾ وٺنداسون." مسافر چيو ته: "انهيءَ جي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. ٿيناردئير چيو ته:"اسين هزار رپيا وٺنداسين." مسافر کيسي مان پاڪيٽ بڪ ڪڍي، انهيءَ مان هزار رپيي جو نوٽ ڪڍي ميز تي رکيو، ۽ انهيءَ تي هٿ رکي چوڻ لڳو ته: "هاڻ ڪاسيٽ آڻيو." هنن ڪاسيٽ کي آندو. اها پنهنجي حوالي ڪري، پوءِ هن نوٽ هنن کي ڏنو. ۽ ڳنڍڙي ڇوڙي انهيءَ مان ڪارن ڪپڙن جي ماتمي پوشاڪ ڪڍي، جا ستن - اٺن ورهين عمر واريءَ ڇوڪريءَ کي پوري اچڻ جي هئي، سا هن کي ڍڪايائين. پوءِ ڳنڍڙي ۽ لڪڻ ڪڇي ڇوڪريءَ جي ٻانهن وٺي، موڪلائي، هوٽل مان نڪتو. ڇوڪري به خوشيءَ ساڻ هن سان هلي جو ڄاتائين ته هو مٿس پيءُ وانگي مهربان آهي، ۽ هتي هوءَ جنين ۽ عذابن ۾ آهي.

هن جي وڃي ڪان پوءِ، زال مڙس پاڻ ۾ ريڙهه پيڙهه ڪرڻ لڳا. زال مڙس کي چيو ته: "تو بيعقلي ڪئي جو ڇوڪري ڏيئي ڇڏي. هڪڙو ته ڇوڪريءَ ڪان سواءِ اسين ڏکيا ٿينداسين. ٻيو ته هي شخص دولتمند ٿي ڏنو. وڌيڪ گهرونس ها ته وڌيڪ ڏئي ها." انهيءَ ڳالهه تي ڳچ تائين پاڻ ۾ جهيڙو ڪيائون. نيٺ زال مڙس کي لاچار ڪيو ته هو ڊوڙي مسافر جي پنيان ويو. ايتري ۾ مسافر به

ڳوٺ ڇڏي پرپرو نڪري ويو هو. ۽ هڪڙي گھاٽي جهنگ ۾ گھڙيو هو. اتي هن کي وجي پهتو. اتي، ڏينهن جو بہ سوجهرو ٿيو. ٽيناردييئر مسافر کي چيو تہ: ”سائين، پنهنجا پئسا موٽائي وٺ، ۽ اسان کي پنهنجي ڇوڪري موٽائي ڏي. حقيقت هيءَ آهي تہ هيءَ ڇوڪري اسان جي ناهي. اسين اشراف ۽ ايماندار ماڻهو آهيون. امانت ۾ خيانت ڪين ڪنداسين. هن ڇوڪريءَ جي ماءُ جيئري آهي. انهيءَ اسان کي ڏني آهي. اسين وري بہ اُنهيءَ جي هٿ ۾ ڏيئي سگهنداسون.“

اتي مسافر وري بہ پنهنجي کيسي مان پاڪيٽ بڪ ڪڍيو. هو خوش ٿيو تہ اجهي ٿا ٻيا نوٽ ملن، پر مسافر انهن مان هڪڙو ڪاغذ ڪڍي ٽيناردييئر کي ڏنو، ۽ چيائينس تہ: ”هي پڙهي ڏس“. هن پڙهيو تہ انهيءَ ۾ هيئن لکيل هو: ”مهربان ٽينار ڊيئرصاحب، مهرباني ڪري هن خط آڻيندڙ کي منهنجي ڌيءُ ڪاسيٽ جي ٻانهن حوالي ڪج ۽ جيڪڏهن ڪا بقايا رهيل هوندي تہ اُها پهچائي ڏيندو.“ ٽيناردييئر اهو ڪاغذ وٺي رکيو، ۽ چوڻ لڳو تہ: ”اهو تہ نهيو، پر ڪاڏي جي وڏي رقم رهيل آهي، سا اسان کي ملڻ گھرجي“. تنهن تي مسافر چيس تہ: ”گذرئي دفعي تو ڇوڪريءَ جي ماءُ ڏي هڪ سؤ ويهہ رپيا بقايا ڏيکاري هئي. ٻئي مهيني ۾ وري پنج سؤ رپيا ڏيکاريئہ. انهيءَ تي ٽي سؤ رپيا هڪڙا ۽ ٽي سؤ ٻيا موڪليا ويا هئا. تنهن کان پوءِ نوَ مهينا گذريا آهن. پندرنهن رپين ماهياني حساب سان 135 رپيا ٿيا .انهن مان سؤ تو کي اڳئي وڌيڪ مليو آهي، باقي 35 رپيا لهڻين، انهيءَ جي بدران هينئر مون تو کي هڪ هزار ڏنو آهي.“

اتي ٽيناردييئر ڏٺو تہ ڪم تہ ڪنهن پڪي ماڻهوءَ ۽ حقدار سان پيو آهي، سو ٻيو عذر ڪو بہ ڪو نہ سجهيس، البت شوخيءَ سان چوڻ لڳو تہ: ”آءٌ ٽي هزار رپيا وٺندس، نہ تہ ڇوڪريءَ کي موٽائي وٺيو ٿو وڃان.“ تنهن تي مسافر بہ ڇڙ مان چيو تہ: ”تو کي مجال آهي“، ۽ پنهنجو لڪڻ لوڏي ڇوڪريءَ جي ٻانهن وٺي چيائين تہ: ”بابا، آءُ تہ هلون“. سگهو ئي هو گھاٽي جهنگ ۾ گم ٿي ويو، ۽ ٽيناردييئر ڳچ تائين بيهي بيهي پوءِ پنتي موٽيو، ڇاڪاڻ تہ جهنگ ۾ ٻيو ماڻهو ڪونهي، ۽ هو ماڻهو زبردست ٿو ڏسجي ۽ وٽس ڏنڊو بہ آهي.

پڙهندڙن سهي ڪيو هوندو تہ اهو مسافر ٻيو ڪو نہ هو جين وليجان هو.

سچو ڏينهن پنڌ ڪيائين. اڪثر ڪاسيٽ کي ڪلهن تي ڪنيو پئي هليو. سچ لٿي ڌاري پئرس ۾ پهتو. هڪڙي گوشتائي هوٽل ۾ ماني کائي، ياڙي جي گاڏيءَ تي شهر جي حد لنگهي ٻاهر ٿيو. پري ٻهراڙي ۾ بلورڊ مڪان ۾ هڪڙي اڪيلي عمارت ڏسڻ ۾ ٿي آئي، جا ديول يا مڙهيءَ وانگي هئي، انهيءَ ڏي رخ رکيائين. اتي پهچي ڪمپائونڊ ۾ هڪڙي جاءِ هئي، تنهن جي در کي ڪنجيءَ سان کولي اندر گهڙيو. ٻتي ٻاريائين. متي ماڙيءَ تي هڪڙو سادو هنڌ وڇايو پيو هو، انهيءَ تي نيئي سمهاريائينس. پوءِ ڏاڍو سرهو ٿي ويهي رهيو. اهو سڀ وقت ڪاسيٽ ستي پئي هئي. صبح جو جڏهن سوير اٿي ته ڀانيائين ته ٽينارڊيئر جي گهر ۾ آهيان. سو اُٿي ٻهاريءَ جو سعيو ڪرڻ لڳي. پر پوءِ، جڏهن معلوم ٿيس ته اتي نه آهيان، تڏهن خوش ٿي ۽ سارو ڏينهن مزي سان گذاريائين. هن حياتي ۾ اهو پهريون ئي ڏينهن ڏٺو هو، جو پورهيي کان سواءِ گذاريائين ۽ هڪڙي مهربان ٻڍي وٽ گُڏين سان راند ڪندي پورو ڪيائين.

---

## باب نائون

اها ننڍڙي ماڙيءَ واري جاءِ، جا جين وليجان مسواڙ تي ڪئي هئي، سا هڪڙيءَ ڪراڙيءَ زال ڪان، جا پڻ پاسي وارين ڪوٺين مان هڪڙيءَ ۾ رهندي هئي. ڇهن مهينن جي مسواڙ اڳواٽ ڏئي پنهنجي ۽ پنهنجي ڌيءَ جي رهڻ لاءِ ورتي هئائين. انهيءَ ٻڍيءَ هنن جي لاءِ اڳيئي جاءِ تيار ڪري ڇڏي هئي. اتي هو هفتن جا هفتا رهي پيا. جين وليجان ڪاسيٽ کي پڙهڻ لکڻ سيکاريندو هو، ۽ راند ڪرائيندو هو. هوءَ هن کي بابو ڪري سڏيندي هئي. هو ڏاڍي سنڀال سان رهندو هو. ڏينهن جو ٻاهر ڪين نڪرندو هو. ۽ رڳو سج لٿي کان پوءِ نڪرندو هو. ڪڏهن اڪيلو ته ڪڏهن ڪاسيٽ سان گڏ. رڌڻ پچائڻ جو ڪم سندن لاءِ اها ٻڍي ڪندي هئي. هو اجا به پيلو ڪوٽ ۽ فقيراڻا ڪپڙا ڍڪيندو آيو. انهيءَ هوندي به جڏهن هڪڙو نه ٻيو فقير ڪانئس خيرات گهرندو هو، ته هيڏي هوڏي نهاري هن کي خيرات ڏيندو هو، جو ڪڏهن ڪڏهن ڪو چانديءَ جو سڪو به هوندو هو. انهيءَ ڪري ٻهراڙيءَ جا ماڻهو هن کي ”خيرات ڏيندڙ فقير“ سڏيندا هئا. اها ٻڍي زال سندس پنيان چاري رهندي هئي. هڪڙي ڏينهن لکي ڏٺائينس ته پنهنجي ڪوٽ جي اونـي اڌوڙي هڪڙو ڪاغذ ڪڍيائين جو سجاتائين ته هزار رپيي جو نوٽ هو. ٻيو اهڙو نوٽ ڪڍيائين، آخر ٽيون ڪڍيائين. هوءَ حيران ٿي وئي. ايتري خبر هيس ته اهو ماڻهو اڳي شاهوڪار هو ۽ گهڻي رقم ڪنهن بئنڪ ۾ هيس، پر پوءِ اها بئنڪ ڪُـٽي پئي ۽ هي غريب ٿي پيو. اها ڳالهه جين وليجان ٻڌائي هيس، سگهو ئي جين وليجان ٻڍيءَ کي هڪڙو نوٽ ڏنو ۽ چيائينس ته: ”بئنڪ مان ڪالهه هي مون کي پنهنجو حصو مليو آهي سو وٽي مٽائي اچ.“ ٻڍيءَ کي پڪ هئي ته ڪالهه هو اصل ٻاهر ڪين نڪتو آهي، اهو ڪوڙ ٿو ڳالهائي.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ، هڪڙي ٻيري جين وليجان ڪوٽ لاهي، ٻانهون ڪنجي ٻاهر ڪانيون پئي ڦوڙيون ۽ ڪاسيٽ وٽس ويٺي هئي، ته ٻڍيءَ ڪوٽ ڪليءَ تي ٽنگيل ڏٺو. ڇتائي ڏٺائين ته استر جي اوٽي ٻيو ٻيرو سبيل هئي ۽ هٿ لائڻ سان معلوم ٿيس ته اندر ڪي ڪاغذ پيل آهن. پڪ ٿيس ته اهي به

سيپ نوٽ آهن. تنهن کان سواءِ ڪوٽ جي ٽن - چئن کيسن ۾ ڪيترين ئي ٻيون شيون پيل هيون - سئي، ڌاڳو، ڪينچي، وڏو چاڪو، پاڪيٽ بڪ ۽ جدا جدا رنگن جا ڪوڙا وار ٽوپيءَ جي اندران ڍڪڻ جا.

ديول جي پاسي ۾ هڪڙي پنجهتر ورهين جو ٻڍو فقير رهندڙ هو، جنهن کي جين وليجان اڪثر خيرات ڏيندو هو. هڪڙي ڏينهن دستور موجب هو انهيءَ ٻڍي فقير وٽ ويو ۽ وڃي خيرات ڏنائينس. هن هڪڙو پيرو ڪنڌ مٿي ڪري سندس منهن ۾ ڏٺو، ۽ پوءِ ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين. جين وليجان ماٺ ڪري خيرات ڏئي هليو آيو، پر انهيءَ پيري فقير جي منهن ڏسڻ سان هن کي دل ۾ ڇرڪ پيو شڪ پيس ته ڪي مهاندا جاسوس انسپيڪٽر جاورٽ جهڙا آهن. ساري رات انهيءَ فڪر ۾ بي آرام هو. ارمان هوس ته ناحق ڇتائي نه ڏنومانس ۽ ساڻس نه ڳالهايم. تنهنڪري ٻئي ڏينهن شام جو ساڳيءَ مهل دستور موجب وڃي خيرات ڏنائينس. ۽ ساڻس زور ڪري وڏيڪ ڳالهايائين، ۽ منهن ڇتائي ڏنائينس. پڪ ٿيس ته هميسه وارو فقير آهي. پاڻ تي ڪليو ته ناحق ڪالهه هن ۾ اهڙو گمان پيم ۽ ڊپ ڪان ساري رات بي آرامي ۾ گذاريم. پوءِ ڳالهه وساري پنهنجي رواجي ڪم ۾ وڃي لڳو.

ڪن ڏينهن کان پوءِ، رات جو دير سان جين وليجان جاءِ جو در بند ڪري مٿي ماڙي تي وينو هو ۽ ڪاسيٽ کي ويٺي سبق پڙهايائين، ته ڌاڪڻ تي دبڪو ٻڌائين، جو ٻڍيءَ زال جو نه هو، پر ڪنهن مڙس ماڻهوءَ جو هو. در جي سوراخ مان نظر ڪيائين ته هڪڙو ماڻهو بتي ڪٽي لنگهيو، پر پوءِ ماٺ تي ويئي ۽ بتي به اجهامي ويئي. جنهن مان سمجهيو ته انهي ماڻهوءَ شايد جُتي لاهي هٿ ۾ ڪري، بتي اجهائي ڇڏي آهي. جڏهن وري شڪ جو سبب پيدا ڪو نه ٿيو، تڏهن هو ماٺ ڪري ويهي رهيو. صبح جو سوير پنيرڪي ۾ ھن وري به سنجهي وارو دبڪو ٻڌو ۽ در جي سوراخ مان هڪڙي ڊگهي قد واري ماڻهو کي لنگهندو ڏٺو، وڏو ڪوٽ پيو هوس ۽ هڪڙو ڏنڊو هٿ ۾ هوس. پنيرو ڏنائينس. هن کي شڪ پيو ته ٻاهرئين در جي ڪنجي هن ڪٿان آندي، ڪنهن اها ڏنيس؟ ٻڍيءَ زال ته نه ڏني هونديس! ٿوريءَ دير کان پوءِ جڏهن ٻڍي پنهنجي وقت تي دستور موجب ٻهاري ڏيڻ بجاءِ صفا ڪرڻ آئي، تڏهن اُنهيءَ جين وليجاڻ کي ٻڌايو ته: "هڪڙو نئون مسافر به هنن جاين مان هڪڙيءَ ۾ رهڻ آيو

آهي، سنجهي جو بہ آيو هو، جاءِ ڏسي ويو هو، ۽ اڄ ايندو.“ جين وليجان سندس نالو پڇيو. ٻڍيءَ چيو تہ: ”ڊومانٽ يا اهڙو ڪو نالو اٿس، پنهنجي ملڪيت وارو ماڻهو ٿو ڏسجي.“

ٻڍيءَ جي وچڻ ڪان پوءِ جين ڪي وري بہ ڪي شڪ گذريا. اڳ ڳُٽتي ڪري پيٽيءَ مان رپيا ڪڍي ويڙهي رول ڪري ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيائين، پر اتفاق سان هڪڙو رپيو ڪِري پيو. جنهن کڙڪو ڪيو اُهو ڏينهن تہ خير جو گذريو. شام جو جين وليجان ڪاسيٽ جو هٽ وني ٻاهر نڪتو. هيڏي هوڏي ڏٺائين، پر ڪو بہ ماڻهو ڪو نہ ڏٺائين. اهو وجهہ وني هو اهو هنڌ ڇڏي، گهٽي ڏيئي نڪري پيو.

چنڊ بہ نڪري ظاهر ٿيو. گهٽين جا وڙ وڪڙ ڏيئي، پٽ تي نهاريندو، هو ڳچ پنڌ ڪري ويو. هڪڙي هنڌ پاڇولي ۾ تي ماڻهو بيٺل ڏٺائين، جن ڪان نٽائي ٻيو پاسو ورتائين، پر شڪ پيس تہ اُهي ٽي ماڻهو پري ڪان ڪيس جانچيو پنيان پيا اچن. چوٿون بہ هاڻ ساڻن اچي گڏيو. سيني ڪي وڏا ڪوٽ پيا هئا ۽ ڏنڊا هٿن ۾ هئن. انهن مان هڪڙي جي منهن تي چنڊ جي روشني پئجي وئي ۽ جين وليجان سڃاڻي ورتو تہ اهو جاورٽ آهي.

جيتوڻيڪ ڊپ ٿيس تہ بہ ڪاسيٽ جو هٽ ونيو. انهيءَ ڪي گهليندو ۽ ڪڍهن ڪٽندو تڪڙو تڪڙو نڪرندو ويو. تان جو درياءَ جي پل تائين آيو. پل تي محصول اڳڙندو هو، سو ڏئي پل لنگهي ويو. ڪوشش ڪري پاڇولي مان پئي هليو. اڳيان بہ رستا ٿي ڦٽا، دل هنيائين تہ کهڙو ونان - آخر سڄي هٿ وارو رستو ورتائين. ڪاسيٽ ساڻ نہ هجيس ها تہ هو باز وانگي اُڏامي وڃي ها، پر هاڻ لاچار ٿيس - وري اڳيان بہ گهٽيون آيس ۽ انهن مان بہ سڄي هٿ واري ورتائين تہ اتي هڪڙو ماڻهو بيٺل ڏٺائين - پڪ ٿيس تہ جاورٽ پنيان لڳو اچي ۽ هي ماڻهو ور ڏئي بيٺي پاسي ڪان سندس اڳ وٺڻ لاءِ موڪليو اٿس. ڏاڍي مشڪلات ۾ اچي پيو. هيڏي ٻاهہ، هوڏي پاٽي- اڳتي هلي يا پنتي موٽي، ٻنهي طرفن خوف هوس، پٽ تي نظر ڪيائين تہ ست - اٺ ماڻهو اچي رهيا هئا، پر اجا پري هئا. ڪٻي پاسي هڪڙي وڏي پت هئي جنهن جي هن پاسي هڪڙو وڻ بيٺو هو- هن رٿ ڪئي تہ پت تي چڙهي انهيءَ وڻ تان لهي هن پاسي هيٺ ٿئي، جو انهي پاسي ڪو باغ ٿي ڏٺو. پر پت تي چڙهي ڪيئن، ۽

ڪاسيٽ ڪي ڪيئن ڪري؟ ڇوڪري ويچاري ٻه ٻري ڪان ماڻهو ايندا ڏٺا. ۽ جين وليجان ڪي ٻه ٻي آرامي ٿيندو ڏسي ڊني ۽ روئڻ ۽ رڙين ڪرڻ تي هئي، پر جين دڙڪو ڏئي ڊيڄاري ڇيائينس تہ متان ڪڇيو اٿيئي! جيئن آءٌ چوان تيئن ڪر. نزديڪيءَ ۾ شهر جي هڪڙي ٻتي ٻرندڙ هئي. انهن ڏينهن ۾ ٻتين جي ٻارڻ لاءِ هڪڙو رسو ٻڌي ڇڏيندا هئا. جين وليجان جهٽ ۾ چاڪو ڪڍي ٻتيءَ جو اُهو رسو وڍي آيو. ۽ پنهنجو هڪڙو مضبوط رومال ڪڍي ڪاسيٽ جي ڪڇُن وٽان ٻڌائين، ۽ رسي جو هڪڙو ڇيڙو انهيءَ سان مضبوط ٻڌائين، ۽ ٻيو ڇيڙو ڇڪ ۾ ڏندن سان جهليائين. بوٽ ۽ جوراب لاهي ڀت جي هُن پاسي اڇلائي وڌائين. پوءِ ڀت جي نڪتلن پھڻن تي پير ڏئي، ٻليءَ وانگي چڙهي ويو. ڀت جي چوٽيءَ تي ويهي، رسو ڇڪي ڪاسيٽ کي ڪٽي ورتائين ۽ آهستي هن کي پٽن تي ڪٽي وڻ جون ٽاريون جهلي، تڙ تان لهي هيٺ ٿيو.

اهو سارو ڪم هن اهڙيءَ جلدائيءَ ۽ چالاڪيءَ سان ڪيو ۽ اهڙيءَ خبرداريءَ سان پاڇولي جي اونداهيءَ ۾ ڪيو، جو ڪنهن ڪو نہ ڏٺس. ٿوري دير ڪان پوءِ جاورٽ ٻين سپاهين سوڌو اُتي آيو ۽ اڳيون سپاهي ٻه اڇي انهن کي ڳڏيو. سڀ حيران ٿي ويا تہ هي ڪيڏي اُڏامي ويو. انهيءَ هنڌ جي ٻہ سنهڙيون گهٽيون ڦٽيون ٿي، انهن مان هڪڙيءَ مان هن جي وڃڻ جو شڪ پين. ڀڪ ٿين تہ ضرور جهلبو، جو سڀ ڪنهن گهٽيءَ ڏي هُنن هڪڙو ماڻهو بيهاري ڇڏيو هو. سيئي انهيءَ پاسي ڪاهي پيا ۽ گهر ٿيل ماڻهوءَ کي ڳولڻ لڳا.

جين وليجان ڇوڪريءَ سوڌو باغ جي وچ ۾ اچي بيٺو، جتي وڏا وڏا درخت بيٺا هئا. اهو هڪڙو تمام وڏو باغ هو. هڪڙي پاسي تہ باغ ئي باغ هليو ويو، ۽ ٻئي پاسي هڪڙي وڏي جهوني عمارت نظر آئي. پهرين جوراب ۽ بُوٽ ڊڪي پوءِ ڪاسيٽ جي ٻانهن وٺي باغاين واري مَنهہ ۾ آيو. ٻاهران سپاهين جي ڊوڙ ڊڪ جو ڊبڪو ۽ هُل پئي ٻڌائون. پاءُ ڪلاڪ ڪان پوءِ ماٺ ٿي وئي. اوچتو ئي اوچتو انهيءَ پاسي واريءَ عمارت مان گهڻن زالن ۽ ٻارن جو گڏ ڳائڻ جو سنو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جن ڪا مناجات يا دعا يا ڪو مذهبي راڳ پئي ڳايو. ۽ ائين پئي معلوم ٿيو تہ ڄڻ آسمان مان ملائڪن جو ڳايل گيت پيو ٻڌجي. اهڙيءَ ماٺ ۽ رات جي وقت، ٻڌندڙن کي ڏاڍي فرحت پئي آئي، مَنهہ خالي پيو هو. ماڻهو ڪو نہ هو. هي ٻيئي ڄڻا اتي ويهي راڳ ٻڌڻ لڳا. مَنهہ

چئني پاسي ڪليل هو ۽ سخت سيءُ پئي پيو. زمين بہ گهميل هئي. ڪاسيٽ ويچاريءَ کي ننڊ اچي وئي، تنهن کي ڪٽي هڪڙيءَ ڪنڊ کان سمهاريائين، ۽ پاڻ سماءُ وٺڻ لڳو.

معلوم ڪيائين تہ اها جاءِ زالن جي رهڻ جي مڙهي ۽ ديول آهي. ديول جو گهنڊ بہ پئي وڳو. هيڏي هوڏي گهمڻ سان گدرن جي واڙيءَ ۾ هڪڙو منڊو باغائي ڏنائين. پهرين تہ ڊپ ٿيس تہ متان جاورٽ جو ڪو ڇڏيل جاسوس هجي، پر پوءِ همت جهلي هن وٽ ويو. ڪيسي ۾ جو سوءُ رپين جو رول ويڙهيل پڏل پيو هوس، سو ڪڍي هٿ ۾ ڪيائين ۽ هن کي ويجهو وڃي چيائين تہ: "سوءُ رپيا روڪ" اهو ماڻهو ڇرڪ پري هن ڏي نهارڻ لڳو. جين وليجان چيس تہ: "ادا، رات جو مون کي ڪٿي ٽڪڻ ڏي تہ تو کي سوءُ رپيا ڏيان". چانڊوڪيءَ ۾ انهيءَ منڊڙي باغائي ڏسي ڏسي چيس تہ: "هان، سائينءَ اوهين تہ مڊيلين آهيو!" پوءِ پاڻ ۾ بيهي ڳالهيون ڪيائون معلوم ٿيو تہ هي اُهو ساڳيو منڊو ماڻهو فاشل ونٽ هو، جنهن کي جين وليجان جڏهن مڊيلين هو، تڏهن انهيءَ مڙهيءَ ۾ باغائيءَ جي جاءِ وٺي ڏني هئائين. انهيءَ ٻڌايس تہ انهيءَ عمارت ۾ فقط زالون ۽ ڇوڪريون ٿيون رهن ۽ ڪنهن بہ مڙس ماڻهوءَ کي اتي اچڻ ۽ رهڻ جو حڪم ڪونهي. جين چيس تہ "اڳي مون تنهنجو ساهہ بچايو هو، هاڻ تون منهنجو بچاءِ. مون سان هڪڙي ننڍڙي ڇوڪري بہ آهي، جا هن سُجيءَ لانڍيءَ ۾ ئي آهي، ڪا جاءِ ڏي جتي رات گذاريون. ڊپ آهي تہ متان ڇوڪريءَ کي سردي لڳي ۽ مري وڃي." منڊڙي فاشل ونٽ پنهنجي ڪوٺي ڏيکاريس. جين وڃي ڪاسيٽ کي سٽل ئي ڪٽي آيو، ۽ آڻي انهيءَ ڪوٺيءَ ۾ ٽپڙ وجهي سمهاريائينس. پوءِ ٻيئي ڄڻا باهہ تي ويهي، پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

متي جيڪا ڳالهہ پئي ڪئي اٿئون تنهن جي مفصل حقيقت هي آهي تہ جڏهن جاورٽ انسپيڪٽر جين وليجان کي فنٽائن جي مرڻ وقت گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، تڏهن جين اتي ڀڳو. پوليس کي پڪ ٿي تہ هي پئرس ڏي ويندو، تنهنڪري اوڏانهن پنيان لڳس. جاورٽ کي هوشيار ڄاڻي سندس آفيسرن اهو خلاصو ڪم سندس ذمي ڪيو. انهيءَ ڪان پوءِ جاورٽ جاسوسي ڪندو رهيو ۽ اخبارون ڏسندو رهيو ۽ شڪي ماڻهو ڏسندو ۽ احوال پڇندو رهيو. اخبار ۾ اها ڳالهہ پڙهيائين تہ جين وليجان تي مقدمو هليو ۽ جنم قيد

سان ٽولون جي وڏي جيل ۾ ويو ۽ اتي هڪڙي جنگي جهاز جي ڪلميءَ تان ڪِري سمنڊ ۾ ٻڏي مئو. انهيءَ هوندي بہ جاورٽ کي جين وليجان جي چالاڪي سجهي ٿي، تنهنڪري ڳالهہ ۾ گهٽو شڪ گذريو. جاتائين تہ هو اهڙو جلد مرڻ جو ناهي. وري ڪن ڏينهن کان پوءِ اخبار ۾ پڙهيائين تہ مانٽفرميل ۾ ٿنئائن نالي هڪ زال پنهنجي ڌيءَ ڪاسيٽ کنهن هوٽل واري وٽ ڇڏي هئي، سا اتان ڪو ماڻهو چورائي ڀڄائي ويو آهي. اها خبر پڙهي جاورٽ ويچار ڪيو، ۽ ٿنئائن جو نالو ياد پيس. پڪ ٿيس تہ اهو جين وليجان هوندو، جو انهيءَ ڇوڪريءَ کي وٺڻ ويو هوندو، تنهنڪري هڪدم مانٽفرميل ۾ ويو. ٿيناردييٽر کي وجي هٿ ڪيائين. هن بروقت ئي پوليس ۾ رپورٽ ڪئي هئي، پر پوءِ جڏهن پوليس وارا آيا تڏهن رولي کان بچڻ جي لاءِ اُبتا سبتا جواب ڏئي هنن کي هلائي ڇڏيائين، تنهنڪري جاورٽ کي هنن کان پورو پتو ملي نہ سگهيو. هاڻي پڪ ٿيس تہ جين وليجان برابر ٻڏي مئو. انهيءَ سمجهہ تي ماٺ ڪري ويهي رهيو.

ٻئي سال هو اتفاق سان اُتي اچي نڪتو جتي جين وليجان ڇوڪريءَ سميت اچي لڪو هو. جنهن فقير کي جين خيرات ڏيندو هو انهيءَ کان معلوم ٿيس تہ ڪو ٻڍو هڪڙيءَ ڇوڪريءَ سان مانٽفرميل کان هتي اچي رهيو آهي. سو ويس بدلائي هڪڙي ڏينهن انهيءَ فقير جي جاءِ تي شام جي وقت ويهي رهيو ۽ خيرات ڏيندي جين کي ڏسي سڃاتائين. ٻڍيءَ زال کان بہ سارو احوال معلوم ٿيس، جنهن جي جاءِ ۾ مسواڙ تي هو رهندو هو. جڏهن جين وليجان کي شڪ پيو تڏهن اها جاءِ ڇڏي ڀڳو، جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. هڪڙي هنڌ رستي جي ٻنيءَ جي سوجهري تي جاورٽ جين وليجان کي سڃاتو ۽ پوءِ ڪي سپاهي وٺي پنيان لڳس، پوءِ نيٺ هو چالاڪيءَ ڪري ڇوڪريءَ سميت پٽ ٽپي انهيءَ باغ ۾ آيو ۽ جاورٽ وري نااميد ٿي هن کي وڃائي ويهي رهيو. پر جاورٽ بہ ڏاڍو خبردار جاسوس هو، تنهن کي ٻنيءَ جو وڏيل رسو ڏسي شڪ پيو تہ ڪٿي چڙهي ڀڄي ويو آهي، تنهنڪري صبح جو ٻہ سپاهي جاسوس اُتي ڇڏي، پاڻ پيرس ڏي هليو ويو.

---

# باب ڏهون

اها مڙهي، جنهن جي حد اندر جين وليجان چڻ تہ آسمان مان ڪِري پيو هو. تنهن جو نالو پڪپس جي مڙهي هو. اُتي فقط زالون رهنديون هيون، جي حق بخشي ڪري اندر ويهي رهنديون هيون، ۽ مڙس جو منهن نہ ڏسنديون هيون. اڪثر ڪاري پوشاڪ خاص نموني جي ڍڪينديون هيون، ۽ ٽوپي بہ خاص قسم جي برقعي وانگي ڍڪينديون هيون. جيڪي منجهن وڏيون هونديون هيون، جن کي نَــنُ سڏيندا هئا سي ننڍين کي تعليم ڏينديون هيون. تعليم اڪثر مذهبي ملندي هئي. منجهن هڪڙي سيني جي وڏي هوندي هئي. ڪنهن مڙس ماڻهوءَ کي ڪو اُتي ڪم پوندو هو تہ خاص نهرايل هنڌ تي. گهنٽي وڄائي اچي بيهندو هو. اندران اها وڏي نن ڪائنس پڇندي هئي تہ ڪهڙو ڪم آهي، پر ڪنهن بہ عذر تي مڙس ماڻهو اندر ڪو نہ وڃي سگهندو هو. انهيءَ مڙهيءَ سان شامل هڪ ديول بہ هئي، ۽ ٻارن جو اسڪول بہ هو.

منڊڙي ٻاغائي فاشل ونٽ کي مدبلين جا احسان ياد هئا. تنهنڪري هينئر هن کي انهيءَ سان ڀلائيءَ ڪرڻ جو چڱو وجهہ مليو. هن ارادو ڏيکاريو تہ اڳتي پنهنجي ڏهٽي سوڏو اتي رهان. پر ٻيو ڪو مڙس ماڻهو اتي ڪيئن رهي سگهي؟ منڊڙي ٻاغائيءَ کي بہ لاچار اتي رهايو هئائون. انهيءَ بابت ٻنهي ڄڻن انهيءَ رات ويهي پاڻ ۾ صلاح ڪئي. باغائيءَ چيس تہ تون چڱي موقعي تي آيو آهين. هڪڙي نَن مُئي آهي - سڀ زالون انهي جي ڪم ۾ مشغول آهن. اسان ڏي گهٽو ڏيان ڪو نہ ٿيندن. منهنجي مرضي آهي تہ ڪنهن تجويز سان تون رات جو مڙهيءَ جي حد مان ٻاهر نڪري وڃين، ۽ سياڻي وڏي در مان اچين تہ پوءِ متو هٽي تو کي پاڻ سان رهڻ جي موڪل وٺي ڏيان ۽ تنهنجي ڏهٽيءَ کي بہ اندر اسڪول ۾ داخل ڪرائي ڇڏيان. نہ تہ چوڻ ۾ ايندو تہ هيءُ ٻيو مڙس ماڻهو اندر ڪيئن آيو؟"

هي ٻڌي جين وليجان کي فڪر ٿيڻ لڳو. ٻاهر ڪيئن نڪري؟ ڇوڪريءَ کي تہ باغائي ويڙهي سيڙهي ٻاهر ڪڍي وڃي سگهندو، پر هو پاڻ ڪيئن نڪري ۽ ڪٿي صبح تائين ترسي، متان انهيءَ وچ ۾ وري پڪڙجي وڃي- اها ڏاڍي مشڪلات جي ڳالهہ هئي. ائين ڪندي اندران گهنڊ وڳو. منڊڙي باغائيءَ

چيو تہ: "اهو مون کي سڌ آهي، آءٌ وجي حڪم ٻڌي تو اچان." ائين چئي هو ويو، ۽ نهرايل جاءِ تي وڃي ويٺو. پردي جي اندران وڏي نن هئي، تنهن چيس تہ: "ٻيا فاشل ونٽ، اسان جي هڪڙي نَن مري ويئي آهي، پر اها وصيت ڪري وئي آهي تہ ڪيس ديول جي تلهي هيٺ دفن ڪجو ۽ انهيءَ پيٽيءَ ۾ دفن ڪجو جنهن ۾ عمر ساري ستي پئي هئي. جيتوڻيڪ سرڪاري منع آهي تہ بہ اهڙي پاڪ زال جي وصيت جي مذهبي حڪمن موجب ضرور تعميل ڪرڻ گهرجي، تنهنڪري اسان صلاح ڪئي آهي، تہ اڄ رات يارهين بجي مهل تون هڪڙي لوهہ جي لٺ پاڻ سان کڻي اچي، ٻين زالن جي مدد سان انهيءَ نن کي انهيءَ پيٽيءَ ۾ وصيت ڪيل هنڌ پورڃئين ۽ ٻي خالي پيٽي جا دستور موجب تيار ڪرائي وئي آهي، تنهن کي جنازي وانگي هتان ٻاهر نيئي مقرر مقام ۾ دفن ڪبو، جيئن شڪ نہ پوي تہ بيقاعدي ٻئي هنڌ ماڻهو دفن ڪيو ويو آهي."

منڊڙي ٻاغائيءَ چيو تہ: "آءٌ حاضر آهيان، پر پيٽي جا ٻاهر ويندي سا کڻڻ ۾ تہ هلڪي لڳندي، متان ڪو شڪ پوي." نَن کي اها ڳالهہ واجبي ڏسڻ ۾ آئي، ٻيهي خيال ڪرڻ لڳي. ٻاغائيءَ چيو تہ: "جي اوهان جي مرضي هوندي تہ آءٌ انهيءَ ۾ پتر ۽ پهڻ ماڻهوءَ جي بار جيترا وجهي ڇڏيندس. پيتي متان تہ اهين ئي ڪپڙن سان ڍڪيل هوندي ۽ تختن کي ڪليون لڳنديون." اها ڳالهہ نن کي گهڻو پسند آئي. اتي ٻڍي ٻاغائيءَ ٻيو عرض ڪيو تہ: "منهنجو پياءُ آهي جو مون کان بہ عمر ۾ وڏو آهي، اهو ٻئي ملڪ ۾ هو، هاڻ هتي آيو آهي انهيءَ کي انن ورهين جي ڌهٽي بہ آهي، انهيءَ کي مڙهيءَ ۾ رکڻ ۽ تعليم ڏيارڻ تو گهري، تنهنڪري اجازت ملي تہ آءٌ انهيءَ کي پاڻ سان پنهنجي پُسنگيءَ ۾ رهايان؟" انهيءَ تي وڏيءَ نَن چيو تہ: "ڇڱو: سڀاڻي ڏينهن جو انهيءَ کي چوڪريءَ سميت وني اچ، پوءِ ڏسبو". پوءِ ٻاغائيءَ کي وري بہ يارهين بجي اچڻ جو تاڪيد ڪري، روانو ڪري پاڻ هلي وئي.

ٻڍي فاشل ونٽ اچي جين وليجان کي حال ڏنو. پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ جين وليجان انهيءَ ڪوٺيءَ ۾ وڃي لڪي ويهي، جتي خالي جنازي واري پيتي رکي آهي ۽ جنهن جي ڪنجي ٻاغائي وٽ هئي. جڏهن ٻاغائي نهرايل وقت اتي ايندو، تڏهن پترن ۽ پهڻن بدران جين وليجان کي انهيءَ ۾ سمهاري ڇڏيندو، انهيءَ طرح هو مڙهيءَ جي حد مان ٻاهر نڪري ويندو. وري دستور موجب نئن

جا جنازا بہ رات جي اندر کڻيا هئا، نہ ڏينهن جو. تنهنڪري پاڻ سولائي ٿيندي- ساهہ ڪڻڻ جي پيٽيءَ جي تختن ۾ هڪ - ٻن هنڌن تي سِيرائيءَ سان تُنگ ڪرڻ جي رٿ ڪيائين. اهو نهراءُ ڪري ڇڏيائون تہ انهي پيٽيءَ کي مقام ۾ پورڻ مهل تجويز ڪري جين وليجان کي تختو کڻي ڪڍي ڇڏبو ۽ هو پوءِ مڙهيءَ ۾ هليو ايندو.

اها جيڪا هنن رٿ رٿي هئي سا سچي تعميل ۾ آئي. نن اندر دفن ڪئي ويئي ۽ جين وليجان ٻي خالي پيٽيءَ ۾ ٻاهر ويو ۽ پيٽيءَ جي پورڻ مهل نڪري ٻاهر ٿيو. جيڪو قبر کوٽڻ وارو باغائيءَ سان شامل هو، تنهن کي ڪنهن عذر تي هن ٿوري تائين پاسي ڪيو، جنهن وچ ۾ جين نڪري آيو. پوءِ باغائي انهيءَ کي وٺي مڙهيءَ جي باغ ۾ آيو ۽ صبح جو سويل هن کي بہ ڪوڏر ڏئي بيٺي ڇٽا باغ جي ڪم ۾ لڳا. مڙهيءَ جي نن انهيءَ کي ڏٺو. سيني کي معلوم ٿيو تہ مڙهيءَ واري باغائيءَ جو ڀاءُ آهي جو هن جو مددگار ٿي ڪم ڪندو.

انهيءَ طرح ٻيڻي فاشل ونٽ جي مدد سان جين وليجان پنهنجو ٺڪاڻو بہ ڪيو ۽ ڪاسيٽ کي بہ مڙهيءَ جي اسڪول ۾ داخل ڪيائين، جتي هن جي خوراڪ، پوشاڪ ۽ تعليم جو خاطر خواه بندوبست ٿيو. هن جا ماءُ جي ماتم وارا ڪارا ڪپڙا ۽ سندس جُتي ۽ جوراب يادگيريءَ لاءِ هڪڙي پيتيءَ ۾ بند ڪري رکي ڇڏيائين.

جين وليجان پنهنجو نالو اتي فاونٽ ڇوايو. جڏهن مڙهيءَ کان ٻاهر ڪو ڪم ٿيندو هو تڏهن فاشل ونٽ ويندو هو، ۽ جي مڙهيءَ جي اندر هوندو هو تہ اهو فاونٽ ويو ڪندو هو. ڪاسيٽ کي ايتري موڪل ملي تہ ڏهاڙي هڪڙو ڪلاڪ پنهنجي ناني وٽ ٻاهر ايندي هئي. انهيءَ طرح جين وليجان ۽ ڪاسيٽ ڄڻ تہ دوزخ مان نڪري بهشت ۾ پيا، ۽ پنهنجا ڏينهن سک ۽ آرام ۾ گذارڻ لڳا. ورهيہ لنگهي ويا ۽ ڪاسيٽ وڏي ٿيندي وئي ۽ پڙهي هوشيار بہ ٿي ۽ خوبصورت جوان زال بہ ٿي-

# باب يارهون

انهيءَ ڳالهہ کي اٽ - نَو ورهيہ گذري ويا. بلورڊ جو مکان، جتي جين وليجان جاءِ مسواڙ تي ڪري ڇوڪريءَ سميت اڳي رهيو هو. اتي هينئر اڳوڻي مالڪياڻيءَ جي بدران ٻي هڪڙي ٻڍي زال رهندي هئي. انهيءَ ساڳئي گهر ۾ جنهن ۾ جين رهندو هو، هينئر "جاندريٽ" نالي هڪڙو شخص رهندو هو، جنهن کي هڪ زال ۽ ٻہ ڌيئرون هيون. تمام غريب ماڻهو هوندا هئا ۽ تمام ڏکيو گذران ڪندا هئا. انهيءَ جي پاسي ۾ ٻي هڪڙي جاءِ هئي، جتي ٻيو هڪڙو شخص "ميريس" نالي رهندو هو، جو پڻ هڪڙو جوان شخص هو.

اهو ميريس جارج پانٽمرسيءَ جو پٽ هو، جو جنگي کاتي ۾ هڪڙو ڪرنل هو ۽ گهڻين جنگين ۾ وڙهيو هو. انهيءَ جي زال پئرس جي هڪڙي ٻڍي سکر ماڻهو "گلي نارمنڊ" نالي جي ڌيءَ هئي، جو مريس مکان ۾ رهندو هو. اهو نوي ورهين عمر جو هو، ۽ ڏاڍو چيڙاڪ طبعيت جو هو. گلي نارمنڊ کي ٻي بہ ڌيءَ هئي، جا پنهنجي پيڻ کان وڏي هئي، پر شادي ڪا نہ ڪئي هئائين ۽ اها بہ هاڻ پنجاهہ ورهين عمر جي هئي ۽ پيءُ سان گڏ رهندي هئي. ننڍي ڌيءُ هڪڙو ٻار ڇڏي مري وئي هئي، جو گلي نارمنڊ پاڻ وٽ آڻي رهايو ۽ پالي وڏو ڪيو. اُهو هو ميريس. انهيءَ ٻڍي جي پنهنجي نانيءَ جارج پانٽمرسي سان ڪين پوندي هئي ۽ اهو هن کان ڏار رهندو هو، ۽ اهو حڪم هوس تہ پنهنجي پٽ جو اصل منهن نہ ڏسندو. ميريس کي بہ فقط ايتري خبر هئي تہ مون کي هڪڙو پيءُ آهي، بس.

جارج پانٽمرسي اهو ساڳيو شخص آهي جو واٽرلو واري لڙائيءَ ۾ وڙهندي ڦٽجي پيو هو ۽ مئلن سان گڏ پيو هو، جنهن جا پئسا، واچ ۽ سونو ٻلو وغيره ٿينارڊيئر چورائي ويو هو ۽ انهيءَ کي مدد ڪري اُٿاري ويهاري، پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ کي ايندو ڏسي ڀڄي ويو هو. پوءِ هو نيٺ چڱو ڀلو ٿيو، ۽ وري جنگي کاتي ۾ نوڪر ٿيو، ۽ هاڻي پينشن ملندي هيس. جنهن تي آسائش سان گذاريندو هو. پٽس ڏانهنس ڪڏهن ڪڏهن خط لکندو هو، ۽ انهيءَ جا هو پيار مان جواب بہ لکندو هو، پر نانس اُهي خط هن کي نہ ڏيندو هو.

ميريس کي ننـڍي هونـدي موچاري تعليـم ملـي هئـي، بادشاهہ جي طرف وارن مان هو. ناني جي طبعيت نہ وڻندي هيس، تنهنڪري انهيءَ سان نـہ پونـدي هيس. هو ڏاڍن چڱن اخلاقن وارو ۽ خوش طبع جوان هـو. هينئر سترهن ورهيـن جو هو. هڪڙي ڏينهن نانس سڏي چيس تہ: ”تنهنجو پيءُ سخت بيمار آهي: ضروري خط لکيو اٿس. تون هڪدم وٽس وڃ.“ ميريس پهرين تہ حيران ٿيو جو اهڙي مهربانيءَ جي اميد ڪا نہ هيس. پوءِ دل جي خوشيءَ سان انهيءَ حڪم جي تعميل ڪرڻ لڳو. ويجهي ايندڙ گاڏيءَ ۾ چڙهي ڏنل پتي تـي روانـو ٿيـو، وڃـي انهيءَ هنڌ پهتو. پڇس ڪي هڪ - ٻہ ڏينهن اڳي دماغ جـو تـپ ٿيـو هـو ۽ اوچتـو مري ويو. اجا تازو مئو هو ڊاڪٽر ۽ پادري مٿانس بينا هئا، تہ ميريس وڃي پهتو. پنهنجي پيءُ کي پهريون دفعو ۽ پويون ئي دفعو ڏٺائين - منهن تي زخـم بينو هوس. خوش بہ ٿيو ۽ ڏک بہ ٿيس، جيڪي حاضر هئا تن ساڻس معذرت ۽ همدردي ظاهر ڪئي، ۽ نوڪرياڻيءَ هڪڙو ڪاغذ آڻي ڏنس جو سندس پيءُ سندس لاءِ لکي ڇڏي ويو هو. انهيءَ ۾ هيئن لکيل هـو: ”منهنجي پٽ ميريس جي لاءِ - واٽرلو جي جنگ ۾ فرانس جي شهنشاهہ مون کي ٻئرن ڪيو ۽ سونو ٻلو ڏنائين. جڏهن رعيتي حڪومت قائم ٿي، تڏهن اُنهيءَ خطاب تي اعتراض آندو آهي، پر انهـيءَ هونـدي بـہ اسان جـو خطاب موروثـي آهـي. اهـو تـون رکجئيـن.“ ڪاغذ جي پنيان وري هيئن لکيل هو تہ: ”واٽرلو جـي لڙائـيءَ ۾ هڪڙي سپاهي ٿينارديئر نالي منهنجي جان بچائي هئي. اهو پئرس جي ويجهو مانٽفرميل ۾ هڪڙي هوٽل تـو رکـي، تـون انهـيءَ سـان جيتـري ڀلائـي پڄـي سگهئي، اوتري ڪجئين.“

صحيح

ڪرنل جارج پانٽمرسي

ميريس پنهنجي پيءُ جي لاش دفن ڪرڻ کان پوءِ موٽي پنهنجي نـاني وٽ آيو. وري اچي پئرس ۾ قاعدن پڙهڻ ۾ مشغول ٿيـو. اُتـي اخبـارن ۽ سرڪاري دفترن پڙهڻ سان ۽ وطن دوست مدبرن جي صحبت ڪرڻ سان پنهنجي پيءُ جي بهادريءَ ۽ نيڪيءَ جي تعريف ٻڌائين، تڏهن هن جي اک کلي ۽ پيءُ تي فخر ڪرڻ لڳو، ۽ ناني جي واهياتي ڳالهين تي دل ۾ ڪلڻ لڳو ۽ معلوم ٿيڻ لڳس تہ ناحق ننڍي هوندي کان پيءُ کي وساري ڇڏيائين، ۽ مٿس جيڪي خدائـي حق

۽ فرض هئا سي بجا آندائين. انهيءَ لاءِ ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ وقت بوقت پيءُ جي قبر تي وڃي معافي گهرڻ لڳو. انهي مان اهو بہ اثر پيدا ٿيو تہ اڳي نانس وانگي ملڪ ۾ فساد ۽ ڦير گهير ڪرڻ وارن جي طرف جو هو، پر هاڻ پيءُ وانگي بادشاهہ جي طرف وارن سان شمار ٿيڻ لڳو، ۽ پيءُ وارو موروثي خطاب ۽ ہلو فخر سان ڪر آڻڻ لڳو.

جڏهن وري موڪل تي ناني جي گهر آيو تڏهن نانس اهڙي حقيقت معلوم ڪري منجهانئس ڏاڍو رنج ٿيو. جيتوڻيڪ سندس ماسي ڪيس گهڻو پيار ڪندي هئي ۽ سندس طرف هئي، تہ بہ ہڊو خفقاني گلي نارمند مڙڻ جو نہ هو. هن صفا چيس تہ: "جڏهن هاڻ تون پنهنجي پيءُ جو پٽ ٿيو آهين ۽ نہ منهنجو، جنهن هيستائين تو کي پئي پاليو آهي تڏهن مون وٽان نڪر، جيڏي وڻئي تيڏي وڃ. اڳتي ڇهين ڇهين مهيني تو کي سٺ مهرون پهچايون وينديون . بس، وڌيڪ تنهنجو مون سان واسطو ڪونهي." ڪاوڙ ڪان هن ويچاري جي پيءُ جو وصيتنامو بہ باهہ ۾ ساڙي ڇڏيو، جنهن جو هن کي گهڻو ارمان ٿيو. انهيءَ هوندي بہ هن کي ان جو مضمون ياد هو، ۽ هن پڪو نهراءُ ڪيو تہ انهيءَ تي تعميل ڪندو رهندو.

انهيءَ طرح ميريس ڪاوڙجي ناني جي گهران نڪتو، ڪيسي ۾ فقط ٿيهہ رپيا هئس. ڪي ٿورا ڪپڙا ٿيلهي ۾ وجهي، گاڏي ڀاڙي ڪري نڪري پيو ۽ ڪنهن کي سماءُ ڪو نہ پيو تہ ڪيڏي ٿو وڃي.

---

# باب ٻارهون

ميريس اتان نڪري، شهر جي ڀئي پاسي هڪڙيءَ هوٽل ۾ اچي رهڻ لڳو. سندس ڪاليج جا سنگتي وٽس ايندا ويندا هئا. انهن مان گهڻا ملڪي ڦير گهير ۽ فساد ڪندڙن جي طرف جا هئا. جنهن پاسي هن جو نالو هوندو هو. انهن گهڻا متا هنيا تہ هي بہ سندن طرف جو ٿئي، پر هن بادشاهہ جو پاسو نہ ڇڏيو، جنهن جي پاسي هن جو پيءُ وڙهيو هو. انهيءَ هوٽل ۾ رهڻي، هن جو خرچ ڪُٽي ويو. پنهنجا ڪپڙا ۽ پنهنجي واچ وڪڻي پورائي ڪئي هئائين، فقط ٽي رپيا بچيا هئس.

هڪڙي ڏينهن صبح جو ٽپال ۾ هڪڙو خط آيس جو سندس ماسيءَ جو هو. اُنهيءَ پنهنجي پيءُ يعني ميريس جي طرفان ڏانهنس سٺ مهرون موڪليون هيون. ميريس اهي پئسا وري ماسيءَ ڏي موٽائي ڏياري موڪليا، ۽ لکيائين تہ: "اوهان جي گهڻي مهرباني، مون کي انهن پئسن جي گهرج ڪانهي.آءٌ پاڻهي پنهنجي ڪمائيءَ تي گذران ڪندس." اهو خط پڙهي ماسيس کي گهڻو ارمان ٿيو. هن اها ڳالهہ پيءُ کي نہ ٻڌائي متان هو ڪاوڙجي.هوڏي ميريس هوٽل ڇڏي ڀهراڙيءَ ۾ سادي گذران ڪرڻ جي ارادي سان بلورڊ واري مڪان ۾ اچي رهيو، جنهن جو اشارو مٿئين باب جي منڍ ۾ ڏنو ويو آهي.

ميريس جهڙا جوان ۽ پڙهيل ماڻهو انهيءَ عمر ۽ اهڙي حالت ۾ ڏاڍو سکيو گذاريندا هئا ۽ عيش عشرت ڪندا وتندا هئا، پر هن جي طبعيت ۽ خوش خلقيءَ ۽ نيڪيءَ هن کي ائين ڪرڻ نتي ڏنو. غريب ۽ اشراف تي گذارڻ وڏيڪ پسند تي ڪيائين. جيڪو ڏک سک متان پئي آيس، سو خوشيءَ سان پئي ڪنيائين- نانوائي کان غريباڻي ماني وٺيو پيو کائيندو هو ڪپڙا غريباڻا ڍڪيندو هو. بلڪ ڪڏهن تہ پـِني بہ گذران ڪندو هو. ڪيترا ڀيرا ماسيس وري وري پئسا موڪليس پر هن اهي قبول نہ ڪيا. ۽ موٽائي پئي موڪليائين. اجا تائين هو پيءُ جي ماتم ۾ ڪارو نشان ڪنيو وتيو، ۽ انهيءَ وارا خيال دل ۾ سانديو وتيو. جيڪڏهن تيل جا پئسا نہ هوندا هئا تہ شهر جي بتين تي وجي پڙهندو هئو. ڏاڍي محنت ڪري پڙهندو رهيو. نيٺ بئرسٽريءَ جو امتحان پاس

ڪيائين ۽ ماسيءَ کي خوشيءَ مان اها خبر ڏنائين. ماسيس اهو خط پنهنجي پيءُ کي ڏيکاريو. انهيءَ اهو خط وٺي ڦاڙي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳو تہ: ”گڏهہ کي ايترو عقل نٿو اچي تہ ساڳيو ماڻهو ساڳئي وقت ۾ ٻئرن بہ. ٻئرسٽر بہ ٿي نٿو سگهي.“ ميريس کي اتي بورڊ ۾ رهندي گهٽا ڏينهن گذري ويا. ڏاڍي صرفي سان رهندو هو. غريبيءَ ۾ بہ قرض ڪو نہ ڪنيائين. بلڪ ٻين کي ٿورو گهڻو اڌارو ئي ڏنائين. هن کي دل ۾ فقط ٻن ماڻهن جي حق ادا ڪرڻ جي خواهش هئي: هڪڙي پيءُ جي ۽ ٻي ٿيناردييئر جي، جنهن جي پارت پٽس وصيتنامي ۾ ڪئي هئي. وجهہ وٺي انهيءَ ماڻهوءَ جي پتي ڪڍڻ ۽ سماءُ لهڻ لاءِ مانٽفرميل ۾ ويو هو. ٿيناردييئر جي هوٽل بند ٿي وئي هئي، جو هو ڪُنجي پيو هو. ۽ ڪنهن کي بہ خبر ڪا نہ هئي تہ ڪيڏي لڏي ويو. جن ڪان هن قرض ڪنيو هو سي بہ انهيءَ جون پيا پچائون ڪندا هئا. ميريس کي ڏاڍي ڳڻتي هئي تہ ڪنهن بہ طرح انهيءَ شخص کي ڳولهي لهان، ۽ هن کي پئسي جي يا ٻي مدد ڏيان، ساڻس احسان ڪريان.

اتي ميريس کي ناني جي گهر ڇڏي ٿي ورهيہ ٿيا هئا. پاڻ هينئر ويهن ورهين جو هو. هن جي سمجهہ ۾ هو تہ نانس ڪيس نٿو گهري، پر اها سندس غلط فهمي هئي. نانس جي ساڻس حد ڪان وڌيڪ دل هئي، نہ تہ جيڪر نندي هوندي ڪان هن کي پنهنجي ذمي نہ ڪري ها. هو شوخ طبعيت جو هو ۽ خفتاني بہ هو، سندس عمر جو بہ تہ خيال ڪريو. ميريس جي نڪري وڃڻ ڪان پوءِ ڏاڍو ڏک رهندو هوس ۽ هن جي لاءِ پيو سڪندو هو ۽ رئندو بہ هو، پر ڪنهن کي ٻڌائيندو ڪين هو. هوڏي ميريس ڪانئس ۽ سندس پڳهار ڪان پيو نفرت ڪندو هو. جيتوڻيڪ ٻئرسٽر ٿيو هو تہ بہ ٻئرسٽري ڪرڻ جي بدران ڪتابن لکڻ جي مشغولي ڪندو هو ۽ چڱو پئسو ڪمائيندو هو. هڪڙي ڇاپخاني واري هن کي پاڻ وٽ ٿي رکيو ۽ رهڻ جي جاءِ ٿي ڏنائينس، ۽ سال ۾ ڏيڍ هزار رپيا ٿي ڏنائينس، پر هن پابندي قبول نہ ڪئي. آزادي ۽ غريبي سان گذارڻ کي بهتر ٿي ڄاتائين. ماڻهن جي صحبت نہ وڻندي هيس. اڪثر اڪيلائي ۽ گوشہ نيشي وڻندي هيس. ڪڏهن ڪڏهن سندس پيءُ جا جهونا سنگتي جنرل، ڪرنل ۽ ٻيا وڏا ماڻهو پئرس ۾ دعوت ڏئي سڏيندا هئس، اوڏي سو ويندو هو، نہ تہ گمنام ٿيو پيو گذاريندو هو ۽ آسپاس جي ماڻهن کي فقط سندس نالي ميريس جي خبر

هئي، ڪنهن کي بہ سندس خطاب يا ٻي لياقت ۽ قابليت جي خبر ڪا نہ هئي. پر سندس سخاوت ۽ مروت ۽ مهرباني ڏينهون ڏينهن مشهور ٿيندي وئي.

سندس پاسي ۾ جاندريٽ يا گوروس وارو غريباڻو ڪٽنب جو رهندو هو، ۽ جنهن سان هن جي سڃاڻپ بہ نہ ٿي هئي، تنهن کي جاءِ جي مالڪياڻيءَ مسواڙ نہ ڏيڻ ڪري هڪالي ڪڍي ڇڏيو. جڏهن ميريس کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر پئي تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس. پنهنجي هڙان ويهہ رپيا مسواڙ جا هن کي پري ڏنائين ۽ پنج رپيا وڌيڪ بہ ڏنائينس. سي بہ لڪ چوريءَ ۽ تاڪيد ڪيائينس تہ هنن کي نہ ٻڌائي تہ اهي پئسا ڪنهن ڏنا آهن.

ميريس عادت ڪري ڇڏي هئي تہ شام جو هڪڙي وڏي باغ ۾ هوا کائڻ ويندو هو، جو پيڪپس واري مڙهيءَ جي رستي تي هو. اتي باغ جي هڪڙي گوشائتي پاسي هڪڙو ٻيو آدمي ۽ هڪڙي جوان ڇوڪري گڏ ويٺل ڏسندو هو. ٻڍو اٽڪل سٺ ورهين جو هو ۽ ڇوڪري ڇوڏهن ورهين جي هئي. هو هر روز اتي ويندو هو ۽ هر روز انهن کي ڏسندو هو، پر ڪڏهن هنن سان ڳالهائڻ جو اتفاق ڪو نہ ٿيس. سڄو سال ائين گذريو. تنهن کان پوءِ ڇهن مهينن تائين ڪن سببن ڪري هن جو انهيءَ پاسي وڃڻ نہ ٿيو. ڇهن مهينن کان پوءِ هو وري بہ انهيءَ پاسي وڃڻ لڳو. وري انهيءَ ساڳئي ٻڍي ۽ انهيءَ جوان زال کي انهيءَ ساڳئي هنڌ ويٺل ڏٺائين، پر زال هينئر وڌيڪ خوبصورت ۽ پوري جوان ڏسڻ ۾ آيس، اڳي ڇوڪري ٿي ڏٺي. انهيءَ کان پوءِ وري بہ هر روز اڳي وانگي انهيءَ باغ ۾ ويندو رهيو. هڪڙي ڏينهن انهيءَ جوان زال منهن مٿي ڪري ميريس کي ڏٺو، ۽ ميريس بہ هن کي ڏٺو. هنن ٻنهي جون اکيون پاڻ ۾ اٽڪيون. انهيءَ وقت کان وٺي ميريس پنهنجي دل کسائي ويهي رهيو. پنهنجي جاءِ تي موٽي ويو، پر آرام ڪو نہ آيس. رات جو بہ انهيءَ جوان زال بابت خيال ڪندو رهيو. جي اها زال جوان ۽ خوبصورت هئي، تہ ميريس بہ ڦوهہ جواني ۾ هو ۽ تمام حسين هو.

ٻئي ڏينهن نوان ڪپڙا، نئين ٽوپي ۽ نئين جُتي ڍڪي باغ ۾ هوا کائڻ ويو. انهيءَ ٻڍي مڙس ۽ جوان زال کي انهيءَ ساڳي هنڌ ساڳئي بينچ تي ويٺل ڏٺائين. هوءَ ساڳي غريباڻي پوشاڪ ۾ هئي، پر هن کي گذريل ڏينهن کان بہ گهڻو سهڻي ڏسڻ ۾ آئي. اڳي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهندي هئي ۽ ڳالهائيندي ڪين

هئي، پر هن پيري هو منهن متي ڪرڻ لڳي ۽ ٻڌي سان اهڙو ڳالهايائين جو هن جو منو آواز ميريس جي ڪن تي ٻه پيو. اڳي بينچ جي اڳيان لنگهي ويندو هو، پر هن پيري ٻه - ٽي دفعا آيو ويو ۽ آخر سامهون هڪڙيءَ بينچ تي ويهي رهيو. پاءُ ڪلاڪ کان پوءِ اٿيو ۽ هليو ويو. پر سندس خيال اڳي کان ٻه وڌيڪ انهيءَ زال بابت هئا. انهيءَ رات ماني ٻه ڪانه کاڌائين ۽ ننڊ ٻه ڪا نه آيس.

وري ٻئي ڏينهن هو سامهون بينچ تي وينو هو ۽ هڪڙو ڪتاب پڙهيو ويٺي ڏٺائين، ته اوچتو اهو ٻڍو ۽ جوان زال پنهنجي بينچ تان اٿيا ۽ هلندي هن ڏي اچڻ لڳا. ميريس جي دل ۾ الهجي انهيءَ مهل ڇا گذرڻ لڳو. هو وٽائنس اچي لنگهيا، هن ڪتاب ڪٽي بند ڪيو. جوان زال هن ڏي ڏٺو ۽ اکين سان چڻ چيائينس ته: "جي تون مون ڏي نٽي آئين ته آءٌ تو ڏي آئي آهيان." هن جي ويجهائي کان هو وائڙو ٿيڻ لڳو. سندس بت پٿي ڏڪيو. "ٻڍي سو البت ڏانهنس گهور سان نهاريو، پر انهيءَ جي هن کي گهٽي ڳڻتي ڪا نه ٿي. هو هن نازنين جي خيال ۾ محو هو. ٻڍي جي دل تي اهڙو اثر ٿيو جو انهيءَ کان پوءِ جڏهن سندن ويٺي ميريس باغ ۾ ايندو هو، ته هي اُٿي هيڏي هوڏي هلڻ لڳندا هئا. پوءِ رفتي رفتي انهيءَ بينچ جي پچر ڇڏي ڏنائون، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته باغ ۾ ئي نه ايندا هئا، جا ڳالهه ڏيڍ ورهيه کان هنن جي عادت جي برخلاف هئي."

هڪڙي پيري ميريس باغ ۾ آيو. هو ٻڍو ۽ زال هن کي ڏسي پنهنجيءَ بينچ تان اُٿي هليا ويا، پر زال هڪڙو اُجو رومال اتي ڇڏي وئي- اهو هن وجي کنيو. انهيءَ مان ڏاڍي سرهي ٻانس آيس. رومال جي هڪڙيءَ ڪنڊ تي الف - ب اکرن جا نشان ٿيل هئا. هو ڏاڍو خوش ٿيو، سيني تي ڪٽي رکيائين، ۽ انهيءَ رومال مان روح جي راحت پئي آيس. تنهن کان پوءِ اها ڳڻتي ٿيس ته معلوم ڪريان ته هي ڪٽي تا رهن. جڏهن هو اٿيا تڏهن پري کان پٺيان پئي ويو، ۽ جنهن گهر ۾ گهڙيا سو ڏسي ڇڏيائين. ٻئي وقت اتي وجي ڪن ماڻهن کان پڇا ڪيائين. انهن ٻڌايس ته: "اهو ماڻهو پنهنجي ملڪيت وارو آهي. جيتوڻيڪ غريب آهي ته ٻه ماڻهن کي خيرات گهڻي ڏيندو آهي." نالو پڇيائين، پر جنهن ماڻهوءَ کان پڇيائين انهيءَ چيس ته: "تون ڪو پوليس جو جاسوس آهين ڇا، جو ماڻهن جون پڇائون ڪندو ٿو وتين؟" تنهنڪري ميريس شرمندو ٿي هليو ويو.

هڪڙي پيري جڏهن ٻڍو ۽ جوان زال باغ مان گهمي گهر تي ويا ۽ ميريس پري ڪان پنيائن پئي ويو. تڏهن گهر ۾ گهڙڻ وقت ٻڍي ماڻهوءَ ميريس کي منهن ڦيرائي ڏنو. وري انهيءَ جي ٻئي ڏينهن هو اصل باغ ۾ ڪين آيا. ٽئي ڏينهن ميريس وڃي هنن جي گهر ڌاري جاچ ڪئي. ڏسي ته اهو گهر خالي ٿيو پيو آهي. پاڙيوارن کان پڇا ڪيائين، چيائونس ته: "اهو ٻڍو ڏيءَ سميت لڏي ويو آهي، پر خبر ناهي ته ڪيڏي ويو آهي." ميريس نااميد ٿي موٽي آيو، ۽ انهيءَ وقت کان وٺي بي آرامي ۾ گذارڻ لڳو. پوءِ ته ڏينهن جا ڏينهن، هفتا ۽مهينا گذري ويا ته به هن کي پنهنجي محبوب جو پتو ڪو نه پيو ۽ هو حيران ۽ پريشان گذاريندو وتيو. سارو ڏينهن هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ پيو هوندو هو ۽ اڪيلائي ۾ پيو ڳرندو هو. رات جو ننڊ حرام هيس ۽ ڪاڏو پيتو زهر ٿي ويس. ڪڏهن وري ٻاهر نڪري رلڻ ويندو هو، ۽ هميشه پنهنجي محبوب جي ڳولا ۾ رهندو هو.

هڪڙي ڏينهن هن کي هڪڙو ٻڍو ماڻهو گڏيو جو مزور جي پوشاڪ ۾ هو. هن کي ڪي مهاندا هن جوان زال واري ٻڍي جا لڳا، پر صورت ٻي ڏسڻ ۾ آيس خوش به ٿيو ۽ شڪ به پيس، پر جيستائين پانئيائين، ته هن کي چتائي ڏسي، تيسين هو نڪري ويو، ۽ هن دل ۾ چاتو ته: "اهو ڪو ٻيو ماڻهو آهي، آءٌ رڳو ڀليو آهيان."

## باب تيرهون

ميريس اجا بہ بلورڊ جي مڪان ۾ رهندو آيو ۽ پاسي ۾ جانبريٽ جي ڪٽنب ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ ڪو نہ رهندو هو. جيتوڻيڪ اهي ماڻهو، يعني پيءُ ماءُ ۽ سندن ٻہ ڌيون، هن جا پاڙيسري هئا، تڏهن بہ هي هنن جو اجا واقف ڪو نہ ٿيو هو، بلڪ چتائي بہ نہ ڏٺو هئائين.

هڪڙي ڏينهن شام جو ميريس در جي اڳيان پنڌ ڪندو هڪڙي پاسي هليو تہ اونداهيءَ ۾ ٻہ ڇوڪريون سندس اڳيان ڊوڙنديون اچي لنگهيون، ڇڻ تہ ڪو پنيان پيو هجين ۽ هو انهن ڪان ٻچي نڪتيون هجن. هنن جي وڃڻ ڪان پوءِ ميريس اڳڙيءَ ۾ ٻدل ڪي ڪاغذ لڌا. ياڻيائين تہ اهي ڇوڪريون ڊوڙندي ڪيرائي ويون آهن. في الحال ڪٺي ڪيسي ۾ وڌائين. جڏهن گهر آيو ۽ ماني ڪائي ويٺو، تڏهن اُهي ڪاغذ ياد پيس. ڪڍي ٻتيءَ تي ڏسڻ لڳو تہ من ڪو پتو پوي تہ انهن ڪي موٽائي ڏئي. ڏسي تہ جدا جدا ماڻهن جا خط يا عريضيون خيرات جي پئسن لاءِ آهن، جدا عذرن ۽ سببن تي. اُهي سڀ شهر جي ڪن سڪرن جي نالي لکيل هئا، ۽ هڪڙو خط هو هڪڙي ٻڍي رحمدل ۽ سخي خيرات ڏيندڙ ماڻهوءَ ڏي، جو پڪيس واريءَ ٻاهرينءَ ديول ۾ گهڻو ايندو آهي. ميريس خيال ڪري معلوم ڪيو تہ اکر ساڳئي ماڻهو جا لکيل آهن، پر لکندڙن جا نالا ٻيا آهن ۽ جدا جدا ماڻهن ڏي آهن. ڪاغذ بہ ساڳئي قسم جو هو. اکرن جو نشان بہ ساڳيو، صورتخطي جون چوڪون بہ ساڳيون ۽ سيني ۾ تماڪ جي ٻانس بہ هئي. خيال ۾ هو تہ هي ڪنهن جا خط آهن ۽ ڪنهن ڪي موٽائي ڏيان. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير در تي هٿ لڳو ۽ سندس سڏ تي هڪڙي ڇوڪري اندر گهڙي آئي ۽ هڪڙو خط آڻي ميريس ڪي ڏنائين. پوءِ هيڏي هوڏي نهارڻ ۽ ڪتاب ۽ ٻيون شيون ڏسڻ ۽ گستاخيءَ سان ڳالهائڻ لڳي. هڪڙي ڪتاب ۾ واٽرلو جو لفظ پڙهي چوڻ لڳي تہ: "واٽرلو جي لڙائيءَ ۾ بابو بہ وڙهيو هو ۽ بادشاهہ جي طرف جو هو." ڪڏهن قلم ڪٺي ڪاغذ تي لکي چوي تہ: "آءٌ بہ لکي ڄاڻان ٿي."

انهيءَ وچ ۾ ميريس اهو خط ڦاڙي پڙهيو. لفافو تازو بند ٿيل تي ڏنو،

جو اجا ڪوئنر بہ آلو هو. مضمون هي هو تہ: "منهنجا مهربان جوان پاڙيسري، آءُ اوهان جو گهڻو شڪر گذار آهيان جو مون کي معلوم ٿيو تہ اوهان منهنجي پاران گهر جو مسواڙ ڀري ڏني آهي. اسين غريب ماڻهو آهيون. رات جو ڪاڌي لاءِ ڪين اٿئون. منهنجي وڏي ڌيءُ اوهان کي ٻڌائيندي تہ منهنجي زال بيمار پيئي آهي. اسان کي ڪي پئسا خيرات ڏيو-
صحيح جانڊريٽ."

ميريس کي انهيءَ خط جي ٻہ اکرن ۾ ڊول ڏسڻ سان معلوم ٿيو. تہ اهي ٻيا خط بہ انهيءَ ماڻهوءَ جا لکيل آهن ۾ هن خيرات وٺڻ جو اهو ڌنڌو ڪري ڇڏيو آهي. تڏهن ميريس اهي اڳئين ٻئي خط انهيءَ کي ڏيئي چيو تہ: "هي خط بہ اوهان جا ٿا ڏسجن، جي مون اڳهڻو ٻاهران لڌا هئا." ڇوڪريءَ اهي کولي ڏسي چيو تہ: "هائو، برابر منهنجي پيڻ ڊوڙندي ڪيرايا هئا." پوءِ هڪڙو - هڪڙو خط ڪڍي ڏسي چوندي وئي تہ هي فلاڻي صاحب جي نالي آهي، اُهو ههڙو سخي آهي، ههڙو رحمدل آهي. جڏهن ٻڌي رحمدل گمنام ماڻهوءَ جي خط تي آئي، تڏهن چيائين تہ: "اهو ٻڍو ڏاڍو چڱو ۽ سخي ماڻهو آهي. هر روز ديول ۾ ايندو آهي. هينئر سندس اچڻ جي مهل آهي. وجي تي هي ڏيانس. هميشہ اسان کي خرچي ڏيندو آهي." جڏهن هو وڃڻ لڳي تڏهن ميريس کيسي ۾ هٿ وڌو. وٽس هئا ئي پنج رپيا ۾ ٻارهن آنا. جن مان انهيءَ ڏينهن جو ڪاڌو ڪري ها. هن اُهي ٻارنهن آنا پاڻ لاءِ رکيا، ۽ پنج رپيا ڇوڪريءَ کي ڏيئي ڇڏيائين تہ وڃي پيءُ کي ڏئي. هو ڏاڍي خوش ٿي، رپيا وٺي ٽَپ ڏيندي گهر هلي ويئي.

ڇوڪريءَ جي وڃڻ کان پوءِ خيال پڇائيندي ميريس کي دل ۾ آيو تہ ڏسان تہ هي ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهن، سچي پچي غريب آهن يا ٺڳ آهن، جيئن خطن مان معلوم ٿي ٿيو. هنن جي جاءِ ۽ سندس جاءِ جي وچ ۾ جا ڀت هئي، سا ڇڪاسي ڏنائين تہ انهيءَ ۾ مٿي ڇت کان هيٺ هڪڙو اٽلڪو ٽنگ هو، جو گاري لهڻ ڪري ٿي پيو هو. انهيءَ هنڌ سندس جاءِ ۾ ڪبٽ رکيل هو. هن رٿ ڪئي تہ ڪرسي رکي ڪبٽ تي بيهي انهيءَ سوراخ مان نظر ڪريان. اهو ارادو ڪري ڪبٽ تي چڙهي، بيهي ڏسڻ لڳو. ڏسي تہ هنن جي جاءِ ڏاڍي گندي آهي، سامان منجهس ڪو نالي جو آهي، هڪ - بہ ڪٿولا آهن. جن تي خراب هنڌ پيل آهن، هڪڙو ٻڍو مڙس ويٺو آهي ۽ ٻي تمام ٿلهي مضبوط قداور زال آهي، ۽ سندس ننڍي ڌيءَ بہ اتي حاضر آهي، پاسي تي هڪڙو ميز

جو ٽڪر پيو آهي، جنهن تي مس قلم ۽ ڪاغذ پيل آهن.

ائين ڪندي ميريس ڏٺو، تہ هنن جي جاءِ ۾ هنن جي وڏي ڌيءَ جا وٺس بہ آئي هئي سا ڊوڙندي آئي اندر ۽ ٽڪرو ٽڪرو ڇوڻ لڳي تہ: "اهو سخي ماڻهو اچي ٿو." ميريس کي هڪدم ياد پيو تہ اها ڇوڪري خط ڪٽي انهيءَ ٻڍي سان ديول ۾ ويندڙ ماڻهوءَ ڏي وئي هئي، ۽ اهو بہ ياد پيس تہ انهيءَ خط ۾ انهيءَ کي لکيل هو تہ: "اوهين ٻلائي ڪري هن منهنجي ڌيءَ سان اسان جي گهر اچي ڏسو تہ اسان جو ڪهڙو خراب حال آهي، ۽ آءٌ اوهان کي پنهنجا سرٽيفڪيٽ بہ ڏيکاريندس." تنهنڪري سهي ڪيائين تہ شايد انهيءَ ماڻهوءَ کي ساڻ وٺي آئي آهي.

ستت کي هڪڙي گاڏي جو آواز آيو، جا در تي اچي بيٺي. جاندريٽ ۽ سندس زال تڪڙا تڪڙا اٿيا. باهہ اجهائي ڇڏيائون، ۽ ڪاٺي پيٽي جي شيءِ ٻاسي ڪري لڪائي ڇڏيائون، انهيءَ لاءِ تہ هو اچي سندن غريبيءَ جو حال ڏسي. زال ڊوڙ پائي وڃي هڪڙي هنڌ تي ليٽي بيمار ٿي ڪري پيئي. ڀڳل شيشن مان سرد هوا جاءِ ۾ پئي آئي. ائين ڪندي در کي هٿ لڳو، ۽ هڪڙو ٻڍو ماڻهو ۽ هڪڙي جوان زال ٻيئي اندر لنگهي آيا. ميريس سوراخ مان وينئي ڏٺو. هڪدم معلوم ڪيائين تہ اهو ٻڍو ۽ اها زال اُهي ئي آهن جن کي باغ ۾ ڏسندو هو ۽ جن لاءِ هي حيران هو. اهو ئي محبوب هو، جنهن لاءِ بي آرام هو ۽ ڳولائون ڪندو وتيو. انهيءَ وقت انهيءَ ۾ بجليءَ جهڙو اثر ٿيڻ لڳو ۽ ڏڪڻ لڳو، اهڙو جو ذري گهٽ ڪيٽ تان ٿي ڪِريو.

ٻڍي مرڪي هڪڙي ڳنڍڙي جاندريٽ کي ڏني، ۽ چيائينس تہ: "انهيءَ ۾ اوهان جا نوان ڪپڙا ۽ گرم جوراب، ٽوپيون ۽ ڪتا پيل آهن." جوان زال وري ڇوڪرين کي پيار ڏيڻ ۽ انهيءَ سان ڳالهائڻ ۾ مشغول ٿي ويئي. انهيءَ وچ ۾ گهر جي ياتين هڪبئي سان ڪن ۾ بہ پئي ڳالهيون ڪيون ۽ هنن کي عرض احوال بہ پئي ڪيائون، جاندريٽ چيو تہ اسان تي گهڻو قرض آهي، وري جاءِ جي مسواڙ ڏيڻي پئي آهي، نہ تہ اڄ شام جو انين بجي اسان کي هڪالي ڪيندا. ڪاڏي لاءِ اڳتي ڪين اٿئون." انهيءَ طرح وڏو قصو ڪري ويو. ٻڍي سخيءَ کيسي مان پنج ربيا ڪڍي هن کي ڏنا. انهيءَ تي البت هو ناراض ٿيو. قصو وڏو ڪري ويو، مليو ٿورو! ٻڍي دلاسو ڏيئي چيس تہ: "اڄ شام جو ڇهين بجي آءٌ اوهان کي سؤ ربيا هتي آڻي ڏيندس." تنهن کان پوءِ جاندريٽ جي زال، جا بيمار پيئي هئي، تنهن کي ڏنائون. پوءِ موڪلائي موٽڻ لڳا.

هلڻ وقت جيڪو گرم ڪوٽ پيل جي بدن مٿان پيل هو، سو بہ لاهي هنن کي ڏنائين. ظاهري ڪري هو سڀ خوش ٿيا، هنن کي دعائون ڏيڻ لڳا. جانبريٽ پاڻ بہ هنن سان گڏجي در کان ٻاهر اماڻڻ لاءِ ويو.

ميريس اهو سڀ رنگ ڏٺو، پر هن جون اکيون فقط هن جوان زال ۾ هيون، جنهن جو هو مشتاق هو. پيو جيڪي ٿي گذريو، تنهن جو ڪو بہ سماءُ ڪو نہ رهيس. هن جي وٺي ڪان پوءِ، هن جي نظر ۾ سچي پچي اونداهي اچي وئي، ۽ دل سست ٿيڻ لڳيس. هي ٽپ ڏيئي ڪبٽ تان اٿيو. دل چيس تہ هنن جي پنيان لڳو وڃي ۽ معلوم ڪري تہ ڪٿي ٿا رهن. اهو خيال ڪري ٻاهر نڪتو، ۽ ڏسي تہ گاڏي اڳيئي پئرس واري رستي ڏيئي رواني ٿي. هيءُ انهيءَ پاسي ڏاڍو ڊوڙيو. اوچتو هڪڙي ننڍي پاڙي جي گاڏي خالي ٿي آئي، تنهن کي بيهاري ٽپ ڏيئي منجهس ويهي رهيو، ۽ هن کي چيائين تہ هن پاسي گاڏي هڪل. هن کي بدن تي پورا ڪپڙا ئي پيل نہ هئا، سو گاڏيءَ واري کي ڪو شڪ گذريو، تنهن پئسا اڳواٽ گهريا. هن وٽ پئسو موجود ڪو نہ هو، لاچار موٽي پنهنجي جاءِ ۾ آيو. پر اندر لنگهندي جانبريٽ کي ڏنائين تہ ٻاهر سيءَ ۾ بڊي وارو ڪوٽ ڍڪيو، هڪڙي ٻئي بدشڪل بدمعاش ماڻهوءَ سان بينو ڳالهائي. اهڙا ماڻهو اڪثر رات جي وقت رلندا وتندا آهن، ۽ وجهہ ڏسي اڪيلن ماڻهن کان قرمار ڪندا آهن.

ميريس جيئن نااميديءَ ۾ اندر اچي هنڌ تي اونڌو ٿي ڪِري پيو، تہ اوچتو جانبريٽ جو ڳرو آواز ٻڌائين، جنهن پنهنجي گهر اچڻ سان ئي زال سان وڏي آواز سان پئي ڳالهايو. ميريس دل ۾ چيو تہ وري بہ سوراخ مان ڏسان ۽ ٻڌان، من ڪو هن جو پتو سندن واتان نڪري. هڪدم وري ڪبٽ تي چڙهي ڏسي تہ سيئي گهر جا ڀاتي گڏ آهن. جانبريٽ زال کي پيو چوي تہ: "چو، تو سڃاتو ڪو نہ؟ مون کي پڪ آهي تہ اُهو ساڳيو آهي، جيتوڻيڪ اٺ ورهيہ گذريا آهن ۽ هينئر هو آبروءَ جهڙيءَ پوشاڪ ۾ آهي، تہ بہ آءٌ بيشڪ سڃاڻائنس ٿو تہ اهو ئي آهي." زال چيو تہ: "هوندو! ڇوڪريءَ ۾ بہ مون کي شڪ پيو تہ اُها ئي آهي، رڳو هينئر وڏي ٿي آهي ۽ خوبصورت ۽ جوان زال ٿي پئي آهي." مڙسس چيو تہ: "هاڻ مون بہ رٿ ڪئي آهي تہ آءٌ بہ هن وانگي غريب مان شاهوڪار ٿيندس."

اسين اڳتي بڪ ۾ ڏک ۾ ڪين گذاريندا سين." زالس پڇيو تہ: "آءٌ تنهنجي پرولي نٿي سمجهان. ڇا ٿو چوين؟ ڪهڙي رٿ ڪئي اٿئي؟" جانبريٽ ويجهو ٿي آهستي چيس تہ: "اڄ ڇهين بجي شام جو هو پئسا ڪٺي ايندو. انهيءَ مهل پيو

ماٺهو ڪو نہ هوندو. اسان جو پاڙيسري اڪثر دير سان ٿو اچي. گهر جي مالڪياڻي بہ انهيءَ مهل پري ٿانون ڌوئڻ ۾ ٻئي ڪم ڪار ۾ مشغول هوندي. ڇوڪرين ڪي ٻاهر پهري تي بيهاريندا سين. زور ڪري ڪنهن بہ طرح هن ڪان لڪائي ونداسين. هاڻ آءٌ وڃان ٿو ۽ وڃي ڪن ٻين سنگتين سان بہ صلاح ڪريان ٿو، جو شايد انهن جي بہ مدد ڪم اچي." ائين چئي هو ٽوپي ڍڪي، ٻاهر نڪري هليو ويو.

جڏهن هو روانو ٿيو، تڏهن ميريس هيٺ لٿو. هڪڙو لڳي ويو هو. جيڪي ڏٺو ۽ ٻڌو هئائين، تنهن تي ويهي خيال ڪرڻ لڳو. پڪ ٿيس تہ هن ٻڍي، جي برخلاف ڪو خراب ۽ خوفناڪ منصوبو ٿو ٿئي، تنهن جو علاج ڪرڻ گهرجي ۽ انهيءَ ڪي روڪجي. اها بہ خوشي ٿيس تہ جي آءٌ انهيءَ طرح هن ڪي مدد ڏيئي سگهان يا هن جو ساهہ بچايان تہ مون ڪي پنهنجي محبوب سان ملڻ جو وڌيڪ امڪان ٿيندو. اهو پهہ پچائي، ڪپڙا ڍڪي ٻاهر نڪتو. سڌو پوليس آفيس ۾ ويو. هڪڙو ڊگهو قداور انسپيڪٽر وينو هو، تنهن ڪي حال ڏنائين، ۽ جانڊريٽ جو نالو نشان ٻڌايائين. پوءِ اها رٿ ڪيائون نہ ميريس اڳواٽ لڪي اچي گهر ۾ ويهي، جيئن هو سمجهن تہ ٻاهر آهي. انسپيڪٽر ڪي ٻيا پوليس وارا ساڻ ڪري ٿوري پنڌ تي ڪنهن جاءِ ۾ ويهي رهندو. انسپيڪٽر ميريس ڪي بہ ننڍا تپاچا ڏنا ۽ چيائينس تہ: "تون پنهنجي ڀت واري سوراخ مان انهيءَ وقت ويهي ڏسج. جڏهن ڏسين تہ ڪا خوفناڪ ڳالهہ ٿيڻ تي آهي، تڏهن هڪڙو تپاچو ڪٽي ڇوڙج تہ اسين ڊوڙي اچي هنن تي پونداسين. جي وچ ۾ ڪا ٻي ڳالهہ ٿئي تہ مون ڪي اچي ٻڌائج. منهنجو نالو جاورٽ آهي."

شام ٿي، ڇهہ لڳا. ميريس اڳيتي اچي در بند ڪري لڪي پنهنجي جاءِ وٺي ويهي رهيو. جانڊريٽ جي جاءِ ۾ بتي پئي ٻري. انهن ڏينهن ۾ سج سوير لهندو هو ۽ ڇهين بجي ڌاري اونداهي ٿي ويندي هئي. سڀ ياتي حاضر هئا. زال - مڙس پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ڇوڪرين ڪي موڪليائون تہ ٻاهر نظرداريءَ تي بيهي رهن. ميريس جي نالي هنن چيو تہ پاڙيسريءَ جو در بند آهي، اڃا ڪو نہ آيو آهي، هميشہ دير سان ايندو آهي. گهر جي مالڪياڻي جي نالي چيائون تہ اها بہ ڪانهي، ڪيڏي ٻاهر ويل آهي. پڪ ٿين تہ سڀ بندوبست پورو آهي. رات ڪنهن طرح سان گذري، ٻئي ڏينهن هو شاهوڪار تي پوندا، ۽ عمدا وڳا ڍڪيندا ۽ عمدو طعام کائيندا وتندا.

# باب چوڏهون

ميريس سوراخ ۾ اک وجهيو بيٺو هو. هنن جي جاءِ ۾ ٻہ شيون ڏسڻ ۾ آيس. جن جي معنيٰ سمجهي نہ سگهيو: در جي ويجهو هڪڙي ڪنڊ ۾ پراڻي لوهہ جي اوزارن جو ڍير ۽ ڪي رسا پيل هئا، ۽ هڪڙو رنبي جهڙو اوزار ٻاهہ ۾ پئي ڳاڙهو ٿيو. جاندريٽ پاڻ توڙي سندس زال ڏاڍي خوفناڪ صورت ۾ هئا. ماڻهو نٿي ڀانيا، جن ڀوت پئي معلوم ٿيا. جاندريٽ تماڪ جي نلي وات ۾ وجهي هڪڙيءَ پراڻي ڇنل ڪرسيءَ تي ويٺو هو. زال کي چيائين تہ: ”سيءُ ٿو پوي، هو ضرور گاڏيءَ ۾ ايندو. هي پئسا وٺ، هو لنگهي اندر ٿئي تہ گاڏيءَ واري کي ڀاڙو ڏيئي روانو ڪري ڇڏجئين.، پوءِ پئسا ڏئي ڇڏيائينس. هڪڙو وڏو چاڪو، خنجر جهڙو، ميز جي خاني مان ڪڍي، تکو ڪري وري اُتي رکي ڇڏيائين. رسن جي ڍير کي ڪولي ڏسي وري رکيائين. ميريس ڏٺو تہ اها رسن جي ڏاڪڻ هئي، جنهن ۾ ڪاٺ جا ڏاڪا هئا، ۽ منهن ۾ لوهہ جا ڪنڍا اٽڪائڻ جا پيل هئس. ٻيا لوهار جا اوزار بہ ڪنڊ ۾ پيل هئا سي بہ جاچي ڇڏيائين. اهو سامان صبح جو جاءِ ۾ ڪو نہ هو. هُو پوءِ اندر ويو. ڇوڪريون اڱيٺي ٻاهر نظرداريءَ لاءِ نڪري وڃي بيٺيون هيون.

ائين ڪندي زال ٻاهر وئي ۽ سنت ئي وري آئي ۽ چوندي آئي تہ: ”سائين، ڀلي آيوُ. هليا اچو.“ جاندريٽ بہ چيو تہ: ”سائين، ڀلي آيوُ. اوهان جي گهڻي مهرباني.“ ٻڍو سخي مڙس گهڙي آيو. خوشيءَ مان پئسا ڪڍي هنن کي ڏنائين، ۽ چيائين تہ: ”اجهي هي اوهان جي مسواڙ جا پئسا، ۽ ٻيي بخشش.“ هو ڪيس دعائون ڪرڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ مڙس جي اشاري تي زال ٻاهر وڃي گاڏيءَ واري کي روانو ڪري ڇڏيو، ۽ پاڻ موٽي آئي. انهيءَ وقت ميريس ڏٺو تہ هڪڙو ٻيو ماڻهو آهستي آهستي اچي ٻڍي جي پٺيان ڪنڊ ۾ لڪي بيٺو. ٻُڍي کي هڪڙي ڪُرسي ڏنائون، تنهن تي هو ويهي رهيو. ٻڍي ڏسي ورتس. هنن کان پڇيائين تہ .هي ڪير آهي؟“ جاندريٽ چيو تہ: ”اهو هڪڙو پاڙيسري آهي، اوهان کي ايندو ڏسي لنگهي آيو آهي.“ ائين ڪندي ٻيو بہ هڪڙو ماڻهو لنگهي اچي، هن ٻهرئين جي پر ۾ ويهي رهيو. انهيءَ جي نالي بہ جاندريٽ پاڻيهي چيو

تہ: ”هيءُ بہ پاڙيسري آهي، انهيءَ جو کو خيال نہ ڪريو.“ پوءِ هن سان هيڏي هوڏي جون ڳالهيون ۽ سندس تعريف ڪرڻ لڳو. ستت ئي پوءِ ٻڍي نظر ڪئي تہ ٻيا ماڻهو بہ انهن جي پر ۾ وينا هئا. چارئي مضبوط ماڻهو هئا. ٻانهون اگهاڙيون هين، ۽ منهن ڪارا هئن. جاندريٽ ٻڍي ڪي حيرانيءَ ۾ ڏسي ڪيس چيائين تہ: ”حيران نہ ٿيو. هي سڀ پاڙيسري آهن. بخارا صاف ڪندا آهن. اگرن جو ڪم ڪندا آهن، تنهنڪري ڪارا ٿيا آهن“

اوچتو ئي اوچتو جاندريٽ اکيون ڪڍي شوخيءَ مان ٻڍي جي اڳيان آيو ۽ رڙ ڪري چيائينس تہ: ”تون مون کي سڃاڻين نٿو! اُنهيءَ وقت هڪڙا ٻيا ٽي ماڻهو بدليل پوشاڪ ۾ گهڙي آيا- هڪڙو سنهو هو، جنهن کي لوهہ جي لٺ هٿ ۾ هئي، ٻيا ٻہ ڳرا مڙس هئا ۽ هڪڙي کي ڪهاڙي ۽ ٻئي کي هڪڙي وڏي نونٽ جيڏي لوهہ جي ڪنجي هٿ ۾ هئي“. انهن کان جاندريٽ پڇيو تہ ”ڪيئن؟“ هنن چيو تہ: ”سڀ ڪم تيار آهي. ٻن گهوڙن واري گاڏي بہ بيٺي آهي.“

ٻڍي کي هڪدم شڪ پيو ۽ ڏپ ٿيڻ لڳس. ٽي ڄڻا وڃي در جهلي بيهي رهيا، ۽ ٻيا خوفناڪ صورت ۾ ٻڍي جي ويجهو اچڻ لڳا. جاندريٽ وري بہ اکيون ڪڍي ٻڍي کي چيو تہ ”تون مون کي نٿو سڃائن؟“ هن چيو تہ: ”نہ“. تڏهن منهن تمام ويجهو نيئي هن کي چيائين تہ: ”منهنجو نالو جاندريٽ نہ آهي، آءُ ٿيناردِيئر آهيان، مانٽفرميل جي هوٽل وارو! ياد پوئي ٿو يا نہ؟“

ميريس ٻهرين خوفناڪ حالت ڏسي لهي تپاچي ڇوڙڻ تي هو، پر جڏهن ٿيناردِيئر جو نالو ٻڌائين، تڏهن هڪدم پاڻ کي روڪيائين. اهڙو ڏکي ويو جو ڪرڻ تي هو. ذري گهٽ پاڻ کي هٿي ماري وجهڻ تي هو. اهو ئي شخص ٿيناردِيئر هو، جنهن سان پيءُ جي وصيت موجب احسان ڪرڻ جو وجهہ پيو ڳوليندو هو، ۽ پيءُ کان پوءِ انهيءَ سان ڀلائي ڪرڻ جي ڳُتي هوندي هيس. هينئر تپاچو ڇوڙي، هن کي پوليس جي هٿان ڪيئن گرفتار ڪرائي. وري جي ائين نٿو ڪري تہ نيڪ ٻڍو ٿو مارجي، جنهن کي پنهنجي محبوب جو پيءُ ٿي سمجهيائين ۽ جنهن جي ساهہ بچائڻ ڪري هن سان ملڻ جو گهڻو امڪان، بلڪ يقين نظر ٿي آيس. هيڏي باهہ، هوڏي پاٽي، هاڻ ڪيئن ڪري. خيال ڪرڻ جو وقت ڪو نہ هو هڪ لحظي جو ڪم هو، يا هيئن ڪري يا هوئن!

انھيءَ وچ ۾ جانبريٽ، يا جنھن کي ھاڻ اسين ٿينارڊيئر سڏينداسون، سو ٻڍي کي چوڻ لڳو تہ: ”تو کي ياد نہ آھي تہ اٺ ورھيہ اڳي تون اچي اسان کي پئسا ڏيئي ڇوڪري ڇڏائي ھليو ويو ھوئين؟ نہ ڇوڪري تي موٽائي ڏنئي. نہ وڏيڪ پئسا ٿي ڏنئي. پاڻ ڊڙڪا تاب ٿي ڏنئي. اڄ تو کان اھو ويـر وٺندس.“ ٻڍي چيو تہ: ”آءٌ پانيان ٿو تہ تون پلجين ٿو. ظاھر آھي تو تون ۽ ھي سڀ ھڪڙي چورن ۽ بدمعاشن جي ٽولي آھيو.“ تنھن تي ٿينارڊيئر چيو تہ: ”مھربان، تو کي خبر ھجي تہ آءٌ اڳي سرڪاري جنگي سپاھي ھوس. آءٌ واٽرلو جي مشھور لڙائيءَ ۾ فرانس جي بادشاھہ جي طرفان وڙھيو آھيان ۽ جنرل پانٽمرسيءَ جھڙي مڙس کي مون بچايو ھو، پنن تي کڻي ٻاھر سلامتي جي جاءِ تي پھچايومانس. آءٌ چور ۽ بدمعاش ڪين آھيان. زماني جي گردش ڪان غريب ۽ ڪنگال ٿي پيو آھيان. ھاڻ مطلب آھي تہ مون کي تمام وڏي رقم گھرجي، جنھن مان آءٌ پاڻ کي ھڪدم شاھوڪار ڪريان. انھيءَ لاءِ مون پڪو نھراءُ ڪيو آھي.“

ھيءُ ذڪر ٻڌي ميريس جي ڳڻتي ۽ بي آرامي پاڻ وڏيڪ ٿيڻ لڳي. پيءُ جي ۽ سندس وصيت جي ۽ خود پنھنجن فرضن ادا ڪرڻ جي يادگيري تازي ٿيڻ لڳي. ساڳئي وقت ۾ پنھنجي پياري نازنين جي شڪل بہ ياد اچڻ لڳيس.

ايتري ۾ ٻڍي ھيڏي ھوڏي نھاري اوچتو ٽپ ڏئي پاسي واريءَ دريءَ وٽ ويو ۽ دري پٽي اڌوگابرو ٻاھر نڪري ويو جو سيني مڙسن ڊوڙي وڃي ورتس ۽ گِھلي اندر ڪيائونس. پوءِ تہ سيئي ھتيار ۽ اوزار کڻي ھن تي ڪاھي آيا. انھن کي ڏسي، ميريس وري بہ تپاچي ڇوڙڻ لاءِ تياري ڪئي، ۽ دل ۾ چيائين تہ: ”بابا سائين، مون کي معاف ڪجو، آءٌ پنھنجي وس ناھيان.“ ذري گھٽ تپاچي جي گھوڙي کي ٿي لاٽائين تہ ٿينارڊيئر ھڪل ڪري پنھنجن سنگتين کي چيو تہ: ”بيلي بيھو، ھن کي ڪو ايذاءُ نہ پھچايو“. تنھنڪري ميريس بہ ھٿ جھليو. ايتري ۾ ٻڍي ڏاڍي تياري ڏيکاري: ھڪڙي کي اھڙو ڌڪو ڏنائين جو پري چونڊيءَ پر وڃي ڪِريو، ٻن کي ھڪڙو مترڪو کڻي اھڙو ڌڪ ھنيائين جو اونڌا ٿي ڪِري پيا، ۽ ٽن کي مروٽي گوڏن ھينان جھڪائي، مٿانئس چڙھي وينو. پر، ٻيا چار انھيءَ وچ ۾ چڙھي ويس ۽ ڪيرائي وڌائونس. ۽ ٻڌي ويھاري ڇڏيائونس. پوءِ ٿينارڊيئر جي چوڻ تي سندس بدن جي تلاشي ورتائون:

نڪو پاڪيٽ بڪ هوس، نڪا واچ، نڪا ٻي قيمتي شيءِ، فقط ڇهه رپيا ڪيسي ۾ پيل هئس ۽ خالي رومال.

پوءِ ٿيناردِيئر قابو ٿيل ٻڍي جي اڳيان ڪرسيءَ تي ويهي رهيو ۽ چوڻ لڳس تہ: "سائين، هاڻ ٻُڌ - مون کي ٻہ لک رپيا گهرجن. ڪوڙي بہ گهٽ نہ! اها رقم ڪيئي ڏي تہ پوءِ تنهنجي وار کي بہ ڪو جوکو ڪو نہ رسندو. انهيءَ جو آءٌ ضامن ٿو پوان. تون چوندين تہ مون ساڻ ايترا تہ پئسا ڪين آهن. تون رڳو ڪاغذ تي لک، جيڪي آءٌ چوندو وڃان." ائين چئي ميز آڏي اڳيان رکيائونس، ۽ مس قلم ڪاغذ بہ. پوءِ فقط سڄي ٻانهن ڇوڙيائونس. تنهن کان پوءِ ٿيناردِيئر هيٺئن چوندو ويو ۽ ٻڍو لکندو ويو: "منهنجي پياري ڌيءُ، هن خط پهچڻ شرط مون وٽ هلي آءُ. خط آڻيندڙ ماڻهو تو کي مون وٽ وٺي ايندو. آءُ ترسيو ويٺو آهيان." پوءِ ٿيناردِيئر چيس تہ: "هاڻ انهيءَ جي هيٺان صحيح ڪر. خبر ناهي تہ تنهنجو نالو ڇا آهي، پر مون کي تو تي اعتبار آهي، ٻڍي ورندي ڏني تہ منهنجو نالو 'آربين فيبر' آهي." ٿيناردِيئر جهٽ ۾ پنهنجي ڪيسي مان هڪڙو رومال ڪڍيو، جو ٻڍي جي بدن تلاشيءَ مان لڌو هو. انهيءَ جي ڪنڊ تي ڏنائين تہ الف - في جا اکر لکيل هئا، تڏهن چيائينس تہ: "ڇگو الف - في ڪٽي لک." ٻڍي ائين ڪيو. پوءِ هن کان ڪاغذ وٺي. ائڊريس پڇي لفافي ۾ وڌائين ۽ لفافي تي سرنامو لکايائين، جو هيءُ هو: "اربين فيبر جي گهر نمبر 17 ۾، سندس ڌيءُ کي رسي، پڪپس واري ٻاهرين ديول جي ويجهو."

ٿيناردِيئر خط وٺي زال کي ڏنو، ۽ چيائينس تہ: "هڪدم وڃ! ٻاهر گاڏي تيار بيٺي آهي." ۽ هڪڙي ڪاري منهن واري سنگتيءَ کي چيائين تہ: "تون هن سان گڏيو وڃ ۽ گڏيو اچ." اهو هن جي زال سان نڪري ويو ۽ باقي پنج بدمعاش رهيا. ٿيناردِيئر ۽ ٻڍي ڪانسواءِ. ذري تائين ماٺ تي ويٺي ۽ سيڪو پنهنجي منهن ويهو رهيو. ميريس بہ انتظار ۾ بيهي رهيو ۽ ڊپ بہ پئي ٿيس، جو ڇاتائين تہ ٻڍي جي ڌيءُ يعني سندس محبوب کي وٺي ايندا.

ٿوريءَ ماٺ کان پوءِ ٿيناردِيئر ٻڍي کي چيو تہ: "تو کي خبر هجي تہ تنهنجي ڌيءُ کي منهنجي زال پهرين ٻئي هنڌ وٺي وڃي روڪيندي، ۽ جڏهن تون مون کي گهربل رقم ڏيندين، تڏهن تو کي تنهنجي ڌيءُ ملندي، نہ تہ جيڪو ماڻهو منهنجي زال سان ويو آهي، انهيءَ کي حڪم آهي تہ ڇوڪريءَ کي پورو

ڪري ڇڏي. زال جي اچڻ کان پوءِ اسين تو کي آزاد ڪنداسين. پوءِ تون پلي سمهي ننڊ ڪج. اسان کي ڪا ٻي خراب نيت ڪانهي."

هيءُ ٻڌي ميريس جي دل ۾ الائجي ڪهڙا ڪهڙا خيال اچڻ لڳا. ذري چوي ته تمنچو ڪٽي چوڙيان، ته هي بدمعاش جهلجي پون. پر وري به ڊپ ٿيس ته متان ٻڍي جي ڏيءُ انهيءَ ڪري مارجي وڃي. اتي قريب اڌ ڪلاڪ کان پوءِ اوچتو ٽيناردييئر جي زال اچي نڪتي ۽ ڪاوڙ مان سٽرن تي هٿ هڻندي آئي ۽ چوڻ لڳي ته: "ڪوڙو نالو ۽ ڪوڙو پتو- اهڙو ماڻهو ئي اتي ڪو نه ٿو ليي." ٽيناردييئر کي به ڏاڍي چڙ لڳي، ۽ ٻيا بدمعاش به سنبري اٿيا. صلاح ڪيائون ته مارڻ کان سواءِ ٻيو چارو ڪونهي. ٽيناردييئر ميز جي خاني مان خنجر ڪڍيو ۽ سيئي گڏجي ٻڍي کي ڪهڻ لاءِ تيار ٿيا. ميريس اجا به تپاچي چوڙڻ لاءِ دير مدار پئي ڪئي ۽ هڪڙي خوف جي ڪري لاچار تمنچو نه چوڙيائين، هڪڙو ڪاغذ ڪٽي انهيءَ ۾ پتر يا پِٽ جو چاپوڙو پٽي، ويڙهي سوراخ مان لنگهائي هن جي جاءِ ۾ اچلايائين. ٽيناردئر کي پڪ ٿي ته ڪنهن جاسوس اسان کي ڏٺو آهي ۽ پوليس اسان جي پٺيان آهي. بدمعاشن ٻڍي کي ڇڏي ڏنو، ۽ دريءَ مان ٽپي ڀڄڻ جي تياري ڪرڻ لڳا ته ايتري ۾ در مان انسپيڪٽر 'جاورٽ' پنهنجن سپاهين سميت لنگهي آيو. بدمعاشن کي اوزارن سان وڙهڻ لاءِ ايندو ڏسي چيائين ته: "ماٺ ڪري ويهي رهو، اوهين ست آهيو. اسين پندرنهن ڄڻا آهيون ۽ هٿيارن سميت." اتي هن جي آواز تي سندس سپاهي به لنگهي آيا ۽ بدمعاش سڀ جهلجي پيا. جڏهن انهن کي هٿ ڪڙيون پيون، تڏهن جا ورٽ ٻڍي وٽ آيو، جو هيستائين ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو هو. حڪم ڪيائين ته: "هن کي کوليو." تنهن کان پوءِ انسپيڪٽر وچ ۾ ڪرسي وجهي ميز وٽ ويهي رهيو، ۽ قلم مس سان ويهي پنهنجي رپورٽ لکڻ لڳو. ٿورو رکي پوءِ چيائين ته "اهو ماڻهو جنهن کي هنن ٻڌو هو، تنهن کي وٺي اچو." هيڏي هوڏي ڏٺائون ته: اهو ڪونه هو، گوڙ گڙٻڙ ۾ گم ٿي ويو. در ته قابو هو، شايد دريءَ مان ٽپي هليو ويو هو. ٻاهر نڪري ڳولا ڪيائون پر هن جو ڪو به پتو ڪونه پيو.

# باب پندرهون

انسپيڪٽر جاورٽ پنهنجا قيدي وٺي ٻاهر ٿيو ۽ ٽي ڀاڙي جون گاڏيون هٿ ڪري انهن کي چاڙهي وٺي ويو. هن جي وڃي ڪان پوءِ ميريس نڪتو. نائين- ڏهين بجي جو وقت هو. پنهنجي هڪڙي ڪاليج جي دوست وٽ وڃي رات ٽڪيو ۽ صبح جو سوير اچي جاءِ جي مسواڙ ڏئي، حساب صفا ڪري، سامان کڻائي هليو ويو. ڪنهن کي ٻڌايائين به ڪين ته ڪيڏانهن ٿو وڃان. ٿوري وقت کان پوءِ انسپيڪٽر جاورٽ هن جي ڳولا لاءِ آيو. پر معلوم ٿيس ته هو لڏي ويو آهي ۽ رهڻ جي هنڌ جو ڪنهن کي به ٻڌائي نه ويو آهي. انهيءَ طرح نڪري وڃڻ مان ميريس جو مطلب ٿي اهو هو ته مقدمي ۾ شاهد ٿي گهلجان نه، ۽ ٿينارڊيئر جي برخلاف شاهدي نه ڏيان. جاورٽ به ڄاتو ته اهو جوان شخص جنهن ڪيس رپورٽ ڪئي هئي ۽ جو بئريسٽر هو ۽ نالو نٿي آيس، سو ڊپ کان شام جو ئي ڪيڏانهن ڀڄي ويو هو. سندس ٿوري گهڻي پڇا ڪيائين، پر پتو ڪو نه پيس- ماٺ ڪري ويهي رهيو. پر ميريس ته پنهنجي ڪاليج واري سنگتيءَ وٽ به- ٽي مهينا سانده رهندو آيو. اتي ڪنهن بئريسٽر کان خبر پيس ته انهيءَ مقدمي وارو ٿيناردِيئر قيدي، هڪڙي اڪيليءَ ڪوٺيءَ ۾ ڏار قيد رکيو ويو آهي. اتي انهيءَ کي پهري وارن جي معرفت هر هفتي پنج رپيا پهچائي ڏيندو هو. پنهجو پئسو کٽي ويس ته پنهنجي سنگتي کان به اڌارا پئسا وٺي هن کي ٿي پهچايائين. پر ويچارو ٻيءَ طرح ڏاڍو دل شڪستو ۽ ملول رهندو هو، جو جنهن جوان زال سان محبت اٽڪي وئي هيس، تنهن کي ڏسي نٿي سگهيو ۽ نه انهيءَ جو ڪو سماءُ ئي ٿي پيس. ڏاڍي ڏک ۽ ارمان ۾ گذارڻ لڳو.

جاورٽ بدمعاشن جهلڻ ۾ ڏاڍي چالاڪي ڪئي ۽ ڏاڍو خوش هو، پر جنهن کي انهن بدمعاشن ٻڌو هو، سو هن کي هٿ نه آيو. ڀانيائين ته اهو شايد شڪي ماڻهو هو ۽ جهلڻ جوڳو هو، جو ڀڄي ويو. ٻيو جيڪو بدمعاش ٿيناردِيئر جي زال سان گڏجي ويو هو، اهو به في الحال هٿ نه آيس. تنهن کان سواءِ جيڪي بدمعاش، سپاهي گاڏين ۾ چاڙهي وٺيو ٿي ويا، انهن مان به هڪڙو ٽپي ڀڄي ويو هو، ۽ اهو به هٿ نه آيس. انهن ڳالهين ڪري هن کي ڏاڍو ارمان هو.

هاڻي اسين پڙهندڙن کي جين وليجان جو گذريل احوال ٻڌائينداسين. هو

پکپس جي مڙهيءَ جي باغ ۾ فاشل ونڻ باغائيءَ جو پاءُ تي رهندو هو ۽ ڪاسيٽ مڙهيءَ ۾ گذاريندي هئي. ڏهاڙي ڪيس گڏبي هئي. چڱي تعليم حاصل ڪئي هئائين ۽ گهٽو امڪان هو تہ هوءَ بہ نَن تي پوي ۽ عمر لاءِ ٻاهر نڪرڻ يا شادي ڪرڻ ڪان رهجي وڃي. اها ڳالهہ هن کي پسند نتي آئي. جو ڄاتائين تہ متان ڪاسيٽ جي اهڙي مرضي نہ هجي. تنهنڪري ڪو عذر ڪري اتان نڪتو ۽ ڪاسيٽ کي ساڻ وٺي لوري پنڌ تي هڪڙي ديول هئي. تنهن جي پاسي ۾ هڪڙي جاءِ مسواڙ ڪري رهي پيو. پنهنجو نالو اليتر فاشلونٽ سڏايائين. هڪڙي ٻڍي زال جا اڳي سندس ڪارخاني ۾ ڪمائيندي هئي، ۽ جنهن کي گهٽي مدد ڏني هئائين، سا پوءِ ٻچڙي حال ۾ هٿ آيس. تنهن کي ڪاسيٽ جي خدمت ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ نوڪرياڻي مقرر ڪيائين. ۽ جنهن جي نالي ڇپائينس، تہ منهنجي ڌيءُ آهي. ساڳئي وقت هن پئرس ۾ ٻن جدا جدا پاڙن ۾ بہ جايون هيون بہ مسواڙ تي ڪري ڇڏيون هيون ۽ ڪڏهن ڪٿي، ۽ ڪڏهن ڪٿي وڃي رهندو هو. اها اڳ ڳڻتي هن پنهنجي بچاءَ ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪري ڇڏي هئي. انهيءَ ديول واري جاءِ ۾ رهندي ڪاسيٽ کي ويجهي باغ ۾ وٺي ويندو هو. جتي اتفاق سان ميريس هنن کي ڏٺو. جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. اتي ميريس ۽ ڪاسيٽ جي اک اٽڪي ويئي، ۽ ٻنهي جي دلين ۾ هڪٻئي جي محبت پيدا ٿي. جڏهن جين وليجان کي ميريس ۾ شڪ پيو تڏهن اتي اچڻ بند ڪري ڇڏيائين، ۽ ميريس جي نسبت ۾ ڪاسيٽ وٽ شڪايتون ڪرڻ لڳو. جي هن کي وڻنديون ڪين هيون، پر حجاب ڪان ڪجهندي ڪين هئي. انهيءَ ڪان پوءِ وري ٻئي پاسي هوا ڪائڻ ويندا هئا، جتي ڪٽڪ جون پوڪون ٿينديون هيون ۽ ساوڪون هيون.

ڪاسيٽ ڪڏهن ڪڏهن هن ڪان پنهنجي ماءُ بابت پڇا ڪندي هئي، پر جين وليجان ٽئائي ڇڏيندو هو. سندس مرضي نہ هئي تہ هن کي خبر پوي تہ سندس ماءُ پهرين ڪهڙي چال جي هئي ۽ ڪيئن شادي ڪان سواءِ پيٽ سان ٿي ۽ ڪيس ڇٽيائين. هن کي تمام عمدي اخلاقي تعليم ڏني هئائين. ڪا بہ خراب ڳالهہ هن جي ڪن تي نہ وجهندو هو، ۽ نہ هن کي ڪا اهڙي شيءِ ڏيکاريندو هو. مڙهيءَ ۾ هوءَ لکڻ پڙهڻ ۽ ڳائڻ ۽ سبڻ، گهر هلائڻ جو ڪم سکي هئي، تنهن ڪري اڪيلائيءَ ۾ بہ خوش پئي گذاريندي هئي. پائيندي هئي تہ منهنجي ماءُ ڪا هئي جا مري وئي آهي، ۽ منهنجو پيءُ اهو آهي جنهن پالي وڏي ڪئي

۽ جنهن سان گهڻي محبت هوندي هئس. پيءُ وانگي هوءَ بہ رحمدل ۽ نيڪ زال ٿي پئي هئي، ۽ بکين، ڏکين ۽ غريبن جي سنڀال پئي ڪندي هئي، ۽ انهن کي خيرات پئي ڏيندي هئي. انهيءَ هنڌ هو جانڊريٽ جي ڪٽنب ۾ ويا هئا ۽ انهن کي خيرات ڏيڻ جي ڪيائون، جيئن متي ڏيکاريو ويو.

جين وليجان گهڻو ڪري ٿن- چئن ڏينهن لاءِ ڪنهن پاسي هليو ويندو هو، خاص جڏهن پئسو ڪٽندو هوس. ڪاسيٽ کي نوڪرياڻي خدمت ۾ هوندي هئي. جيتوڻيو جهنگ ويجهو هو ۽ اڪيلائي هئي، تڏهن بہ هو ڊڄنديون ڪين هيون. ڪاسيٽ پنهنجي گهر واري باغيچي ۾ وڃي هوا کائيندي هئي، ۽ هڪڙيءَ بينچ تي ويهي رهندي هئي ۽ ٿوري وقت بعد هلي ايندي هئي. جيتوڻيڪ هڪڙو - ٻہ ڀيرا هڪڙو جوان جنگي آفيسر ڪيس ڏسي سندس اڳيان لنگهيو بہ هو، تہ بہ ڪاسيٽ انهيءَ ڏي خيال ڪو نہ ڪيو. جيتوڻيڪ هو ناهوڪيءَ پوشاڪ ۾ هو، ۽ شڪل جو چڱو هو، تڏهن بہ هن جي نظر ۾ بدشڪل پئي آيو، ڇا لاءِ جو هن جي دل ۾ ميريس جي شڪل وينل هئي، جا اتان نڪرڻ جي نہ هئي.

هڪڙي ڀيري ڪاسيٽ پنهنجي بينچ وٽ اچي تہ انهيءَ تي هڪڙو ڪاغذ رکيو آهي. حيران ٿي تہ هتي هيءُ ڪاغذ ڪنهن رکيو هوندو! پڙهيائين تہ انهيءَ ۾ عشق ۽ حسن جي تعريف ۾ نثر ۽ نظم لکيل هئي، پر نہ سندس نالو انهيءَ تي هو، تہ ڪنهن ٻئي لکندڙ جو. ڪاسيٽ کي شڪ گذريو تہ اهو ميريس جو ڪم آهي. خوشي بہ ٿيس ۽ ڊپ بہ ٿيس تہ متان پڻس ڏسي وٺي.

ٻئي ڀيري بہ جين وليجان جي غير حاضريءَ ۾ هي انهيءَ پنهنجي بينچ تي وينِي تہ هڪڙو ماڻهو اوچتو لنگهي آيو. سچ لهي ويو هو، اونداهي هئي. ڀهرين هوءَ ڊني، پر جڏهن هو نڪري نروار ٿيو ۽ اچي سندس پاسي ۾ بيٺو، تڏهن ڏٺائين تہ ميريس بيٺو آهي. ڏاڍي خوش ٿي، پر وري بہ ڊپ ٿيس. آخر ويهي محبت جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا.
ميريس ٻڌايس تہ "آءٌ تنهنجي لاءِ حيران پريشان ٿيو وتان. جن ڏينهن ۾ تو کي ڀهرين باغ ۾ ڏٺو هوم، تنهن کان وٺي مون کي آرام ڪونهي، تنهنجي محبت ۾ مرندو وتان." ڪاسيٽ بہ خاطري ڏنيس تہ پاڻ بہ سندس محبت ۾ اهڙي گرفتار هئي جهڙو هو سندس محبت ۾ هو. هڪ - ٻئي جا نالا نشان پڇي پڪ ڪيائون. بلڪ ميريس پنهنجي رهڻ جي جاءِ جو پتو باغيچي جي هڪ ڀيلپائي تي هن جي يادگيريءَ لاءِ ڪليءَ سان هن طرح لکيو: "نمبر 16 مرو وريري". ۽ پوءِ موڪلائي هليو ويو.

# باب سورهون

مانٽفرميل ۾ قرضي هئڻ ۽ ڪُنيَ پوڻ سبب، ٿيناردييئر پنهنجي هوٽل بند ڪري هليو ويو. انهيءَ وچ ۾ هن کي ٻه پٽ ڄاوا هئا، پر ماءُ جي، پٽن سان پوندي ئي ڪين هئي. هڪڙو پٽ اڃي ٻه هوس، ڏيڻ جي وچ وارو، پر انهيءَ کي ٻه اڳيئي ڪڍي ڇڏيو هئائين، رڳيون ٻه ڏيئرون ساڻس رهنديون هيون، جي ڪيس ڪم ڪار ۾ مدد ڪنديون هيون. هن جو وڏو پٽ سندن لاڏي وڃڻ کان پوءِ سندن سماءَ تي آيو هو، پر خبر پيس ته هو هوٽل بند ڪري ڪنهن پاسي هليا ويا آهن، تنهنڪري هو به وري هليو ويو. اهو پاڻ کي پيءُ جي هٿي نالي پنيان گوروش سڏائيندو هو. هڪڙو ٽڪاڻو ڪو نه هوندو هوس، ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي گذاريندو هو، ۽ چورن بدمعاشن جي پنيان لڳو، ٽڪر کائيندو وتندو هو.

اهي ٻه ننڍا پٽ جي سچائيءَ جي زماني ۾ ڄاوا هئا، تن جو نيڪال هنن هيئن ڪيو: ميريس جي ناني گلي نارمنڊ جو نالو مٿي آيو آهي، اهو اسي نوي ورهين جو ڪراڙو ماڻهو هو ۽ تمام آسودو گذاريندو هو. جوانيءَ ۾ هو عيش وعشرت ۾ گذاريندو هو. انهيءَ زماني ۾ اڪثر فرانس جا وڏا ماڻهو سريتون رکندا هئا. هن کي ٻه هڪڙي اهڙي سريت هئي، جنهن مان ٻه پٽ ڄاوا هئس، سي هن لڪائي هڪڙيءَ غريب ڪراڙيءَ زال کي ڏيئي ڇڏيا هئا ته انهن کي پالي ۽ وڏو ڪري، پاڻ انهيءَ کي ٻارن جي پرورش لاءِ سٺ رپيا پهچائي ڏيندو هو. اها زال شهر جي ٻئي پاسي رهندي هئي، جڏهن هو ستين - اٺين ورهيه جا ٿيا، تڏهن ملڪ ۾ وبا جي بيماري اچي پيئي، ۽ ٻيئي ٻار هڪڙي ئي ڏينهن ۾ مري ويا. جڏهن انهيءَ غريب زال ڏٺو ته پيءُ کي خبر ڏيڻ سان اسان جو روزگار بند ٿيندو، تڏهن هن رٿ ڪئي ته ڪي ٻيا ٻه ٻار ڪٿان هٿ ڪري، پاڻ وٽ رکان. خبر هيس ته هو ٻڍي کي سڃاڻي ڪين سگهندا، جو ڪڏهن اتفاق سان انهن ٻارن کي ڏسڻ ايندو آهي. انهيءَ زال جي ٿيناردييئر جي ڪٽنب سان واقفيت هئي. هنن کي ٻه اهڙيءَ عمر جا ٻار هئا جن کان بيزار هئا، ۽ ڪنگال ٿي پيا هئا، تنهنڪري انهيءَ زال کان ڪي پئسا وٺي پنهنجا ٻيئي ننڍا پٽ انهيءَ کي ڏئيَ ڇڏيائون ۽ وري انهن جو منهن ڏسڻ نه گهريائون. ورهيه - ٻن

ڪان پوءِ اتفاق سان اها زال بيمار ٿي مري ويئي، ۽ هي ٻه ٻار نڌڻڪا رلندا وتندا هئا، جنهن ڪي کهل پوندي هئي سو هنن کي پاڻ وٽ ٽڪائيندو، ۽ ٽڪر ڪارائيندو هو. هڪڙي ٻيري رلندي اهي ٻيئي ٻار گوروش ڪي هٿ لڳا، سجاتائين ڪين ته ڪي هي منهنجا ٻه ڀائر آهن. هنن تي قياس پيس ۽ پاڻ سان وٺي وڃي گڏ ڪيائين. جيئن پاڻ پنندو چوريون ڪندو پيٽ پاليندو وتندو هو تيئن هنن جي به سنڀال ڪندو هو.

جيئن ٿيناردِيئر جا هي پُٽ ڪانئس ڌار ٿيا، تيئن جڏهن ٿيناردِيئر پنهنجن سنگتين سميت جهلجي قيد پيو، تڏهن سندس زال ۽ ٻه ڌيئون به دربدر ٿيون- خاص سندس وڏي ڌيءَ - پنهنجي ڀاءُ گوروش وانگي رلڻ ۽ پورهيو ڪرڻ سان پيٽ پالڻ لڳي. ميريس کي سڃاڻندي هئي، جو ڪي ڏينهن سندن پاڙيسري هو، ۽ انهيءَ ڪان خرچي وٺي هن کي ڪاسيٽ ۽ ان جي پيءُ جي رهڻ جي جاءِ ڳولي لهي ڏنائين، جنهن ڪان پوءِ ميريس اتي وڃڻ ۽ پنهنجي محبوب کي ملڻ لڳو. تنهنڪري هو هن جو احسانمند رهندو هو، ۽ هيءَ هن جي شڪر گذار رهندي هئي. جڏهن به ڪٿي هن کي ملندي هئي ته هو هن کي خرچي ڏيندو هو.

ٿيناردِيئر ۽ انهن جا سنگتي جيل ۾ قيدي ٿي رهيا. ڪن مهينن ڪان پوءِ هنن پاڻ ۾ جيل مان ڀڄي نڪرڻ جي صلاح ڪئي. هڪڙيءَ رات جڏهن سيءُ ۽ واءُ هو ۽ مينهن وسڻ ۽ برف پوڻ لڳي، تڏهن هنن وجهه چڱو ڏٺو- ڏينهن جو رٿ ڪري ڇڏي هئائون، ۽ ڀڄڻ جون جايون جانچي ڇڏيون هئائون. بلڪ ڪي روانيءَ جهڙا اوزار به هٿ ڪري ڇڏيا هئائون. انهن ڏينهن جي دستور موجب قيدين کي ڪو رحمدل ماڻهو خيرات ڏيندو هو، ته اها انهن کي ملندي هئي ۽ اهي پئسا هو پنهنجي سک لاءِ ڪم آڻيندا هئا. جيئن اسان کي خبر آهي ته ميريس ٿيناردِيئر کي سپاهين جي معرفت پئسا پهچائيندو هو، ۽ قيدين جا مائٽ يا خود قيدي به پهريوارن کي پئسا ڏئي خوش ڪندا هئا، ۽ هو مٿن مهربان رهندا هئا. قيدي پنهنجن پئسن مان شراب يا ٻيون اهڙيون شيون لڪچوريءَ سپاهين جي معرفت وٺي پاڻ به ڪم آڻيندا هئا، ۽ سپاهين کي به ڏيندا هئا. ٿيناردِيئر ۽ ان جي چئين سنگتين انهيءَ رات پنهنجي پهريوارن هڪ - ٻن سپاهين کي سنجهي ۾ شراب پياريو، جنهن ۾ ڌاتوري جهڙي ڪا نشيدار شيءِ هٿ ڪري وڌي هئائون، جنهنڪري ڀڄڻ جي وقت اُهي سمهي پيا.

مطلب تہ هي چارئي سنگتي هڪ - هڪ تي بخارن مان يا پيٽين جي کنڊن تان چڙهي، چتين تان ٽپي ٻاهر ٿيا. مينهن، برف ۽ سيءَ کين انهيءَ ڪم ۾ گهڻي مدد ڏني- نهرايل جاءِ تي سڀ اچي گڏ ٿيا، ۽ پوءِ پکڙي پيا. صبح جو سوير هنن جي ڀڄي وڃڻ جي خبر پيئي. گهڻي ڳولا ڪيائون پر هٿ نہ آيا. ٽينارڊيئر جو هڪڙو سنگتي تہ اڳيئي ٻاهر هو، جنهن کي زال سان گڏ ٻئي جي گهر موڪليو هئائين. ٻيو سنگتي وري جهلڻ کان پوءِ ٿاٽي ڏي ويندي گاڏيءَ مان ٽپي هليو ويو هو، سو بہ اڳيئي آزاد هو. اهي سڀ هاٽي پاڻ ۾ وڃي گڏيا. گوروش، جو پڻ اهڙي ڪم جي پنيان هو ۽ اجا تعليم پئي ورتائين، سو بہ وڃي ساڻن گڏيو. ٽينارڊيئر کي پهرين خبر ڪا نہ هئي، پر پوءِ هن کي سڃاتائين تہ منهنجو پٽ آهي. انهيءَ سان جي بہ ڇوڪر رهندا هئا، سي اجا سندس حوالي هئا. پر انهن کي اجا نڪي هو سڃاڻندو هو تہ منهنجا پٽ آهن، ۽ نڪي ٽينارڊيئر ئي سڃاڻندو هو تہ منهنجا پٽ آهن. ٽينارڊيئر جي زال ۽ سندس ننڍي ڌيءَ جي خبر ناهي تہ سندس جهلجڻ کان پوءِ ڪيڏي ويون، شايد مري ويون! فقط سنديس وڏي ڌيءُ بچي هئي جنهن جو نالو اپونائن هو. اُها بہ رولو هوندي هئي ۽ اڪثر پنهنجي پيءُ ۽ انهن جي سنگتين کي گڏبي هئي، ۽ انهن سان رهندي هئي.

هي ڇهہ ئي - ست ئي بدمعاش پاڻ ۾ ٽولي ڪري گڏ گذارڻ ۽ چوريون ڪرڻ لڳا، ۽ ڏهاڙي هڪڙي نہ ٻئي پاسي رات جو پنهنجي شڪار تي ويندا هئا. هڪڙي پيري ڏينهن جو انهيءَ هنڌ اچي نڪتا، جتي جين وليجان ۽ سندس ڌيءُ ڪاسيٽ، هڪڙي ٻڍيءَ نوڪرياڻيءَ سان گڏ رهندا هئا. جين کي هڪ - بہ دفعو هڪڙو ماڻهو منهن پيو، جنهن ۾ هن ٽينارڊيئر جهڙا مهاندا معلوم ڪيا، پر هن جي قيد ٽيڻ جي خبر هيس، تنهنڪري گهڻو شڪ ڪو نہ پيس. جين اڪثر باغيچي ۾ هڪڙي جاءِ هوندي هئي، انهيءَ ۾ اڪيلو گذاريندو هو، ۽ سندس ڌيءُ ۽ نوڪرياڻي گهر ۾ گذاريندڙيون هيون. ڪڏهن ڪڏهن جين ٽي - چار ڏينهن گهر تي ويندو هو، ۽ وري موٽي ايندو هو. هيءُ اهو ئي هنڌ هو، جتي ميريس اپونائن ڇوڪريءَ جي ڏس تي ڪاسيٽ کي اچي ڳولي لڌو هو، ۽ تنهن کان پوءِ وٽس ملاقات لاءِ پيو ايندو هو، جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو. انهيءَ اڪيلي گهر ۾ انهن چورن ڪاٽ هڻڻ ۽ چوري ڪرڻ جو ارادو ڪيو. اپونائن کي

انهيءَ ڳالهہ جي ڪڙڪ پئي يا اتفاق سان اتي اچي نڪتي، تنهن جڏهن رات جو بي وقت پيءُ کي ۽ سندس سنگتين کي اتي ڏٺو، تڏهن ميريس ۽ ڪاسيٽ سان احسان ڪرڻ جي نيت سان، جو هنن جي محبت جي خبر هيس، انهن چورن کي روڪيائين، ۽ چيائين تہ: "مون کي خبر آهي تہ هن گهر ۾ چوريءَ جهڙو مال ڪونهي، ناحق مري ويندڙ." چورن هن جي ڳالهہ تي پت نہ ڪئي، ۽ اندر ٽپڻ تي هئا تہ اُن ڇوڪريءَ چيو تہ: "جي اوهين هليا نہ ويندؤ تہ آءٌ رڙيون ڪنديس، ۽ اوهان کي جهلائينديس." انهيءَ تي پٽس کي توڙي ٻين کي ڏاڍي چڙ لڳي، پر لاچار ٿي هو موٽي هليا ويا ۽ جين جو گهر چوريءَ کان بچي ويو.

انهيءَ ڏينهن، جنهن جي شام جو ڏهين بجي چور هتي چوري ڪرڻ آيا، جين وليجان باغيچي واري اڪيلي جاءِ ۾ ويٺو هو. ڪاسيٽ جي فڪر ۾ هو، جو شڪ هوس تہ هن جوان ماڻهوءَ سان محبت اٿس. ٿيناردينر ۽ جاورٽ انسپيڪٽر جو بہ خيال دل ۾ هئس. پسار ڪندي پيلپائي تي اکر لکيل ڏٺائين: نمبر 16 مرو وريري"، هڪدم هانَو ۾ ڇَڪُ پيس. پڪ ٿيس تہ ضرور هتي ڪو ماڻهو اچي ٿو ۽ هي نشان انهيءَ جي رهڻ جي جاءِ جو آهي. هيستائين هن جي سمجهہ ۾ هو تہ آءٌ شهر کان گوشائتو اڪيلو گهر ۾ ٿو گذاريان، تنهنڪري ڪنهن کي خبر نہ هوندي. پر هاڻي يقين ٿيس تہ ڪنهن ماڻهوءَ مون کي هٿ ڪيو ۽ گهٽو شڪ ڪاسيٽ جي دوست ۾ پيس، تنهن ڪري پڪو ارادو ڪيائين تہ هتان لڏي نڪران، بلڪ فرانس ئي ڇڏي انگلنڊ ۾ وڃي رهان. انهيءَ خيال ۾ ويٺو هو تہ هڪڙو ويڙهيل ڪاغذ اچي سندس سامهون ڪِريو. کولي پڙهي تہ انهيءَ تي پينسل سان ٿلهن اکرن ۾ لکيل آهي تہ: "پنهنجو گهر ڇڏي وڃو." هيڏي هوڏي ڏٺائين، ويجهو ڪو بہ ماڻهو نظر نہ آيس، پري کان هڪڙوسنهڙو ڇوڪراٽ يا جوان ماڻهو ويندو ڏٺائين، جو جهٽ ۾ نظر کان غائب ٿي ويو، ۽ جين وليجان فڪرمند ٿي اندر گهر ۾ گهڙي ويو.

# باب سترهون

چورن کي اپونائن چوڪريءَ، جيـن وليجان جي گهر ۾ ڪاٽ هٽـڻ ڪـان روڪي پڇائي ڪڍيو. تنهن کان پوءِ سگهو ئي ميريس، باغيچي جي لوڙهي وٽ آيو. جتان اندر لنگهندو هو. ڪاسيٽ کي پاڪر پائي ڏاڍي پيار سان اچي گڏيو هو. پر هن کي فڪر ۾ ڏسي پڇيائينس تـہ: "اڄ تـون غمگين ۽ ملول ٿـي ڏسجين. ٻيو تـہ خيـر آهي؟" هـن چيـو تـہ: "اڄ بـابي مـون کي چيـو تـہ تـون تيار رهجئين، ڪنهن ٻئي پاسي لڏي هلنداسـين. ڪيـس ڪـو شـهر ۾ ڪـم هـو. اوڏانهن ويو آهي." هي ٻڌي ميريس ويچارو ڏڪي ويو. ڊپ ٿيس تہ اوير سوير محبوب سان ملڻ جو وجهہ بہ وڃي ٿـو ۽ مورڳـو جدائـي ٿـي پلئہ پوي. ميريس پڇيس تہ ڪهڙي پاسي ٿا وڃو؟" هن چيو تہ: "گهڻو ڪري انگلينڊ ڏي". ڪڏهن وڃبو ۽ ڪيترن ڏينهن لاءِ وڃبو، تنهن جي هوءَ خبر ٻڌائي نہ سگهيس. ميريس پڇيس تہ: "پوءِ تون مون کي ڇـڏي هلـي وينديـنءَ؟" هـن چيـو تـہ: "لاچار آهيـان، وڃڻ لاءِ دل نٿي چوير، پر پيءُ جي نافرماني مون ڪڏهن ڪا نہ ڪئي آهي. هـو مون تي تمام مهربان آهي. هن کي رنـج ڪـرڻ نٿـي گهـران." تنهـن تـي ميريس ڏک ۾ ئي چيـو تـہ: "چڱـو، خـدا تنهنجـو نگهبـان هجـي! آءٌ وڃـان ٿـو." پـر، ڪاسيٽ تکڙي ٿي ٻانهن مان وٺي جهليس، ۽ پاڪر وجهي پيـار ڪيـائينس ۽ چيائينس تہ "ميريس، جي تون وينديـن تــہ آءٌ مري وينديس. جيسين اسين هتي آهيون تيسين تہ هر روز هيڏيءَ مهل ايندو وڃ. پوءِ جيئن خدا گهريو هوندو تيئن ٿيندو." ميريس چيو تہ: "نہ، سڀاڻي آءٌ اچي ڪين سگهندس، باقي پريـنءَ شايد ايندس." هن پڇيس تہ: "ڇو، ڪو ڪم اٿئي ڇا؟ ڪيڏي ويندين؟" ميريس چيـو تـہ: "منهنجي رهڻ جو هنڌ نمبر 16 مرُوريري آهي، اتـي پنهنجي ڪـاليج جي هڪڙي سنگتيءَ سان گڏ رهندو آهيان، جنهن جو نـالو 'ڪورفيـراڪ' آهي. اهو نشان مون هن پيلپائي تي لکي ڇڏيو آهي. ڪنهن خط پـٽ لکـڻ يا احوال ڏيـڻ جو ضرور ٿئي تـہ اوڏي لکجئيـن." ڪاسيٽ پڇيس تـہ: "پوءِ نيـٽ ڪهـڙي رٿ ڪئي اٿئي؟" هـن چيـو تـہ: "هينئـر ڇئـي نٿـو سگهان. پريـنءَ جڏهن ملنداسين، تڏهن خيال ڪنداسين. پر ايتري مون کي پڪ آهي تہ خدا اسان کي هـڪ - ٻئي کان ڌار ڪين ڪندو. هاڻ خداحافظ". پوءِ هڪٻئي کان پيار مان موڪلائي

ميريس، لوڙهو ٽپي هليو ويو، ۽ ڪاسيٽ گهر هلي آئي.

ميريس جي نالي گلي نارمنڊ جيتوڻيڪ ميريس کي ڪاوڙ ۽ بدطبعيت ڪان ڪڏي ڇڏيو هو، ۽ بدل رقم گذران لاءِ پهچائي پيو ڏيندو هئس، پر پوءِ بہ هن سان دلي محبت هيس، ۽ هن جي لاءِ هميشہ پيو تانگهيندو هو. سندس ڏيءُ، ميريس جي ماسي، جا ساڻس گڏ رهندي هئي ۽ ميريس جي فائدي ۾ هئي، تنهن پهرين پنهنجي پيءُ کي ٿارڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن ڏنائين تہ پٽس مڙڻ جو ڪين آهي، تڏهن ماٺ ڪري ويهي رهي. هيو هڪڙو نوجوان سنديس ڪٽنب جو، پٽس جو ڏهٽو، جنهن جو نالو ٿيوڊول هو ۽ جو جنگي ڪاتي ۾ ڪپتان هو ۽ اڪثر ٻاهر گذاريندو هو. تنهن کي گهر ۾ آڻڻ لڳي ۽ ميريس جي جاءِ تي ان جا پير ڪوڙڻ لڳي. پٽس پهرين انهيءَ تي راضي ٿيو ۽ ميريس واري ساڳي مهرباني مٿس ڪرڻ لڳو، پر جڏهن معلوم ٿيس تہ جنگي ڪاتي ۾ بادشاهہ جي طرف وارن مان آهي، نہ مخالف طرف مان، تڏهن انهيءَ کان بہ بيزار ٿيو. اهو جيتوڻيڪ ميريس جو سوٽ هو تہ بہ ڏار رهڻ ڪري هڪٻئي جا ڏٺل نہ هئا، ۽ هڪٻئي کي ڪين سڃاڻندا هئا. ٿيوڊول ڪڏهن ڪڏهن ڪاسيٽ جي گهر جي باغيچي وٽان بہ لنگهندو هو ۽ پنهنجي پوشاڪ ۽ جنگي ڊريس ڏيکاري، سندس اڳيان لنگهندو هو ۽ ڪوشش ڪندو هو تہ جيئن ڪيس موهي، پر ڪاسيٽ ڏانهنس خيال بہ نہ ڏيندي هئي، جو هن جي دل ميريس سان ڦاتل هئي، جيئن مٿي بہ اشارو ڏنو ويو آهي.

هينئر اوچتو ميريس پنهنجي ناني جي گهر گهڙي آيو. ماسيس ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، جو گهڻن ڏينهن کان پوءِ آيو هو. ڊوڙي وڃي پيءُ کي ٻڌايائين، جو نهايت خوش ٿيو، ۽ هن کي گهرائي پيار ڪيائين ۽ حال احوال پڇيائينس. ميريس ڪانئس معافي گهري، ۽ اڳتي مهربان رهڻ لاءِ عرض ڪيائين. هڪ ڏينهن وجهہ وٺي چيائينس تہ: "آءٌ شادي ڪرڻ جي موڪل وٺڻ آيو آهيان، جو ائين ڪرڻ مون پاڻ تي فرض سمجهيو." نانس چيو تہ: "چڱا، ايڪيهين ورهين جو ٻار تو شادي ڪري — سو بہ اڳئي بندوبست ڪري آيو آهين، ۽ فقط نالي جي لاءِ وات نُڪاٽي ڪرڻ آيو آهين، ۽ ٻئرسٽريءَ مان شايد گهڻي دولت ڪمائي اٿئي يا اها ڇوڪري دولتمند آهي؟" ميريس ورندي ڏني تہ: "نڪي

هونئن آهي، نڪي هونئن. مون جهڙي درجي ۽ مون جهڙي حال واري آهي، پر ڏاڍي خوبصورت ۽ نيڪ آهي ۽ اسان ٻنهي جي پاڻ ۾ ڏاڍي محبت آهي.“ وري پڇيائينس ته: ”ڪنهن جي ڌيءُ آهي؟“ هن چيو ته: ”فاشل ونٽ نالي هڪڙو اشراف پنهنجي ملڪيت وارو شخص آهي. تنهن جي ڌيءُ آهي. پڪپس ڪي ويجهو گهر ۽ باغ اٿن.“ هي ٻڌي نانس ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳو. چيائين ته واهه، ٻئرن پانٽمرسي، گلي نارمنڊ جو ڏهٽو! هڪڙي فقيرياڻي سان تو شادي ڪري، جا بازار مان تومر ۽ بصر خريد ڪري، سندس ماني رڌيندي. واهه، چڱي شادي تو ڪرين- وڃ، مون وٽان نڪر. جنهن سان وڻئي تنهن سان وڃي شادي ڪر. منهنجو تو سان ڪو واسطو ڪونهي. هان، هي سؤ مهرون اٿئي، وڃي پنهنجي ڪم لاءِ. ميريس گهڻا مٽا هنيا ۽ ماسيس به سندس گهڻي سفارش ڪئي. ته به ڪراڙو مڙڻ جو ڪين ٿيو. ٿورو رکي پوءِ هن کي چيائين ته: ”پڪپس نالو مون کي دل سان لڳي ٿو. انهيءَ جي نزديڪيءَ ۾ پلٽڻ جون بارڪون آهن، اُتي تنهنجو سؤٽ ’ٿيوڊول‘ رهندو آهي، اهو به ته شاديءَ کان سواءِ پيو گذاري، تون به ائين گذار. آءٌ جڏهن اوهان جيڏو هوندو هئس، تڏهن ائين ئي گذاريندو هوس. شاديءَ جي يادگيري ئي ڪا نه هوندي هيمر.“ پوءِ سڏي آهستي ڪن ۾ چيائينس ته: ”منهنجي صلاح اٿئي ته شادي نه ڪر، ائين وٺي ڪٽي ويهارينس.“ هي ٻڌي ميريس نفرت ۽ ڪاوڙ کان پري پڇي وڃي بيٺو. چيائين ته: ”نانا، افسوسٰ جي ڳالهه آهي جو پنج ورهيه اڳي اوهان منهنجي پيءُ سان جُٽ ڪئي ۽ هن کي ملڪ ڇڏايو، ۽ مون کي انهيءَ کان عمر لاءِ ڌار ڪيوَ، ۽ اڄ وري مون کان پنهنجي زال تا عمر لاءِ ڇڏايو. بس مون کي هيو ڪي به چوٽو ناهي- آءٌ ويجان ٿو.“ ائين چئي ٻاهر هليو ويو. ڪراڙو وات پٽي حيران ٿي ويو. هٽ ڏکڻ لڳس، ۽ ذري گهٽ ڪِرڻ تي هو. ميريس کي گهڻا سڏ ڪيائين، ٻين کي چيائين ته هن کي سڏ ڪريو، پر ميريس ڇوهه مان هليو ويو ۽ نظر کان نڪري ويو.

ميريس اهو سڄو ڏينهن ڏاڍي فڪر ۽ ڳڻتيءَ ۾ شهر جي گهٽين ۾ رلندو وتيو. انهيءَ انتظار ۾ هو ته رات پوي ته ڪاسيٽ کي وڃي ڏسان. شهر گهمندي گڙٻڙ ڏٺائين. شهر جي گهٽن ماڻهن دنگي فساد ڪرڻ جو منصوبو

ڪيو هو. ماٺهن چليگيون چلگيون ڪيو پاڻ ۾ صلاحون پئي ڪيون ۽ وڙهڻ لاءِ جايون پئي جاچيائون ۽ سامان پئي گڏ ڪيائون. جڏهن رات پيئي ۽ نهرايل وقت نَو - ڏهن بجن جو اچي ٿيو، تڏهن هو باغيچي جي لوڙهي وٽ ويو ۽ اندر لنگهڻ جي ٿي ڪيائين ته ڏٺائين ته ڪاسيٽ هميشه وانگي اُتي بيٺل ڪانهي. وجي در ڪڙڪايائين، جيتوڻيڪ ڊپ ٿيس ته متان پٽس ڏسي وٺي، پر ڪو به جواب ڪو نه آيو ۽ ظاهر هو ته هو اڳيئي اتان لڏي هليا ويا آهن.

اجا ميريس وائڙو ٿيو بيٺو هو ته ٻاهران ڪنهن سندس نالو وٺي سڏ ڪيو. آواز اپونائن ڇوڪريءَ جهڙو هو. جڏهن اوڏي ويو، تڏهن پري ڪان ڏٺائين ته هڪڙو جوان مڙس اونداهيءَ ۾ پڇندو وڃي.

## باب ارڙهون

هن باب ۾ انهن واقعن جو اشارو آهي، جي تاريخ جي ڪتابن ۾ مشهور آهن، ۽ جي 1832ع ۾، فرانس جي مکيہ شهر پئرس ۾ ٿي گذريا- ٽي مهينا ساندهہ وبا جي مرض شهر جون گهٽيون صفا ڪري ڇڏيون هيون، تنهن کان پوءِ فساد جو ڪورو دکڻ لڳو هو. باهہ جي ڀڙڪڻ لاءِ سڀ سامان تيار هو، فقط هڪڙي چڻگ درڪار هئي، ۽ 'اها جنرل لامارڪ' جي مرڻ سان اچي پئي. اهو جنرل پنهنجي ملڪ ۽ ملڪي ماڻهن لاءِ ساهہ ڏيندو هو، ۽ نيپولين بوناپارٽ جو خاص طرفدار هو. جيئن نيپولين 'لشڪر' جو لفظ واتان ڪيندي دم ڏنو هو. تيئن لامارڪ بہ "ديس" جو لفظ واتان ڪيندي دم ڏنو هو. هو ويلنگٽن جو جاني دشمن هو ۽ ورهين کان واٽرلو واريءَ لڙائيءَ جو سور دل ۾ سانديو آيو، ۽ اُهو ويرَ سدائين دل ۾ تازو رکندو آيو: هن جي مرڻ سان ملڪ ۾ ماتم پئجي ويو، ۽ اهو ماتم جلد بدلجي هڪڙو عظيم فساد ٿي پيو. گهٽا ڏينهن اڳي انهي فساد جا افواهہ اٿڻ لڳا: غريب غربا، ڪاسبي، ڪڙمي، ڪاليجن ۽ اسڪولن جا شاگرد هٿيار يا اوزار، جيڪي هٿ آين، سو کڻي زور سان مڙهيل حڪومت جي برخلاف ٿي بيٺا، ۽ مرڻ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويا. سرڪار ڪي جيڪو احتياط وٺڻو هو سو انهيءَ ورتو، پر انهيءَ مان ڪو بہ فائدو ڪو نہ ٿيو- ڳالهہ زور پئجي ويئي، پلٽڻون نڪري آيون ۽ ڪيترائي ماڻهو شڪ ۾ يا ڊپ کان ناحق ماريا ويا.

فساد شروع ٿيڻ ۾ دير ڪا نہ ٿي ٿئي: گوڙ گڙٻڙ شروع ٿي، دڪان بند ٿيا، ماڻهو گڏ ٿيا، در دروازا پڳائون، ڏڪ لڳا. ۽ رڙيون ۽ دانهون ٿيون. اڌ ڪلاڪ جي اندر شهر ۾ ويهن هنڌن تي نوجوان شرابخانن ۽ هوٽلن ۾ حڪومت جي برخلاف گڏ ٿيڻ لڳا. سيني جو اهو نعرو هو تہ .يا رعيتي راڄ، يا موت!، ويهن ٽيهن هنڌن تي مورچا ٻڌي آڏون ڏئي سرڪاري لشڪر سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا، ۽ ترارين ۽ بندوقون ۽ توبون موجود ڪري ويهي رهيا. وري اهو ڏينهن ڪهڙو هو: مينهن جا وسڪارا پئي ٿيا. ٻيا تہ سڀ وڙهڻ لاءِ تيار ٿيا، پر ننڍو گوروش بہ لٺ کڻي وڙهڻ لاءِ سنبريو، ۽ پنهنجن ننڍڙن ٻارن کي ڪنهن پناهہ جي جاءِ ۾ لڪائڻ لاءِ ڪوشش پئي ڪيائين. پوءِ هو انهيءَ ٽوليءَ ۾ وڃي

گڏيو. جنهن جا مهندار چار - پنج ڪاليج جا نوجوان شاگرد هئا، ۽ جن مان مک هڪڙو "ڪورفيراڪ" ۽ ٻيو" انجولراس" هئا. جي ٻيئي ميريس جا سنگتي هئا، ۽ جن مان پهرئين سان تہ ميريس هاڻ بہ گڏ رهندو هو. انهن کي ترارين بندوقون، ۽ تپاچا هئا. هنن نوجوانن کي مچرڪو ڪري هلندو ڏسي شاگرد، واڍا، لوهار ۽ ڪيترا ٻيا ماڻهو بہ گڏجي ويا. هلندي هلندي هڪڙي هوٽل ۾ آيا. اها جاءِ سيني باغين جي گڏ ٿيڻ ۽ دشمن کي سامهون ٿيڻ جي مقرر ڪيائون. هوٽل جو مالڪ توڙي سندس نوڪر ۽ نوڪرياڻيون سندن مددگار ٿيون. ماڙيءَ تي بيهي ۽ بندوقن هڻڻ جي جاءِ مقرر ڪيائون، ۽ هيٺ سامان رکي ۽ پهري بيهارڻ جو بندوبست ڪيائون. اهڙو چڱو بندوبست ڪيائون، جو ڄڻ تہ هڪڙو مضبوط قلعو ٺڏي ڇڏيائون، ۽ اهو سڀ ڪم هڪڙي ڪلاڪ جي اندر ڪري ڇڏيائون. عمارت تي پنهنجا جهنڊا ڪڍي چاڙهيائون: بي انداز بارود گڏ ٿي ويو ۽ سيڪنهن کي ورهائي ڏئي ويا. آسپاس گهٽين جي منهن وٽ پهريوارا بيهاري ڇڏيائون. ۽ پڻ مرڻ ۽ مارڻ لاءِ تيار ٿي بيهي رهيا.

جنهن قسم جو بندوبست شهر جي هن پاسي ٿيو هو، يعني بلورڊ مڪان جي نزديڪيءَ ۾، اهڙو بندوبست شهر جي ٻين ٽيهن هنڌن تي اڪيچ ۾ ڪري ورتائون. رات پيئي تہ هر هنڌان گوڙ ۽ بندوقن جا ٺڪاءَ پئي ٻڌڻ ۾ آيا. باغين اجا ڪا ڪاهہ ڪا نہ ڪئي هئي. اجا بہ ماڻهو هڪڙو- هڪڙو ٿيو هنن سان شامل ٿيڻ لاءِ پئي آيا. گوروش سيني کي پنهنجن چرچن ۽ مسخرين سان خوش ٿي ڪيو ۽ پنهنجون چالاڪيون پئي ڏيکاريائين. ائين ڪندي هڪڙو مضبوط قداور مڙس شامل ٿيڻ لاءِ لنگهي آيو. گوروش انهيءَ سان بہ مسخريون ڪرڻ لڳو ۽ ذري ذري چتائي منهن ۾ ڏسڻ لڳس. پوءِ آهستي وڃي ڪورفيراڪ ۽ انجولراس کي ڪن ۾ چوڻ لڳو تہ: "هي شخص جاسوس اٿوَ" هنن پڇيس تہ "پَڪ ٿو چوين؟، هن چيو تہ: " مون کي پڪ آهي، آءٌ سڃاڻانس ٿو. سرڪاري ماڻهو آهي، جاسوس ٿي آيو آهي." پوءِ تہ سيني اچي ڪانئس پڇيو تہ: "تون ڪير آهين؟" هو پهرين تہ نٽائڻ لڳو، پر پوءِ جڏهن زور ڀريائونس، تڏهن چيائين تہ "آءٌ سرڪاري عملدار آهيان، ۽ منهنجو نالو جاورٽ آهي." انجولراس چئن ڄڻن کي اشارو ڏنو تہ اڪيچ ۾ انهن ڪڍي پڪڙيس. سندس بدن تلاشيءَ مان هڪڙي گهڙي ۽ ڪي مهرون لڌيون، جي ڇڏي ڏنائونس. پوءِ ڪيس جاءِ جي

هڪڙي ٽنبي سان ٻڌي، وچ تي ويهاري ڇڏيائونس. گوروش چرچو ڪري چوڻ لڳو تہ ڏسو تہ مون جهڙي ڪُوئي ڪيئن نہ هن ٻلي جهڙي مڙس کي اٽي ڦاسايو آهي."

جاورٽ نڪا دانهن ڪئي، نڪا ڪوڪ، ۽ نڪي پاڻ ڇڏائڻ لاءِ متو هنيائين. ماٺ ڪري ويهي رهيو.

ميريس پنهنجي محبوب کي ويل ڏسي نااميد ٿيو بيٺو هو، تہ ڪو ماڻهو سڏي ويس. هي انهيءَ جي پنيان لڳي پنهنجيءَ جاءِ تي آيو. رستي ۾ ويچار ڪندو آيو تہ: "جي ڪاسيٽ انگلينڊ ڏي يا ٻئي پاسي هلي ويئي" تہ پوءِ منهنجوجيئڻ اجايو آهي. انهيءَ کان تہ مرڻ بهتر آهي". گهر اچڻ سببان خبر پيس تہ جيتري عرصي ۾ پاڻ نڪتو هو، انهيءَ عرصي ۾ شهر جو ڦرڪو ڦري ويو- هر هنڌ فساد ۽ مارا ماري شروع ٿي ويئي هئي. ڪورفيراڪ جنهن سان گڏ پاڻ رهندو هو، تنهن کي هن ڳولي اچي لڌو. دل ۾ پڪو ارادو ڪيائين تہ ساڻس وڃي شامل ٿئي تہ وڙهندي مارجي وڃي. هن کي پنهنجو پيءُ ياد پيو، دل ۾ آيس تہ ڇو نہ پاڻ بہ اها ئي پيروي ڪري ۽ اهڙو نالو ڪڍي ۽ ملڪ جي لاءِ پنهنجو سر ڏيئي ۽ رت وهائي. پوءِ تہ هوٽل ۾ اچي پنهنجين باغين سنگتين سان گڏيو ۽ ڪانئڻ هڪڙي بندوق وٺي تيار ٿي ويو.

رات جي ڏهين بجي جي مهل هئي، سڀ تيار ٿيا بيٺا هئا تہ پري کان هڪڙي پلٽڻ مشعلن سان ايندي ڏٺائون. جڏهن اها پلٽڻ هوٽل کي اچي سامهون ٿي، تڏهن انهيءَ جي اڳواڻ هڪل ڪري پڇيو تہ: "دوست يا دشمن؟ سرڪاري يا فسادي؟" انجولراس متان دريءَ مان منهن ڪڍي چيو تہ "فرانس جا باغي!" تڏهن انهيءَ آفيسر حڪم ڪيو تہ: "بندوقون ڇوڙيو." هڪدم بندوقن جو دس ڇٽي ويو. گولين جو وسڪارو ٿيو- ڪتل جهنڊو ڀڃي ڪِري پيو ۽ ڪيترا ماڻهو ڦٽجي پيا. اهڙيءَ ڪاهہ جي وقت سڀ ماڻهو پنهنجا پنهنجا هٿيار ڪڍي پنهنجون جايون وٺي بيٺا هئا. فقط جاورٽ جاءِ جي وچ ۾ ٿنڀ سان ٻڌو وينو هو، ۽ فسادين مان هڪڙو ترار ڪڍيو مٿانئس بيٺو هو. گوروش آسپاس جي نظرداريءَ ۽ پهري لاءِ بيٺل هو. هن ڏٺو تہ سرڪاري پلٽڻ وارن مان ڪي هوٽل ۾ اچي گهڙيا آهن ۽ مٿي ٽا چڙهن. ڊپ ٿيس تہ متان لحظي ۾ سڄي جاءِ جا مالڪ نہ ٿي وڃن، سو هڪدم وڃي انجولراس ۽ ڪورفيراڪ کي ٻڌايائين.

باغي هڪدم اچي انهن جي سامهون ٿيا، ۽ هڪ - ٻين ڪي بندوقون هنيائون. ذري گهٽ ڪورفيراڪ ۽ گوروش ماريا هئا، پر ميريس اوچتو حملو ڪري ڪاهه ڪندڙن کي ماري وڌو، ۽ پنهنجي ساٿين کي بچايائين.

انهيءَ وچ ۾ سرڪاري پلٽڻ جو گهڻو ڀاڱو ڪاهي اندر آيو ۽ هوٽل جو وڏو حصو هٿ ڪري ويا. جڏهن اچي ٻئي طرف مقابلي لاءِ آمهون سامهون ٿيا، تڏهن سرڪاري طرف واري عملدار هنن کي چيو تہ: "هڪدم پيش پئو نہ تہ مارجي ويندؤ." تنهن جي ورندي ۾ انجولراس پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڪيو تہ "بندوقون هڻو!". هڪدم ٻنهي طرفن جا ڏس ڄڻي ويا ۽ ٻنهي پاسي ڪيترا ماڻهو ڪري پيا. ايتري ۾ ميريس وڃي هڪڙو بارود جو پيپ کولي، مشعل هٿ ۾ ڪڻي اچي وچ تي بيٺو، ۽ سرڪاري پلٽڻ وارن کي چيائين تہ "نڪري وڃو، نہ تہ سڄي جاءِ کي اُڏائي ٿو ڇڏيان. اوهين ٿوڙي اسين سڀ اڏامي ويندا سين.. ائين چئي، مشعل انهن کي ويجهو ٿي ڪيائين،، تہ سڀ سرڪاري ماڻهو عمارت ڇڏي پٺي ٻاهر ٿيا، ۽ پنهنجا ڦٽيل سنگتي بہ ڇڏي ويا. ڇاڪاڻ تہ پڪ ٿين تہ هي فسادي پنهنجي سر تان آسرو لاهيو بيٺا آهن، ساڻن مقابلو ڪرڻ آسان نہ آهي.

ميريس جي اهڙي جانفشاني ۽ چالاڪي ڏسي، ڪورفيراڪ ۽ انجولراس هن کي ڀاڪر وجهي ملڻ لڳا. تنهن ڪان پوءِ تہ سيني باغين هن کي ڪٺي پنهنجو مهندار ڪيو، ۽ سڀ ڪم هن جي حڪم سان ٿي ڪيائون. ميريس انهيءَ مهل اهڙو سرگرم هو جو ڪاسيٽ بہ وسري ويئي هيس. انهيءَ جوش ۾ هن جاورٽ کي بہ ڪين سڃاتو، جو اجا تائين اتي ٻڌو بيٺو هو.

بارود جي ڦاٽڻ جي ڊپ ڪان سڀ سرڪاري سپاهي جاءِ ڇڏي گهٽيءَ جي منهن وٽ وڃي گڏ ٿيا- حڪم جي لاءِ، يا مدد جي لاءِ منتظر ٿي بيٺا. انهيءَ وچ ۾ جيڪي ڊاڪٽري ڪاليج جا شاگرد باغين سان شامل هئا، سي زخمين جي مرهم پٽي ۽ ٻي سنڀال ڪرڻ لڳا. ميريس فسادين جي مهندار، پنهنجي ساٿين کي ٻيهر مقابلي لاءِ تيار رهڻ جو بندوبست پئي ڪيو ۽ هيڏي هوڏي ٿي آيو ويو، تہ رستي ۾ هڪڙي سنهڙي آواز واري ماڻهوءَ آهستي سندس نالو وٺي سڏڪيو هن ٻيهي انهيءَ ڏي منهن ڪيو. ڏسي تہ اپونائن ڇوڪري آهي، جا مرداني ويس ۾ هٿيار ڪڻي باغين سان اچي شامل ٿي آهي. اهو ڏسي ڏاڍي حيرت لڳيس.

حقيقت هيءَ آهي تہ اها اپونائن، جا ڪڏهن ڪڏهن ميريس جو ڪاسيٽ ڏانهن پيغام نيندي هئي. تنهن جي پاڻ ميريس سان محبت ٿي ويئي هئي ۽ ڪاسيٽ سان حسد يا پهاڄپو ٿي پيو هوس. انهيءَ ڪري هوءَ اڪثر ميريس جي صدقي ڪاسيٽ جي خيرخواهي ڪندي هئي. جيئن هڪڙي پيري ڪاسيٽ جي گهر کي چورن کان بچايائين. ۽ جڏهن معلوم ٿيس تہ ميريس ڪاسيٽ جي اوچتي گم ٿي وڃڻ ڪري ڏاڍو نااميد ٿيو آهي، ۽ فسادين سان شامل ٿي مرڻ تو گهري، ۽ اها بہ خاطري ٿيس تہ انهيءَ کي وساري ساڻس محبت نہ رکندو، تڏهن پاڻ بہ انهيءَ سان گڏ مرڻ ۾ راضي ٿي. انهيءَ ارادي سان ويس بدلائي اچي شامل ٿي. اها ئي هئي جنهن اُتان سڏي آندو هوس، ۽ هاڻ هن جي بهادري ڏسي ۽ مهنداري مجي ڏاڍي خوش ٿي ۽ پاڻ سجارائڻ لڳي. ميريس پڇيس تہ "تون ڇو هتي آئي آهين؟" هن چيو تہ "مرڻ لاءِ!" ميريس ڏٺو تہ هن کي زخم بہ رسيو آهي ۽ رت بہ پيو وهيس، ڪپي هٿ مان گولي لنگهي وئي هيس- هڪڙي سرڪاري سپاهيءَ کي ميريس تي بندوق ڇوڙيندي ڏٺائين، تہ جهٽ ۾ بندوق جي منهن تي هٿ رکي هٽائي پاسي ڪيائين. بندوق ڇٽي، ميريس بچي ويو، ۽ هن جي هٿ مان گولي لنگهي ويئي. ميريس کي ڏاڍو قياس پيو.

پانيائين تہ ڪٺي هنڌ تي سمهاريس ۽ مرهم پٽي ڪرائيس، پر هن چيس تہ: "گولي هٿ مان لنگهي، پوءِ آرپار پٺن مان نڪري وئي آهي، تنهنڪري علاج ڪرڻ اجايو آهي. آءُ مرڻ تي آهيان، فقط ٿوري گهڙي مون وٽ ويهہ". ميريس ويهي رهيو. هن پنهنجو مٿو هن جي جهوليءَ ۾ رکيو ۽ چيائين تہ: "هاڻ مون کي ڏاڍو آرام ٿو اچي. سڀ سور وسري ويم. هاڻ آءُ وڃان ٿي. اميد آهي تہ هُن جهان ۾ ملنداسين. شايد تون بہ جلد منهنجي پٺيءَ ايندين، جو مرڻ لاءِ تيار ٿيو آهين. مون تنهنجي لاءِ هڪڙو خط لکيو هو ۽ ٽپال ۾ ٿي وڌم، پر ڊنيس تہ متان تون ڪاوڙجين، اُهو منهنجي کيسي ۾ پيو اٿيئي."

ميريس سندس کيسي مان اهو خط ڪڍي ورتو. وري بہ هوءَ چوڻ لڳيس تہ: "ڇڙين متان — منهنجي تو سان ڏاڍي محبت هئي. هاڻ مون سان انجام ڪر تہ جڏهن آءُ مران تڏهن هڪڙي چمي ڏجئين." سگهو ئي هن سڏڪا پري دم ڏنو، ۽ ميريس اهو انجام پورو ڪيو. پوءِ پاسي تي هڪڙيءَ بتي وٽ بيهي اُهو خط ڏسڻ لڳو. ڏسي تہ اهو خط ڪاسيٽ جو آهي. هئين لکيل آهي: "منهنجا پيارا، افسوس آهي تہ منهنجي پيءُ زور لاتو آهي هڪدم هتان نڪري هلون. اڄ رات اسين هوم آرمي واري گهٽيءَ جي گهر نمبر ستين ۾ هونداسين، هفتي جي اندر لنڊن

پهچنداسين — ڪاسيٽ."

ڳالهه هيئن آهي تہ انهيءَ رات اپونائن جو ارادو اهو هو تہ پنهنجي پيءُ ۽ ٻين چورن کي چوريءَ کان روڪي ۽ ميريس ۽ ڪاسيٽ جي وچ ۾ جدائي وجهي. جين وليجان کي بہ انهيءَ ڪاغذ اڇلائي ڏنو هو، جنهن ۾ لکيو هئائينس، تہ هڪدم اهو گهر ڇڏي وڃو. انهيءَ ڪاغذ ڏسڻ شرط جين وليجان گهر ويو ۽ تيار ٿيڻ لڳو وٽ پُڄ ۾ ڪاسيٽ ميريس ڏي مٿيون مختصر خط لکي، متا هٽڻ لڳي تہ ڪيئن ٽپال ۾ وجهان، تہ ٻاهر اپونائن کي مرداني پوشاڪ ۾ ڏٺائين. جا باغيچي جي آسپاس پئي گهمندي هئي. انهيءَ کي ڏنائين تہ پلاٽي ڪري ڪٽي وچ ۾ بہ - ٽي ربيا خرچي بہ ڏنائينس. هن خط ڪٽي کيسي ۾ وڌو.

ميريس ڪاسيٽ جي خط کي چميون ڏيڻ لڳو. اتي لحظي تائين خيال ٿيس تہ نہ مران تہ ڇڱو. من ڪڏهن ملاڻس بہ. پر ياد پيس تہ هن کي پيءُ انگلينڊ ڏي وٺي ويندو ۽ نانو مون کي هن سان شادي ڪرڻ جي موڪل نہ ڏيندو— تنهنڪري مرڻ بهتر آهي. پر انهيءَ کان اڳي بہ فرض ضروري نظر آيس: هڪڙو ڪاسيٽ کي پنهنجي موت جي خبر ڏيڻ ۽ خدا حافظ چئي موڪلائڻ، ۽ ٻيو اپونائن جي ڀاءُ ۽ ٿيناردييئر جي پٽ گوروش کي موت کان بچائڻ. هڪدم کيسي مان پاڪيٽ بڪ ڪڍي پينسل، سان انهيءَ تي هيئن لکيائين: "پنهنجي شادي ناممڪن، نانو اجازت نٿو ڏئي، جو نڪا تو وٽ دولت آهي، نڪا مون وٽ. آءٌ تنهنجي گهر آيس پر تون ڪانہ هئينءَ. مون تو سان جو انجام ڪيو هو سو تو کي ياد هوندو- آءٌ مران ٿو. جيستائين هي ڪاغذ تو کي پهچندو، تيستائين منهنجو روح تو وٽ هوندو ۽ تو کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو ۽ مرڪندو. تڪڙ ۾ ڪاغذ ويڙهي تهہ ڪري، سواءِ لفافي چنبڙائڻ جي انهيءَ تي هي سرنامو لکيائين: " مس ڪاسيٽ فاشل ونٽ کي نمبر 7، هوم آرمي واري گهٽيءَ ۾ ملي."

تنهن کان پوءِ پنهنجي پاڪيٽ جي پهرين صفحي ۾ لکيائين تہ: "منهنجو نالو ميريس پانٽمرسي آهي. منهنجو لاش منهنجي ناني گلي نارمنڊ وٽ، نمبر 6 ڪلوير مڪان ۾ پهچي." پوءِ گوروش کي سڏي چيائين تہ: "پلاٽي ڪري هي خط راتو رات وڃي پهچائي آءُ. هوٽل جو گهيرو اميد آهي تہ صبح تائين هلندو." جيتوڻيڪ گوروش جي مرضي هئي تہ پاڻ حاضر رهي ٻين سان گڏ وڙهي، پر ميريس جو حڪم ضرور مڃڻو ٿيس. اها گهٽي پري نٿي سجهيس، تنهنڪري ارادو ڪيائين تہ خط ڏئي وري ڊوڙي اچي هتي بہ شامل ٿي سگهندس. اهو ارادو ڪري خط ڪٽي اتي پڳو.

## باب اٺويهون

انهيءَ ساڳئي ڏينهن، رات جو سنجهي مان جين وليجان، ڪاسيٽ ۽ نوڪرياڻي ساڻ ڪري، هوم آرمي واري گهٽيءَ ۾ اچي رهيو. نڪرڻ کان اڳي پيءُ ۽ ڌيءُ جي وچ ۾ اهو پهريون ئي دفعو هو جو مرضيءَ جو اختلاف پيدا ٿيو. ڪاسيٽ اعتراض اٿارڻ لڳي ۽ عذر ۽ بهانا ڪرڻ لڳي، پر جين وليجان مڙڻ جو نہ ٿيو. شام جو مٽي جو سور جي بهاني تي اندر در بند ڪري وڃي ويٺي، ۽ اتي ميريس ڏي خط لکي ورتائين. جين وليجان نوڪرياڻيءَ جي واتان پئي ٻڌو، جو چيائين تي تہ شهر ۾ گڙٻڙ ٿي ٻڌجي، پر هن جو خيال ٻئي پاسي هو ۽ گهڻو بي آرام ٿي ڏٺو ۽ گهڻو پسار پئي ڪيائين. اوچتو پاسي تي رکيل آرسيءَ واري ميز تي، مسچٽي تي لکيل ابتا اکر آرسيءَ ۾ نهاريندي سبتا پڙهيائين. ڪاسيٽ تڪڙ ۾ خط لکي، مٿانئس مسچٽو هٽي، سڪائي، ڪاغذ ڪٽي هلي ويئي. انهيءَ ننڍڙي خط جو مضمون پڙهي حيران ٿي ويو. بلڪ مٿو ڦرڻ لڳس. وري بہ مسچٽو آرسيءَ جي سامهون جهلي پڙهيائين. پوءِ خيال ڪرڻ لڳو ۽ چاتائين تہ زماني جا عجب رنگ آهن! پوءِ نوڪرياڻيءَ واري ڳالهہ ياد پيس، پانيائين تہ نڪري سماءُ رکان. يارهين بجي جو وقت هو گهٽين ۾ آيو تہ پري کان هُل ۽ گوڙ ٻڌائين. ڪتان نڪاءَ بہ پئي آيا، اهي نڪاءَ شايد انهيءَ ڪاهہ جا هئا، جا سرڪاري پلٽڻ هوٽل تي ڪئي هئي. اتي هڪڙو ڇوڪرات گهٽيءَ ۾ گڏيس. اهو گوروش هو. اُنهيءَ هن کان پڇيو تہ: "سائين، هن گهٽيءَ ۾ گهر نمبر ستون ڪهڙو آهي؟" جين کي هڪدم ڪاسيٽ وارو خط دل سان لڳو ۽ شڪ پيس. هن کي چيائين تہ "خط آندو اٿيئي نہ؟ اهو مون کي ڏي. ڇوڪر چيو تون زال تہ ناهين. خط زال ماڻهوءَ لاءِ آهي." جين چيو تہ: "مس ڪاسيٽ جي لاءِ آهي نہ؟" هن چيو تہ: "هائو". جين چيو تہ: "اهو مون لاءِ آهي." خط وٺي پيو حال احوال بہ ورتائينس، ۽ ڇوڪر تڪڙوئي موڪلائي هليو ويو. جين وليجان خط وٺي اندر آيو ۽ کوليائين تہ نظر پريندي انهن لفظن تي پيس تہ: "آءٌ مران ٿو، جيستائين هي ڪاغذ تو کي پهچندو تيستائين منهنجو روح تو وٽ هوندو..." حيران ٿي ويو. چاتائين تہ اڄ رات ٿي وئي آهي ۽ بہ دس بندوقن

جا بہ ہڏڻ ۾ آيا. پڪ آهي تہ هيستائين ميريس مري ويو هوندو. اهو بہ ڏنائين تہ هي خط موڪليل هو تہ سڀاڻي صبح جو ڪاسيٽ پڙهي. خيال ڪيائين تہ اهو بلوو ضرور صبح تائين هلندو. ۽ رات جي اندر اها هوٽل، جتي باغي گڏ ٿيا آهن، سا وٺي نہ سگهندا. هڪڙي ڪري خوش ٿيو تہ جنهن ماڻهوءَ کان آءٌ ٿي پڇُس ۽ جو منهنجي ڏيءُ جي پنيان هو، تنهن کان ڇُٽس. خط ڪٽي کيسي ۾ وڌائين، ۽ پاڻ سنيري تيار ٿي بندوق ڪارتوسن سميت ڪٽي انهيءَ هوٽل ڏي هليو. چاتائين تہ جڏهن ههڙا معصوم ڇوڪرا بہ ملڪ جي ڀلي لاءِ پيا وڙهن ۽ مارجن، تڏهن آءٌ ڇو نہ وڃان.

هوٽل ۾ انجولراس، ڪوريفراڪ ۽ ميريس جي نظر هيٺ هر قسم جي تياري پئي ٿي. ستنيھ ڇٽا وجي اُتي بچيا هئا. سڀ گهٽ بند ڪري مٿي ماڙيءَ تي بندوقون ڪٽي ويهي رهيا. بين اجا ڪا اڳ ڳتي پئي ڪئي، پر ميريس، جو موت جي لاءِ سنيريل هو، سو وڙهڻ لاءِ تڪڙو هو. ڀانيائين تہ جيئن جلد دشمن اچن تہ وڙهي ساهہ ڏيان. ٽين بجي جي مهل هئي، جو جين وليجان بہ رلندو رلندو اچي اتي نڪتو، ۽ لنگهي اچي باغين سان شامل ٿيو. انجولراس کي شڪ هو تہ الاجي دوست آهي يا دشمن، پر ميريس جو ڏٺل هو، تنهن چيو تہ: "آءٌ سڃاڻانس ٿو، هن جو نالو فاشل ونٽ آهي." تڏهن رهڻ ۽ شامل ٿيڻ ڏنائونس.

مٿي ماڙيءَ تي بندوبست پورو رکي، انجولراس هيٺ لٿو، جتي جاورٽ ٻڌو ويٺو هو. انهيءَ کان پڇيائين تہ: "ڪي گهربل اٿئي؟" هن چيو تہ .ڪي بہ ڪين - ڪڏهن ٿا مون کي ماريو؟" هن چيو تہ: "تڪڙ نہ ڪر، اسان کي اجا ڪارتوس ٻئي بهتر ڪم لاءِ بچائڻا آهن." جاورٽ چيو تہ: "تڏهن مون کي اُڃ لڳي آهي، ڪي پيئڻ لاءِ ڏيو. انجولراس گلاس پاڻيءَ جو آڻي ڏنس، جو هن پيتو. پوءِ چوڻ لڳو تہ اوهان مون کي ڏاڍو ڏکيو ٻڌو آهي. سڄي رات هيئن ويٺو رهيو آهيان. ٻڌوم ڀلي، پر ڪنهن ميز تي سمهاري ٻڌوم تہ ٽنگون تہ ساهيان؟"

انجولراس ڪن ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ هن کي ڇوڙيو. ڇئن ڄڻن هن کي ڇوڙيو، ۽ هڪڙو ترار ڪڍي بيٺو- جاورٽ جا هٿ پٺن سان ٻڌل هئا ۽ هڪڙو مضبوط رسو چيلهہ ۽ پيرن ۾ پيل هوس. پاسي تي هڪڙي ميز پئي هئي، اوستائين وٺي ويس ۽ انهيءَ تي سمهاري ٻڌائونس. جين وليجان بہ اتي اچي نڪتو. جاورٽ جي نظر انهيءَ تي پيئي، پر نڪو چرڪ ڀريائين، نڪا حيرت

لڳيس. جين بہ ڇتائي ڏنس. اتي پرهہ ڦٽي ۽ ڏينهن ٿيو. اوچتو ٻاهر هڪڙي گهٽيءَ کان سرڪاري سپاهي هڪڙي توب ڪاهيندا آيا. پري کان انجولراس پنهنجن ماڻهن کي بندوق جي دَسَ هٽڻ لاءِ حڪم ڏنو. هڪدم بندوقون ڇٽيون. دونهي سان توب ۽ انهيءَ جا ماڻهو ڍڪجي ويا. لحظي کان پوءِ دونهون لٿو. جيتري ۾ هنن وري بندوقون ڀريون، تيتري ۾ توب وارن توب ڇوڙي ۽ گولو اچي هوٽل کي لڳو. انهيءَ وقت گوروش ڊوڙندو اندر لنگهي آيو. ميريس ڏسي ورتس. پاسي تي نيئي پڇيائينس تہ: "تون ڇو موٽي آئين؟ مون تو کي موڪليو هو تہ مرڻ کان بچين. پلا ٻڌاءِ تہ خط پهچايئہ؟" گوروش ڪوڙ ڪري چيو تہ: "گهر جي مالڪياڻي، جنهن ڏي خط هو سا سُتي پئي هئي، خط سندس نوڪرياڻيءَ کي ڏئي ڇڏيم تہ صبح جو پهچائي ڏئيس. پوءِ ڪُٽتي هتي حاضر رهڻ جي ڪيم، تنهنڪري وري هتي آيو آهيان."

ميريس جڏهن جين وليجان کي پهرين اُتي ڏٺو، تڏهن هڪدم سڃاتائينس تہ اهو فاشل ونٽ آهي. گوروش کي ڏيکاريائين بہ ۽ پڇيائينس تہ: "هن کي سڃاڻين ٿو؟" پر هن اونداهيءَ ۾ ڏٺو هوس ۽ خط ڏنو هئائينس، تنهنڪري پوريءَ طرح سڃاڻي نہ سگهيس، تنهنڪري ميرس کي ڪو بچڙو گمان ڪو نہ گذريو. ڄاتائين تہ فاشل ونٽ بہ انهيءَ ساڳئي طرف جو آهي، جنهن طرف پاڻ هو ۽ تنهنڪري شامل ٿيڻ ۽ وڙهڻ لاءِ آيو آهي.

انهيءَ وچ ۾ ٻي بہ توب اچي نڪتي، ۽ سرڪاري سپاهي توبن ۾ گولا وجهي هٽڻ لڳا ۽ پيادا سپاهي بہ اتي اچي گڏ ٿيا. هيڏانهن وري بندوقن جا وسڪارا ٿيڻ لڳا، ڪي ماڻهو هُنن جا پئي مئا، ۽ ڪي هـنن جا. باغين جا ڪارتوس کٽڻ لڳا، گوروش هيٺ لهي جيڪي سرڪاري سپاهي بندوقن جي لڳڻ ڪري ڪِري پيا هئا، تن جا ڪارتوس ميڙي گڏ ڪري، ٽوڪرو ڀري کڻي آيو. جيتوڻيڪ متانئس بندوقن جا وسڪارا پئي ٿيا. جيڪي سرڪاري سپاهي پاسي وارن گهرن جي ماڙين تي چڙهي هوٽل جي جانچ لاءِ ٿي آيا، تن کي وري جين وليجان لڪي بندوقون هڻي ٿي ماريو.

گوروش وري بہ همت جهلي ڪارتوسن جي چوريءَ لاءِ ويو. سرڪاري سپاهين کي هن جي جرات تي حيرت بہ لڳي ٿي، جو رڳو چوڪر ٿي ڏٺو، پر تڏهن بہ هن کي روڪڻ لاءِ متس بندوقون ڇوڙيائون. هـِن پيري هن کي بندوق

لڳي ۽ هو هوٽل جي ٻاهران ڪِري پيو. ميريس ڊوڙي ڏانهنس ويو، پر هو اڳئي مري ويو. هن کي ڪنهن بہ سنگتيءَ جي مدد سان ڪارتوسن جي ٽوڪريءَ سوڙو اندر ڪٽي آيو. ڏاڍو ارمان ٿيس، جو ڇاتائين تہ هو ٽينارڊيئر جو پٽ آهي، جنهن ٽينارڊيئر منهنجي پيءُ کي بچايو هو.

هوٽل کي بچائيندي ٻيهر اچي ٿيا. انجولراس ۽ ميريس اها رٿ ڪئي تہ اڏوگابرا ماڻهو رهيلن ڪارتوسن سان بندوقون هڻن، ۽ ٻيا گهٽيءَ مان نرشن جا پهڻ پَٽي ڪٽي اچن تہ اُهي جاءِ جي درين تي رکي توبن جي گولين کان بچاءُ ڪجي. ائين ڪيو ويو ۽ گهڻو بچاءُ ٿيو. پوءِ انجولراس اندرئين ڪم جو جوابدار ۽ حڪم ڏيڻ وارو ٿي بيٺو، ۽ ميريس ٻاهرئين ڪم جو.

پوءِ انجولراس اُتي آيو، جتي جاورٽ ٻڌو وينو هو. صلاح ڪيائون تہ اجهو تا سرڪاري سپاهي بندوقن ۽ توبن سان گڏ ٿي هوٽل تي ڪاهہ ڪن، بهتر آهي تہ جاورٽ کي ماري ڇڏجي، جو هو دشمن جو جاسوس هو. اهو ڪم جين وليجان جي ذمي ڪيائون، بلڪ جين وليجان ڪُڏ ڪري پاڻ تي ڪنيو ۽ هڪڙو تپاچو ڪٽي جاورٽ جي پاسي ۾ اچي بيٺو. انهيءَ وچ ۾ ٻاهر بگل وڄڻ ڪري سڀ ماڻهو انهي جاءِ مان نڪري پاسن تي درين وٽ وڃي تيار ٿي بيٺا. فقط جين وليجان ۽ جاورٽ اڪيلا جاءِ ۾ رهيا.

جين وليجان جاورٽ کي حڪم ڏنو تہ: "اُتي ويهہ." جاورٽ ڪلي اُتي وينو، جنهن ڪل مان نفرت ۽ ڌڪار پئي معلوم ٿي. جين وليجان هن جي ڪمرپٽي ۾ هٿ وجهي، ڪيس ميز تان ڪٽي ائين اُتي هليو، جيئن ٻلي ڪوئي کي ڪٽي هلي. ٻئي هٿ ۾ تپاچو هوس. پاسي تي نيئي جيئن ٻڌل هو تيئن هن کي ٻيهاري، تپاچو ڪٽي جين وليجان هن کي چيو تہ .جاورٽ، مون کي سڃاڻندو هوندين؟" هن ورندي ڏني تہ: "هائو، پنهنجو وير مون کان پلي وٺ." جين وليجان ڪمر مان هڪڙو خنجر ڪڍيو. جاورٽ چيو تہ: "تمنچي کان اهو منهنجو زياده لائق آهي. جين وليجان ماٺ ڪري خنجر سان هن جا سڀ رسا وڍي، چيائينس تہ: "تون آزاد آهين."

جاورٽ جهڙو بدطبيعت ماڻهو هو تهڙو عجب ۾ پئجي ويو، ۽ وات پٽجي ويس، هو انهي حيرانيءَ ۾ هو، تہ جين وليجان چيس تہ: "آءٌ هتان نڪرڻ وارو ناهيان، پر تڏهن بہ تو کي ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ فاشل ونٽ جي نالي سان هوم

آرمي واري گهٽيءَ ۾، گهر نمبر ستين ۾ ٿو رهان. هاڻ وڃ هليو." جاورٽ شوخيءَ مان هن کي چيو تہ "انهي احسان ڪٽڻ کان تنهنجي هٿان مرڻ مون کي وڌيڪ پسند آهي." جين چيس تہ: "ماٺ ڪري هليو وڃ." هو ماٺ ڪري هليو ويو ۽ جين موٽي پنهنجي جاءِ تي اچي بيٺو.

انهيءَ وچ ۾ سرڪاري لشڪر بندوقن ۽ توبن سان تيار ٿي هوٽل کي تباهہ ڪرڻ ۽ فسادين کي مارڻ لاءِ سنبري آيو. توبن ۽ بندوقن جا وسڪارا ٿي ويا. هيڏي ويچارا ٿورا ۽ رات جا جاڳيل بکيا اُجيا، ۽ وٽن ڪارتوس ڪو نہ ڏهن. انجولراس کان سواءِ ٻيا سب کي ماريا کي زخمي ٿيا. ميريس کي بہ کيترائي زخم ٿيا هئا، خاص هڪڙو خراب زخم مٿي ۾ هوس، جنهن مان رت نٿي بينس ۽ هن رومال زور سان ٻڌي ڇڏيو هو. دشمن جا سپاهي ڪاهي اندر آيا. اوچتو گولي لڳيس ۽ ڪِري پيو. اکيون پورجي ويس، ٿورو هوش هوس تہ ڪنهن زبردست هٿ گهلي ڪنيس. ڇاتائين تہ ڪنهن دشمن مون کي ڪنيو آهي، ۽ ڪٿي نيئي بندوق يا تپاچي سان ماريندو.

پوءِ تہ دشمن هوٽل ۾ ڪاهي پيا. سڀ بغاوت ڪرڻ وارا جي بچيا هئا، سي کهاڙين ۽ لنين سان وڙهندا ماريا ويا، ڇو جو ڪارتوس ڪو نہ بچيو هون. فقط هڪڙو شخص سالم وچ ۾ بيٺو هو، ۽ اهو هو انجولراس.

جڏهن انهيءَ کي پڪڙيائون تڏهن سڃاتائون تہ باغين جو سرڪردو هيءُ آهي. هن کي بندوق هٽڻ جي ڪيائون. هن پاڻ بہ چيو تہ: "پلي مون کي بندوق هٽي ماريو." نيٺ هن کي بندوق هٽي ماريائون ۽ سڄي جاءِ هنن جي قبضي ۾ آئي. مئلن جا لاش، کي اڏ مئل ۽ ڦٽيل جاءِ مان ڪڍي، ٻاهر گهٽيءَ ۾ اڇلائي وڌائون. انهيءَ طرح باغي جوان بهادريءَ سان پڇاڙيءَ تائين وڙهيا، ۽ آخر وڙهي ساهہ ڏنائون.

# باب ويهون

هينئر ميريس جين وليجان جو سچ پچ قيدي هو. جين انهيءَ جنگ فساد ۾ ٻيو گهٽو حصو ڪو نه ورتو هو، فقط پاڻ کي خوف جي هنڌ ظاهر ڪيو هئائين. سارو وقت هن جون اکيون ميريس ۾ هيون. جڏهن گولي لڳڻ ڪري ميريس ڪري پيو، تڏهن هو شينهن وانگي مٿانئس ٽپي پيو، ۽ کيس کڻي ويو. انهيءَ مهل هوٽل ۾ گڙٻڙ هئي، ۽ سرڪاري پلٽڻ ڪاهي اچي رهي هئي. انجولراس کان سواءِ ٻيو هن جي سامهون ڪو نه هو، ٻئي ڪنهن جين وليجان کي ميريس کي کڻي ويندو ڪو نه ڏٺو. جڏهن هوٽل جي حد کان ڪڍي ٻاهر ڪيائينس، تڏهن هڪڙي پٽ جي پنيان، توري تائين هن کي هيٺ رکي، ساهي کنيائين. پوءِ خيال ڪيائين تہ جي نڪري ٻاهر ٿيندس تہ پلٽڻ وارا سنگينون يا بندوقون هڻندا. پڪيءَ وانگي اتان اُڏامڻ کان سواءِ ٻيو بچاءُ نظر نٿي آيو. جيڪي ڪرڻو هو سو هڪ لحظي ۾ ڪرڻو هو. آخر ٻاهر نڪرڻ جو امڪان ڏسي، رٿ ڪيائين تہ انهيءَ هنڌان فرش جا پهڻ پٽي، هيٺان جيڪو وڏو نل يا گٽر گندي پاڻيءَ جو ٿو وڃي، تنهن مان لنگهي، پري ڪنهي هنڌان نڪري ٻاهر ٿيان. اهو نل زمين کان اٽڪل اٺ - ڏهہ فوٽ هيٺ هو. اتي ويهي اهو ڪم ڪيائين ۽ ڪن ٿورن منٽن ۾ ديون جهڙو ڪم ڪري گذريو. جهٽ ۾ ميريس کي لاهي اندر ٿيو ۽ گهڙيءَ تائين ويهي آرام ورتائين. پئرس جهڙي شهر جا زير زمين وارا گندي پاڻيءَ جا نل اهڙا آهن جهڙو وڏو چار، جيتريون گهٽيون، اوترا هيٺيان نل، وڏن مان ننڍا نل نڪتل ۽ هڪڙن مان ٻيا نڪتل هئا. نل جي دري پٽي وري مٿان بند ڪري ڇڏيائين، پوءِ ميريس کي کڻي اتي هليو. هو اڌ مئل هو ۽ ڪڏهن تہ شڪ پيس تہ مري ويو آهي ۽ هي سندس لاش گهليندو وتان. پهرين اندر گهڙڻ سان اکين اڳيان رڳي اونداهي هيس، پر پوءِ ٿوريءَ ويرم بعد ڪجهہ ڏسڻ لڳو. نل جي ٻنهي پاسي پٽيون هٽ سان لڳس ۽ هيٺان بہ فرش پيرن کي لڳس، ٿوري مٽي ۽ پاڻي بہ، البت خراب ٻانس بہ آيس. ڏهن - پندرهن فوٽن تي مٿان ننڍڙي چاري واري دريءَ مان هوا ۽ روشني پئي آئي. اهڙيون دريون نل ۾ ٿوري ٿوري پنڌ تي رکيل هيون. انهن جي ڪري گهٽي مدد مليس، اگرچ ڊپ هوس تہ مٿان ڪو درين مان لنگهي اچي کيس پڪڙي.

ڳچ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ وري منجهي بيهي رهيو، جو ٻيا نل انهيءَ مان ڦٽڻ لڳا. خيال ڪرڻ لڳو تہ سڄي لڙان يا کٻي لڙان. ايترو سمجهيائين تہ کٻي پاسي وارو نل يا رستو جو زياده لهوارو آهي ۽ نديءَ جي طرف آهي سو بهتر ٿيندو، جو نيٺ وڃي انهيءَ تي بيهندو. انهيءَ طرح اونداهيءَ

هلندي هلندي نيٺ هو گپ ۾ اچي پيو. جا نل جي پڇاڙي تي گڏ ٿي هئي. گپ بہ چور - گپ ٿي ڏٺي، جا اڪثر درياءَ جي ڪنارن تي واريءَ سان ڍڪيل ٿيندي آهي، جنهن ۾ سڄا سڄا ماڻهو ۽ گهوڙا گهڙي وڃن. پاڻيءَ ۾ وري بہ ماڻهو هڪدم ٻڏي مري وڃي ٿو، پر چور - گپ ۾، وڃي هيٺ گهڙندو ۽ آهستو آهستو گهٽجي عذاب ڪائي مري ٿو. جين کي ڏاڍو ڊپ ٿيو. پيرن کي مٿان پاڻيءَ ۽ هيٺان گپ لڳيس جا ويئي وڌندي. اونداهي زياده ٿيندي وئي. ميريس پونين پساهن تي ٿي ڏٺو، ۽ هي پاڻ جدا ٿڪل. ڪٿي تہ گوڏن تائين گپي ٿي ويو ۽ ڏاڍي مشڪلات سان پاڻ ڇڏائي مٿي ٿي ٿيو. ميريس جيئن پوءِ تيئن ويو ڍرڪندو ۽ مٿس بوجهو ٿيندو.

اوچتو پيرن کي ڪا سخت شيءِ ڇپ جهڙي لڳيس. مٿو هٿي انهيءَ تي چڙهي ذري تائين ساهي ڪٽڻ لڳو پوءِ معلوم ڪيائين تہ اڳيان مٿي چڙهڻ جي جاءِ آهي ۽ شايد ڪا ڏاڪڻ آهي، جا مٿيءَ ۾ پورجي ويئي آهي. همت ڪري اٿيو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ لڳو. اتي تڏ بہ پوڻ لڳي. پري ڪان وڌيڪ سوجهرو ڏسڻ ۾ آيس، جو ڪنهن بتيءَ جو نہ هو، پر لهندڙ ڏينهن جو هو. اتي سمجهيائين تہ نل پورو ٿو ٿئي. ۽ ٻاهر نڪرڻ جي جاءِ آهي. پر اتي بہ ڇاري ڏنل هئي. جنهن مان ڏسي سگهيو تہ درياءَ جو ڪنارو آهي: "شهر کان پري آهي" ۽ چوڌاري اڪيلائي آهي. ميريس کي لاهي رکي، ڪوشش ڪرڻ لڳو، تہ ڇاري کي ڇني يا ڪي گز ڪڍي نڪرڻ جي جاءِ ڪري، پر ائين ڪري نہ سگهيو. ڏاڍو نااميد ٿيڻ لڳو. هوڏي ميريس جو حال ڏنائين تہ ڪنڌ لڙي پيو هوس، بلڪل پونين پساهن تي آهي. ڏاڍي ڳڻتيءَ ۾ ذري تائين ويهي خيال ڪرڻ لڳو، تہ اوچتو ڪنهن ماڻهو هٿ آڻي ڪلهي تي رکيس، ۽ چيائينس تہ: "اڌ منهنجو آهي."

جين وليجان ڇرڪ ڀري هن کي ڏسڻ لڳو. پاڻ درياءَ جي سوجهري کان پٺيرو هو ۽ هو ماڻهو سوجهري جي سامهون هو. سڃاتائينس تہ ٿينارڊيئر آهي، مگر هُن نہ سڃاتس جو هن جي منهن تي سوجهرو نٿي پيو. ۽ رت ۽ گپ سان ڀريل هو. ٿينارڊيئر جا پير اگهاڙا هئا ۽ جُتي هٿ ۾ هيس. اهڙي ڇپ ماري اتي آيو هو جو جين وليجان کي هن جي اچڻ جو سماءُ ئي نہ پيو. ٿينارڊيئر ٿوري مانٽ کان پوءِ ڀرين ڳالهايو. ۽ هن کي چيائين تہ: "هاڻ ڪيئن نڪربو؟ درياءَ کي تہ ڇاريءَ جو در آهي ۽ ڪلف بہ لڳل اٿس. نڪرڻ بہ ضرور هتان گهرجي." جين چيو تہ: "خبر ناهي تہ ڇا ٿو چوين!". هن چيو تہ: "تو ماڻهو ماريو آهي. آءٌ توکي نٿو سڃاڻان پر تو کي مدد ڏيڻ ٿو گهران. ڪنجي مون وٽ آهي. هن کي ماري جيڪي هن جي کيسن مان ڪڍيو اٿئي، تنهن جو اڌ مون کي ملڻ گهرجي تہ پوءِ اڌ دري پٽيان."

ائين چئي، هن کيسي مان هڪڙي وڏي ڪنجي ڪڍي، ۽ ٻئي کيسي مان هڪڙي رسي ڪڍي جين وليجان کي ڏنائين. هن پڇيو تہ .هن کي ڇا ڪريان؟" هن چيس تہ: "بيعقل ٿو

ڏسجين. هيءُ لاش درياءَ ۾ ڪين اڇلائيندين ڇا؟ ڪنجيءَ سان در تو پٽيا ن هن رسيءَ ۾ اهو لاش ٻڌي انهيءَ سان گڏ ڪناري تان ڪو وڏو پهڻ ٻڌي پاڻيءَ ۾ اڇلائي وجهه. نه ته لاش پاڻيءَ جي مٿان پيو ترندو." جين وليجان مات ڪري رسي ورتي. هن چيس ته: "تو منهنجي ڪنجي ڏني. هاڻ مون کي پنهنجا پئسا ڏيکار!" جين وليجان پنهنجي کيسي ۾ هٿ وڌو. پاڻ سان هميشه ڪي پئسا کڻندو هو. گپ اڳيان پاڪيٽ مان هڪڙي سوني مهر ۽ ڪي فرينچ رپيا ۽ آڌيا نڪتا.

ٿيناردييَر اهي وٺي ڪٽي پنهنجي کيسي ۾ وڌا. پوءِ چيائين ته: "هن ويچاري کي ايترن پئسن لاءِ ناحق ماريئه؟" ائين چئي جين وليجان ۽ ميريس جي کيسن ۾ هٿ وجهي ڏسڻ لڳو. جين کي ڳڻتي هئي ته سندس منهن تي سوجهرو نه پوي ته هو سڃاڻيس نه. تنهنڪري هن کي کيسا ڦولهڻ ڏنائين. جادوگرن وانگر هن ميريس جي اندرين صدريءَ جي استر ۾ لڪل ٿيهه رپيا ڪڍيا. پوءِ اڌ وٺڻ جي بدران سڀي اُها رقم پاڻ رکي ڇڏيائين.

پوءِ چوڻ لڳو ته: "ادا، هاڻ نڪرڻ جي رٿ ڪجي. هاڻ تو پتڻ ڏنو. هاڻ لنگهي پار پؤ". پوءِ جين وليجان کي مدد ڪري ميريس سندس پٺن تي رکيائين. ۽ پاڻ اڳ ۾ تي دري ڏي هليو. ۽ ڪنجيءَ سان ڪلف کولي دري پٽيائين. جين لنگهي ٻاهر ٿيو. ته هن وري اندران دري بند ڪري ڪلف ڏئي ڇڏيو. ۽ پاڻ اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويو.

نلن ۾ اڪثر چور چوري ڪرڻ لاءِ يا چوري ڪرڻ کان پوءِ لڪندا هئا ۽ پڇي ويندا هئا. ۽ انهيءَ ڪم لاءِ درين جي ڪنجي پاڻ وٽ رکندا هئا. ٿيناردييَر به اهڙي ڪم جي پنيان هو. تنهنڪري هو به انهيءَ نل ۾ اچي گهڙيو هو. ۽ ڪنهن شڪار جي پنيان هو.

جين وليجان کليل هوا ۾ نڪري ساهه پٽيو. درياءَ جي ڪناري تي ميريس کي ليٽائي ڇڏيائين ۽ پاڻ ويهي تورو ساهه کڻڻ لڳو. اهو درياءَ سين ندي هو. پاڻ درياءَ ۾ وڃي وهنتو ۽ صاف ٿيو. ۽ ٻڪن ۾ پاڻي آڻي ميريس جي وات ۽ منهن تي وڌائين. هن اجا ساهه پئي کنيو. پر اکيون بند هيس. جين اجا انهيءَ ڪم ۾ هو ته اوچتو پنهنجي پنيان پيو ماڻهو بيٺل ڏٺائين. ڏاڍو ڊپ ۽ خوف ٿيس. جيتوڻيڪ رات هئي ته به سڃاتائين ته جاورٽ انسپيڪٽر آهي. اهو شايد ٿيناردييَر جي پنيان هو. پر انهيءَ هنڌ تي هو ڪانئس نڪري گم ٿي ويو ۽ اتي اچي نڪتو هو. جين وليجان اجا به بڇڙن حالن ۾ هو تنهنڪري جاورٽ ڪين سڃاتس. ڏنڊي ڪيي پڇڻ لڳس ته .ڪير آهين؟" هن ورندي ڏني ته: "آءٌ جين وليجان آهيا." جاورٽ ويجهو ٿي هٿ هن جي ڪلهن تي رکي، منهن ڏسي سڃاتس. جاورٽ جي منهن ۾ گهنڊ ڏسي جين وليجان چيس ته: "انسپيڪٽر جاورٽ، تو مون کي برابر اچي جهليو آهي. پر مون تو کان پاڻ کو نه ٿي لڪايو. مون تو کي پنهنجي رهڻ جي هنڌ جو به ڏس ڏئي ڇڏيو هو. تنهنڪري جي مون کي جهلين ته پلي جهل. پر هڪڙي مهرباني ڪر."

تنهن تي جاورٽ هن جي ڪلهن مان هٿ ڪيي هن کان شوخيءَ سان پڇڻ لڳو ته: "ڇا تو چوين، اهو ماڻهو ڪير آهي؟" جين چيو ته: "مون انهيءَ ماڻهوءَ جي بنسبت ۾ تو

ڪان مهرباني ٿي گهري. مدد ڪر تہ هن کي ڪٿي گهر پهچايون." جاورٽ پنهنجو رومال پاڻيءَ ۾ پسائي، ميريس جومنهن چڱيءَ طرح صاف ڪري، آهستي چوڻ لڳو تہ: "هيءُ ماڻهو تہ هوٽل ۾ هو ۽ فسادين سان گڏ پڪڙيو ويو. هن جو نالو ميريس ٿي ورتائون."
جين وليجان چيو تہ: "هائو. پر هو زخمي ٿي پيو آهي، اجا مئو نہ آهي، جيڪڏهن مرڻ تي آهي. هن جي گهر جو پتو مون کي معلوم آهي، پنهنجي ناني سان ٿو رهي."
ائين چئي هن ميريس جي کيسي مان سندس پاڪيٽ بُڪ ڪڍيو، ۽ جيڪي انهيءَ تي لکيل هو سو جاورٽ کي ڏيکاريائين. رات پئي هئي، پر اجا ايترو سوجهرو هو جنهن ۾ هن اهي اکر پڙهي ڏنا. پوءِ هڪ وڏو سڏ ڪري هڪڙيءَ گاڏيءَ واري کي سڏيائين، جنهن کي انهيءَ هنڌ حاضر رهڻ لاءِ چيو هئائين. گاڏي آئي، ميريس کي ڪٺائي پٺئين خاني ۾ رکيائين، ۽ پاڻ جين وليجان سان گڏ اڳئين خاني ۾ ويٺو.
ٿوريءَ رات گذرڻ کان پوءِ هو ڪلوير مڪان ۾، گهر نمبر ڇهين وٽ پهتا. جاورٽ لهي در ٺڪائي دربان کان گلي نارمنڊ جي پڇا ڪئي. هن چيو تہ هو هتي ٿو رهي. جاورٽ چيس تہ: "وڃي ٻڌائينس تہ تنهنجو پٽ، جو باغين سان گڏ ٿي وڙهيو، تنهن کي ڪٿي آيا آهيون." پيو پاڻ ننڊ ۾ هو، تنهن کي ڪين جاڳايائون. ڊيٽس ميريس کي لاهرايو ۽ هڪدم هڪڙي ڊاڪٽر ڏي ماڻهو موڪليائين. پوءِ جاورٽ جين وليجان کي پاڻ سان وٺي موڪلائي نڪري آيا، ۽ اچي وري گاڏيءَ تي چڙهيا.
اتي جين وليجان چيو تہ: "جاورٽ انسپيڪٽر، هڪڙي ٻي بہ مون تي مهرباني ڪر. پهرين مون سان منهنجي گهر هل. اتي ٿورو ڪر لاهٽو آهي، سو لاهي پوءِ توسان گڏجي ٿو هلان. پوءِ جيڏي وڻيئي اوڏي هل." جاورٽ اعتراض ڪو نہ آندو. گاڏيءَ واري کي چيائون تہ هوم آرمي واري گهٽيءَ ۾، گهر نمبر ستين تي هلي. گاڏي اتي هلي. جيستائين اتي پهتا، تيستائين هنن پاڻ ۾ ڪي بہ ڪين ڳالهايو. ٻيئي پنهنجن خيالن ۾ محو هئا. جڏهن گاڏي انهيءَ جي در وٽ اچي بيٺي، تڏهن هو ٻيئي لٿا. جاوٽ گاڏيءَ واري کي ڀاڙو ڏئي روانو ڪري ڇڏيو. جين در کڙڪايو تہ اندران دروازو کليو. جاو رٽ جين کي چيو تہ: "چڱو، آءٌ هتي بيٺو آهيان، تون وڃي گهران ڪر لاهي اچ."
جين وليجان هيٺينءَ جاءِ مان ٿي ڏاڪڻ تان مٿي چڙهيو. دريءَ مان منهن ڪڍي گهٽيءَ ۾ نظر ڪيائين. سرڪاري بتي پئي ٻري. جاورٽ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو، ڪنهن پاسي هليو ويو هو.
جاورٽ خيال ڪيو تہ هن مون سان ڀلائي ڪئي آهي، پر هڪڙي بدمعاش جو احسان هن کڻڻ نٿي گهريو. قاعدو پڇي هن سان ڀلائي ڪرڻ بہ هن نٿي گهري. انهيءَ خيال ۾ نڪري درياءَ جي ڪناري تي پسار ڪرڻ لڳو- سنت ٿي پري کان ڏٺائين تہ ڪو ماڻهو ڪٺان مٿان پاڻيءَ ۾ اچي ڪريو، ۽ پاڻيءَ جو آواز ٿيو.

# باب ايڪيهون

ميريس کي وجي هنڌ تي سمهاريائون. سگهو ئي ڊاڪٽر آيو. تنهن جاچي ڏٺو تہ هن جي نبض چڱي ڀلي هلي ۽ وات تي جيڪو رت لڳل اٿس، سو نڪ مان نڪتو اٿس، ۽ گولي، جا ڇاتيءَ تي لڳي هيس سا کيسي ۾ پيل پاڪيٽ بڪ تي لڳي، تيڙ کائي، پاسي ۾ زخم ڪري هلي وئي آهي، ۽ اهو زخم اونهون ۽ خوفناڪ ناهي. ضروري مرهم پٽي ڪري، سنئون سمهاري ڇڏيائينس. بيهوشي جيڪا هيس سا مٿي تي ڌڪ لڳڻ ڪري، جتي پڻ زخم هوس، ۽ گهڻي رت وهڻ ڪان بہ ساٽو ٿي پيو هو.

ميريس جي ماسي ڊاڪٽر وٽ حاضر هئي ۽ هن جو رت وهندو ڏسي، ڏاڍي بي آرام هئي. نانُس ڏينهن جو فسادن جي خبر ٻڌڻ ڪري ڏاڍي ڳڻتيءَ ۾ هو ۽ گهڻو هلاڪ ٿيو هو. تنهنڪري سوير سمهي پيو هو. منع ڪري ڇڏي هئائين تہ ڪيس ڪو بہ نہ جاڳائي، پر پوءِ پاڇيهي اٿيو ۽ اتي آيو. ميريس جو اهڙو حال ڏسي ڏکي ويو، ڇرين وانگي هن جو نالو وٺي سڏڻ لڳو. چوڻ لڳو تہ: "مري ويو آهي، مري ويو آهي. مون کان بيزار ٿي نڪري ويو، ۽ وڃي فساد ۾ شامل ٿي پاڻ کي مارايائين. رڳو مون کي سزا ڏيڻ لاءِ ائين ڪيو اٿس. اجهو ههڙي حال ۾ مئي کان پوءِ مون وٽ موٽي آيو آهي." انهيءَ طرح گهڻي وقت تائين ڇرين وانگي ڳالهائي ڳالهائي نيٺ ماٺ ڪيائين.

اتي ميريس بہ آهستي آهستي اکيون پٽيون. هن کي جيئرو ڏسي ٻڍو گلي نارمند ڏاڍو خوش ٿيو. هن کي ڏاڍو پيار ڏنائين ۽ پيار جي نالن سان سڏيائين. تنهن کان پوءِ هن تي مهربان رهندو آيو ۽ هن جي ڏاڍي سنڀال ڪندو هو. ڪيترن هفتن تائين تہ ميريس نہ مئن سان ڳڻ هو نہ جيئرن سان. زخمن ۽ هلاڪي جي ڪري تپ بہ اچي ٿيس. ڪڏهن ڪڏهن بيهوشيءَ ۾ بڪ بہ ڪندو هو ۽ وڦلندو بہ هو. نيٺ آهستي آهستي ٿي بهتر ٿيندو ويو، ۽ ڇئن مهينن کان پوءِ ڊاڪٽر چيو تہ هاڻ ڊپ ڪونہ اٿس، پر بيا بہ مهينا اجا بستر نشين رهندو.

جڏهانڪر ميريس هوش ۾ اچڻ لڳو، تڏهانڪر ڪاسيٽ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو خيال ڪونہ هوس. وڦلڻ ۾ هن جو نالو پيو وٺندو هو، پر جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن کان وٺي هن جو نالو وٺڻ بند ڪيائين. گهر جي ڀاتين سمجهيو تہ

هاڻ اها وسري ويئي اٿس پر ائين ڪين هو. سارو خيال انهيءَ بابت هوس. خبر نہ هيس تہ هوءَ ڪيڏي ويئي. اڳيون ڳالهيون ياد پئي پيس ۽ پانيائين ٿي تہ اهو سپ خواب هو. ڪا بہ خبر ڪانہ هيس تہ مون کي مرڻ کان ڪنهن بچايو، ۽ ڪير هتي ڪٺي آيو. گهر وارن رڳو ايترو ٻڌايس تہ رات جو ڪي ماڻهو گاڏيءَ ۾ آڻي ڪيس اتي ڇڏي ويا. پر انهن سپني خوابن ۽ خيالن ۾ هڪڙي ڳالهہ سندس دل ۾ صاف هئي، هن کي اميد هئي بلڪ پڪو ارادو هو تہ نيٽ ڪاسيٽ کي ڳولي لهندس. نانس دلاسو ڏيندو هوس تہ جنهن سان تنهنجي دل آهي، تنهن سان شادي ڪندين. هن کي اهي ڳالهيون ٻڌي حيرت لڳندي هئي. نانس چوندو هو تہ: ”هن جي بہ توسان دل آهي – هوءَ بہ ڏهاڙي هڪڙي ٻڍي ماڻهوءَ جي صورت ۾ تنهنجي خير عافيت پڇڻ ايندي آهي. مون پڇا ڪئي آهي. هوءَ هوم آرمي واريءَ گهٽيءَ ۾، گهر نمبر ستين ۾ ٿي رهي. اها نيٺ توکي ملندي، دلجاءِ ڪر! انهيءَ جي خاطر تون مون کي پيار نہ ڪندو هئين. هاڻ پلي انهيءَ سان شادي ڪري خوش ٿيءُ.“

اهڙن پيار جي لفظن سان هن ميريس کي پاڪر پاتا ۽ چميون ڏنائينس. ميريس بہ پيار ڏيکاريس ۽ خاطري ڏنائينس تہ: ”نانا، منهنجو پيءُ بہ تون آهين، نانو بہ تون آهين. تون منهنجي اهڙي سنڀال نہ ڪندين تہ ٻيو ڪير ڪندو!“ هي لفظ ٻڌي ٻڍو خوش ٿيو تہ هي هاڻ مون کي پيار ڪري ٿو ۽ ڌڪاري نٿو. آخر ميريس چوڻ لڳس تہ: ”نانا، هاڻ آءٌ بهتر ٿيو آهيان، مون کي اهو ماڻهو ڏيکاريو.“ نانس چيو تہ چڱو. سگهو ئي سپني گهر جي پاتين جي هوندي ڪاسيٽ ميريس جي جاءِ جي در مان لنگهي آئي، هو ڏاڍي پيار مان هڪبئي کي گڏيا. پنيانئس هڪڙو اڇن وارن وارو پير مرد لنگهي آيو. اهو هو فاشل ونٽ يعني جين وليجان. هو ڪپڙين گندين نهيل هو. انهيءَ جي ڪڇ ۾ هڪڙي ڳنڍڙي هئي. ائين پئي پانيو تہ ڪو ڪتاب جهوني ڪاغذ ۾ ويڙهيل اٿس. انهيءَ کي ڏسي ٻڍي گلي نارمنڊ چيس تہ: ”سائين، آءٌ پنهنجي ڏوهٽي ٻئرن ميريس پانٽمرسي جي لاءِ هن جوان زال جي ٻانهن ٿو گهران. مهرباني ڪري منهنجو عرض قبول ڪريو.“

ٻڍي ڪنڌ جهڪائي ڳالهہ قبول ڪئي. تڏهن گلي نار منڊ، ميريس ۽ ڪاسيٽ کي چيو تہ: ”هاڻ اوهان کي موڪل آهي تہ پاڻ ۾ ملو ۽ هڪبئي کي پيار ڪريو!“

انهيءَ حڪم هڏڻ تي هو پاڻ ۾ هڪٻئي سان پيار جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ڪاسيٽ چيس تہ: "خدا جا شڪرانا آهن جو مون توکي ڏٺو آهي. چار مهينا الائجي ڪيئن گذريا آهن، مون توکي ڇا ڪيو هو جو تون وچي لڙائيءَ ۾ شامل ٿئين؟" هن ورندي ڏني تہ: "تون منهنجي لاءِ ملائڪ آهين، جيئن چوندينءَ تيئن ڪندس."

ٻئي ڏينهن نارمنڊ بہ ڪاسيٽ جي تعريف ڪرڻ لڳو. ڊيءَ کي چيائين تہ: "هيءَ ڇوڪري مون کي ڏاڍي وڻي ٿي. تون بہ پيار ڪندي رهجئينس. هينئر تہ فقط هڪڙي ٻڍڙي جي زال آهي، پر آءٌ پانيان ٿو تہ اچا وڏي درجي کي پهچندي. پر افسوس آهي تہ منهنجي اڌ ملڪيت اڳئي سالياني لوازمن ۾ ڏنل آهي. جيسين آءٌ جيئرو آهيان، تيسين حرڪت ڪانهي، پر پوءِ سو اوهان کي ڪي بہ ڪين بچندو."

اتي جين وليجان، جو هيستائين ماٺ ڪيو ويٺو هو، تنهن چيو تہ "منهنجي ڊيءَ وٽ ڇهہ لک رپيا آهن. ائين چئي، جيڪو ڪتاب ڪڇ ۾ هئس، سو ڪڍي ميز تي رکي کوليائين. اهي ڇهہ لکن جا نوٽ هئا. جهڙو گلي نارمنڊ تهڙي سندس ڊيءَ، ٻئي حيران ٿي ويا.

پڙهندڙن سهي ڪيو هوندو تہ جين وليجان جمپٽو واري خساري کان پوءِ پيچي پئرس آيو هو، ۽ اتي بئنڪ ۾ جيڪي پئسا رکيل هئس، سي ڪڍرايائين. اهي پئسا ايم سرائيم جي ڪارخاني مان مڻيلين جي نالي هيٺ ڪمايا هئائين. اهي پئسا هن مانٽفرميل جي ٻيلي ۾ ڪٽي وچي پوريا هئا، جو ڊپ هوس تہ متان وري جهلجي پوان. ڪل ڇهہ لکن ۽ ٽيهن هزارن جا نوٽ هئا ۽ هڪڙي صندوقڙيءَ ۾ بند ٿيل هئا. انهيءَ کي گهم ۽ اڏوهيءَ کان بچائڻ لاءِ وري ٻي هڪڙي پيشيءَ ۾ رکيائين، جنهن ۾ پادريءَ واريون شمعن جون بتيون بہ رکيائين، جن کي ساهہ سان سانڍيندو وتيو. هاڻ اهي وچي اتان ڪڍي آيو هو، ۽ ڪاسيٽ کي ڏاج ۾ ڪري ڏنائين.

شاديءَ جي تياري ٿيڻ لڳي. ڊاڪٽر جي صلاح ورتائون. تنهن چيو تہ مهيني - ڏيڊ کان پوءِ ڪبي تہ حرڪت ڪانهي. اهو عرصو انهن ٻنهي محبت وارن ڏاڍيءَ خوشيءَ ۾ گذاريو. ڄاتائون ٿي تہ اسين زمين تي ناهيون، بهشت ۾ آهيون. جين وليجان عقل جي تجويز ڪري ڪاسيٽ جي حالت بهتر ڪرائي. جي هن جو اصل نسل ظاهر ڪري ها تہ ڪاسيٽ پاڻ بہ شرمندي ٿئي ها ۽ هڪڙي جوان ٻڍڙن يا

امير جي زال تني کين سگهي ها ۽ اهڙي شادي بہ تني کين سگهي ها. هوءَ سندس ڌيءَ نہ هئي پر ٻئي فاشل ونٽ جي ڌيءَ جي نالي سان پڪپس جي مڙهيءَ ۾ داخل ٿي هئي. يوفريسي پنهنجو نالو ڏنو هئائين ۽ فاشل ونٽ انهي مڙهيءَ جو باغائي هو، جنهن جو جين وليجان پاڻ کي ڀاءُ سڏايو هو. جڏهن مڙهيءَ مان نڪتا، تڏهن ڪاسيٽ کي انهيءَ نالي جو قانون موجب سرٽيفڪيٽ وٺي ڏنو هئائين، جنهن ۾ ڊيڪاريل هو تہ هوءَ يتيم ڇوڪري آهي، ۽ پيءُ - ماءُ مري ويا اٿس. جين وليجان پاڻ کي فاشل ونٽ جي نالي انهيءَ يتيم ڇوڪريءَ جو سنڀاليندڙ ڇورايو هو، ۽ هاڻ گلي نارمنڊ انهيءَ جو ٻيو سنڀاليندڙ مقرر ٿيو. اهي پئسا قانوني ڪاغذن ۾ ڪنهن گمنام فوتي مائٽ جي ميراث ڏيکاري وئي هئي. اهي هن کي بالغ ٿيڻ تي ۽ شادي ڪرڻ تي ملڻا هئا.

ڪاسيٽ کي پهريون ڀيرو معلوم ٿيو تہ هوءَ هن فاشل ونٽ جي ڌيءُ نہ هئي، پر ٻئي فاشل ونٽ جي، هي سندس مائٽ هو، جنهن سندس سنڀال ٿي ڪئي. انهيءَ خبر جو معلوم هئڻ ڪري هن کي گهڻو ڏک ٿيو، جو هميشہ هوءَ هن کي پيءُ وانگي پيار ڪندي هئي. پر هاڻ ميريس جي خوشيءَ ۾ اهو ڏک لهي ويس. انهيءَ هوندي پوءِ بہ هوءَ جين کي بابو ڪري سڏيندي آئي.

ميريس جي ماسي بہ دولتمند زال هئي، تنهن بہ پنهنجو ورثو هن جوان مڙس ۽ زال کي لکي ڏنو، جن کي ڪيل شرط موجب اتي رهڻو هو. ٻڍي پنهنجي گهر جو ڀاڱو هنن کي رهڻ لاءِ ڏنو، جنهن ۾ عمدو سامان پيل هو ۽ ٻيو تازو آڻي وڌائون. ميريس کي ٻڍي فاشل ونٽ جون گذريل ڳالهيون ياد پونديون هيون تہ چاڻندو هو تہ اڳي ڏاڍو سخت هو، هو برو هو ۽ هاڻ انهيءَ جي برخلاف نهايت نرمدل ماڻهو آهي. ميريس کي انهيءَ خوشيءَ جي وقت ۾ بہ ٻن ماڻهن جي هٿ ڪرڻ جو انتظار رهندو هو، جن کي پنهنجي شاديءَ ۾ حاضر ڪرڻ جو گهڻو شوق رهندو هوس. هڪڙو ٿينارڊيئر جو، جنهن پٽس سان ڀلائي ڪئي هئي ۽ ٻيو اهو نيڪ نيت خيرخواهہ جنهن کيس زخميل ۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڪٺي نانس جي گهر آندو. ٿيناردِيئر تہ مشهور چور بدمعاش هو، پر تڏهن بہ ميريس جي نظر ۾ چڱو هو. انهيءَ جي هٿ ڪرڻ لاءِ ميريس گهڻا متا هنيا، پر اهو هٿ نہ آيس ۽ آخر انهيءَ جو آسرو لاهي ويهي رهيو. باقي کيس ڪٺي آڻيندڙ واري لاءِ هن اها گاڏي هٿ ڪئي، جنهن ۾ اتي آيو هو. گاڏيءَ واري چيو تہ

انهيءَ رات هڪڙي پوليس انسپيڪٽر ڪيس سڏي، گاڏي پاڙي تي ڪٺي هئي. جنهن درياءَ جي ڪناري واري زير زمين جي وڏي نل جي منهن وٽان، هڪڙي ماڻهوءَ کي گرفتار ڪري ساڻ ڪنيو. جنهن هڪڙي ٻئي ماڻهوءَ کي نل مان ڪڍيو هو. گاڏيءَ واري سڄاتو ته اهو مئل ماڻهو ميريس هو. باقي هنن ٻن ماڻهن جي نالي چيائين ته: "هو ٻيئي هڪڙي هنڌ گاڏي بيهاري لهي پيا، ۽ انسپيڪٽر مون کي پاڙو ڏئي روانو ڪيو."

ميريس خود کي ته ڪا به خبر ڪا نه هئي. جو هوٽل ۾ ڏڪ لڳڻ ڪري بيهوش ٿي ڪِري پيو هو. پوءِ ڪنهن اُتان ڪنيو، تنهن جو هو پاڻ ڳولائو هو. پوليس آفيس مان به پڇا ڪرايائين، پر اتان به خبر ڪانه پيس. نانس جي دربان رڳو ايترو چيو ته اهو ماڻهو خوفناڪ شڪل ۾ هو. ميريس کي انهي ماڻهوءَ جي نالي نشان معلوم ڪرڻ جو اهڙو شوق هو، جو هڪڙي پيري خود جين وليجان جي اڳيان چيائين ته: "آءٌ جيڪر اهي ملين لک ۽ هزار رپيا انعام ڏئي به انهي ماڻهوءَ کي هٿ ڪريان، جنهن فقط مون کي بچائڻ ۽ سڪٽي ڪرڻ جي لاءِ مفت ايتري تڪليف ورتي، هو ضرور نيڪ، خلق جو خيرخواهه ۽ ٻين کي فيض رسائيندڙ ماڻهو هوندو." پر جين وليجان، جنهن جي انهيءَ نالي نشان، ۽ ٿينارڊيئر جهڙي اصل نامي گرامي بدمعاش هٿان جي اتي ڪنهن کي خبر ڪا نه هئي، تنهن ماٺ ڪيو پئي ٻڌو، پر ڪڇيو ڪي به ڪين ٿي.

نيٺ شاديءَ جو نهرايل ڏينهن آيو ۽ شادي ٿي. ڪهڙا خوشيءَ جا بندوبست ٿيا ۽ ڳهوٽ ڪنوار ڪيئن خوشيءَ ڪان ڪپڙن ۾ ٺي نٺي ماپيا، تنهن جو بيان ڪرڻ اجايو آهي. جين وليجان گلي نارمنڊ جي روبرو ميريس کي ڇهه لک رپين جا نوٽ ڏنا. ٻڍيءَ نوڪرياڻيءَ جي جين وليجان کي ته هاڻ ڳهرج ڪا نه هئي، تنهن کي ڪاسيٽ پنهنجي خدمتگار ڪري رکيو. جين وليجان جي لاءِ هڪڙي عمدي جاءِ، مناسب سامان وجهي تيار ڪري ڇڏيائون. جتي هو رهندو هو ۽ جتي ڪيس ڪاسيٽ اوير سوير پئي ملندي هئي، ۽ خدمت چاڪري ڪندي هئي.

ديول ۾ دستور موجب جيڪو انهن جو نڪاح پڙهيو ويو ۽ جيڪي شاهديون رجسٽر ۾ وڌيون ويون، تن ۾ جين وليجان شاهديءَ لاءِ صحيح وجهي نه سگهيو، جو انهيءَ ڏينهن صبح جو سندس سڄي هٿ کي ڪو زخم رسيو هو ۽ هن انهيءَ کي پولٽس ٻڌي ڇڏيو هو. گاڏين ۾ چڙهي ديول تائين ويا ۽ وري موٽي آيا. وجڻ وقت

دستور موجب گھوٽ ٻي گاڏيءَ ۾ هو. ۽ ڪنوار سان گڏ ميريس جي ماسي، نانو ۽ جين وليجان هئا. ۽ موٽندي ميريس پنهنجي ڪنوار سان گڏ وينو ۽ ماسيس ڏار ٻيءَ گاڏيءَ ۾ ويٺي- شاديءَ کان پوءِ هو وڏي دعوت جي تياري ڪرڻ لڳا. ٻڌي گلينارمنڊ ۽ جين وليجان يا فاشل ونٽ جي لاءِ ٻه وڏيون ڪرسيون رکيون ويون هيون. جڏهن ماني رکي ويا ۽ ڪائڻ وارن کي سڏ ٿيو. تڏهن سڀ اچي پنهنجون جايون وٺي ويهي رهيا. گلي نارمنڊ جي پاسي واري وڏي ڪرسي، جنهن تي فاشل ونٽ ويهڻو هو، سا خالي ڏسڻ ۾ آئي. هيڏي هوڏي ڳوليائونس، پر نہ لڌو. هڪڙي نوڪر ظاهر ڪيو تہ: "فاشل ونٽ صاحب اڳهڻو مون کي چيو هو تہ منهنجو هٿ ٿو سور ڪري، آءٌ ماني کائي ڪين سگهندس. آءٌ ڪيڏي وڃان ٿو، سڀاڻي آءٌ وري ايندس. تيسين سيني کي چئجين تہ مون کي معاف ڪن."

جيتوڻيڪ فاشل ونٽ، جو ڪنوار جي پيءُ جي جاءِ هو، تنهن جي غير حاضريءَ ڪري خوشيءَ ۾ البت خندق ٿيو، تہ بہ مانيءَ جو وقت خير ۽ خوشيءَ سان گذريو.

هاڻ ڏسون تہ جين وليجان ڪيڏي ويو هو. هو اتان نڪري پنهنجي گهر آيو. گهر سڄو خالي هو. پنهنجي جاءِ ۾ آيو ۽ رات هئڻ ڪري بتي ٻاري رکيائين. پوءِ ڪنجي کڻي پنهنجو ٿيلهو کوليائين، جنهن سميت پهرين اٺ مهينا اڳي اتي اچي رهيو هو. انهيءَ مان ڪاسيٽ جا اصلوڪا غريباڻا ڪپڙا ڪڍيائين، جن ڪپڙن ۾ ڏهہ ورهيہ اڳي مانٽفرميل مان ساٿس نڪتي هئي ۽ جڏهن اجا ننڍڙي ڇوڪري هئي. ڪپڙن سان گڏ سندس ننڍڙي جُتي، جوراب، ٽوپي ۽ رومال بہ هو. اهي سڀ ڪارا ۽ سادا هئا. انهن کي ڏسي اڪيلائي ۾ ننڍڙي ٻار وانگي سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. اهو خيال ڪري خوش ٿيو تہ مون ڪاسيٽ کي پالي وڏو ڪيو ۽ پڙهايو. هاڻ هوءَ هڪڙي ٻڙن جي زال آهي. دولتمند ۽ آسودي آهي. هينئر هوءَ پنهنجي مڙس سان خوش آهي، مون کان انهيءَ جي ڳڻتي وڏيڪ رهنديس. اهو سوچي، هن فيصلو ڪيو تہ هاڻي ماٺ ڪري گنگو ٿي ڪين گذاريو. تنهن کان سواءِ هنن کي اها خبر ڪانهي تہ آءٌ ڪو وڏو چور ۽ بدمعاش شمار ٿيل آهيان، ۽ پوليس منهنجي پنيان آهي. جي مون ڪي هنن جي گهر اچي پڪڙين تہ ڏاڍا ڦڪا ٿيندا، ۽ سندن بدنامي ٿيندي. ساري رات انهيءَ بابت ئي خيال پچايائين.

# باب ٻاويهون

شاديءَ جي رات گذري ٻيو ڏينهن ٿيو. گهر جا ڀاتي جي ساري رات جاڳيا هئا، سي ٻئي ڏينهن ٻنپهرن ڌاري مس اٿيا. نوڪرياڻي اڳيري اٿي هئي، تنهن جاءِ جو سامان ڀئي صفا ڪيو تہ در کڙڪيو ۽ فاشل ونٽ اندر لنگهي آيو. پڇيائين تہ: "ٻئرن پانٽمرسي جاڳي ٿو يا نہ؟" نوڪرياڻي چيو تہ: "آءٌ وڃي ٿي ڏسان ۽ ٻڌايانس." جين وليجان چيس تہ: "منهنجو نالو نہ ونجئين چئجئين تہ ڪو ماڻهو تو کي ڏسڻ ٿو گهري." هوءَ ويئي، تيستائين جين انهيءَ ساڳيءَ جاءِ تي بيٺو رهيو. رات جو ننڊ نہ آئي هيس. تنهنڪري اکين ۾ ڪڏون پئجي ويون هيس. سگهو ئي ميريس لنگهي آيو ۽ ڪينڪاري چيائينس تہ: "اوهين سوير آيا آهيو اجا، سادا ٻارهن مس ٿيا آهن. ڪاسيٽ تہ اجا ستي پئي آهي. رات اوهين مانيءَ تي حاضر نہ هئا تنهنڪري سيني کي ارمان هو. هينئر اوهان جو هٿ ڪيئن آهي؟" هن چيو تہ: "هاڻ بهتر آهي." وري چيائينس تہ: "اوهان جي بابت اسان پاڻ ۾ ذڪر ڪيو هو. اوهان جي جاءِ هتي خلاصي آهي، اڳتي اصل رهو ٿي هتي. ٻئي ڪنهن هنڌ مسواڙ جي جاءِ رکڻ جوڳهڙو ضرور آهي. ناني کي بہ اوهان جي صحبت موهي وڌو آهي. انهيءَ سان ڪجهہ وقت گذاريو. جڏهن آءٌ ڪورٽن ڏي وڃان، تڏهن ڪاسيٽ کي ڪنهن پاسي هوا کائڻ لاءِ وٺي ويندا وڃو. پلا اڄ تہ ماني اسان وٽ کائيندؤ؟"

جين وليجان چيس تہ: "سائين مون کي هڪڙي ڳالهہ اوهان کي ٻڌائڻي آهي. آءٌ اڳ سزا کاڌل ۽ وڏي قيد مان نڪتل آهيان." فاشل ونٽ جي واتان اهي لفظ ٻڌي، ميريس جي اکين اڳيان اونداهي اچي ويئي. پانئيائين تہ برابر ڪين ٻڌو اٿم يا ٻوڙو ٿيو آهيان. ايتري ۾ جين وليجان هٿ تي ٻڌل پٽي کولي چيس تہ: "ڏسو، منهنجو هٿ زخميل ناهي، چڱو ڀلو آهي. مون بهانو ڪيو هو تہ آءٌ غير حاضر رهان ۽ شاديءَ جي رجسٽر تي ڪوڙي صحيح نہ وجهان، جنهنڪري متان ڪڏهن نڪاح ناجائز ٿي پوي." ميريس چيو تہ: "منهنجو تہ مغز ٿو ڦري، آءٌ سمجهي نٿو سگهان. جين وليجان چيو تہ: "حقيقت هيءَ آهي تہ چوري ۽ ڦرجي ڏوهہ ۾ آءٌ اوڻيهہ ورهيہ ٽولون جي وڏي جبل ۾ هوس. وري ٻئي ڀيري چوري ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ جنم قيد مليم. اتان ڀڄي نڪتس ۽ هاڻ آءٌ ڀڳل

۽ اشتهاري قيدي آهيان. ”جيتوٽيڪ ميريس کي انهيءَ ڳالهه تي اعتبار نٿي آيو، تڏهن به سچ نيٺ سچ ٿو ٿئي، خيال ۾ اچڻ لڳس ته انهيءَ مان سندس لاءِ آئيندي جي ڪيتري خرابي نظر ٿي آئي. چوڻ لڳس ته: ”جيڪي چوٽو اتوَ سو سڀ چئو-.اوهين ڪاسيٽ جا پيءُ آهيو. جين وليجان چيو ته جيتوٽيڪ اسان جهڙا ماڻهو قسم کڻڻ ۽ ويساهه ڪرڻ جا لائق نه آهن، تڏهن به اوهان کي منهنجي ڳالهه تي پت ڪرڻ گهرجي. آءٌ هرگز ڪاسيٽ جو پيءُ ناهيان، خدا مٿان ڏسڻ وارو آهي ته آءٌ هاري ماڻهو آهيان. ۽ وڻ چانگي گذران ڪندو هوس. منهنجو نالو فاشل ونٽ ناهي، پر جين وليجان آهي.“ ڪاسيٽ جو آءٌ ڪي به ڪين ٿيان. انهيءَ جي پڪ ڇاڻو. ”ميريس کي هن جي منهن ڏسڻ سان يقين ٿيو ته سچ ٿو ڳالهائي. جين وري چوڻ لڳو ته: ”ڪاسيٽ سان منهنجو هيترو واسطو آهي: هوءَ ڇوري هئي. پيءُ ماءُ ڪو نه هوس، مون پالي وڏي ڪيس. انهيءَ ڪري آءٌ هن کي پيءُ وانگي پيار ٿو ڪريان، نه ته ڏهه ورهيه اڳي آءٌ هن کي سڃاڻندو به ڪين هوس. هاڻ منهنجو هن سان واسطو ٽٽو. هاڻ هوءَ اوهان جي ٿي. باقي اهي ڇهه لک رپيا مون وٽ امانت هئا، سي مون پهچائي ڏنا. مون مناسب ڄاتو ته اوهان کي منهنجي سچي حال جي خبر پوي. ميريس ٿوري حيرانيءَ کان پوءِ هن کي چيو ته اها ڳالهه اوهين مون سان چو ٿا ڪريو؟ اوهان کي ڪنهن زور ته ڪو نه ڪيو آهي. چو نه اها پنهنجي دل ۾ رکيو اچو ها؟“ هن چيو ته برابر مون کي ٻئي ڪنهن زور ڪو نه ڪيو آهي، پر منهنجو اندر مون کي زور ڪري ٿو ته اها ڳالهه لڪاءِ نه. جيڪا سچي ڳالهه آهي سا ظاهر ڪر. ڪوڙ ۽ ٺڳي نه ڪر. اندر جي ڇڪن کان ڇٽڻ لاءِ ائين ٿو ڪريان. جيتوٽيڪ اصل آءٌ قيدي آهيان، ته به هاڻ ايماندار آهيان ۽ اندر جي قاضيءَ جو تابعدار آهيان. ڪوڙ ۽ ٺڳي ڪرڻ کان نقصان ۽ سزا سهڻ بهتر آهي. پنهنجي فائدي لاءِ ٻين کي نقصان ۾ وجهان. ڪوڙي نالي هيٺ اوهان سان گڏ رهندي ڪڏهن جهلجي پوان، ته پوءِ اوهين به بدنام ۽ آءٌ به شرمندو. تنهن کان ڀلي ته اوهين سڀ خوش رهو، باقي آءٌ پنهنجا ٿورا حياتيءَ جا ڏينهن ڪيئن به گذاري ويندس، پر اندر جي ڇڪن کان آزاد هوندس.“

ميريس ڏٺو ته هي شخص اصل ۾ ڪٽي ڪير به هو، پر هاڻ ته بلڪل ايماندار ۽ سچو، خداترس ۽ خداپرست ماڻهو آهي! پنهنجي ڀلي کان ٻين جي

وڏيڪ گهٽي ڳٽتي اٿس، تنهنڪري هن کي پاڻ گهٽي تعظيم جو لائق سمجهيائين. چوڻ لڳس، ته اوهين هتي رهڻ سان ڪنهن جو به ڊپ ڪونه رکو. ناني جي معرفت اسان جي هلندي پڄندي گهٽي آهي. آفيسرن کان اوهان کي معافي وٺائي ڏئي سگهندو." جين وليجان ورندي ڏني ته: "انهيءَ معافيءَ جي ضرورت بلڪل ڪانهي، ڇا لاءِ جو سرڪار کي توڙي خلق کي خبر آهي ته آءٌ مري ويو آهيان. جيئرو ناهيان. اهو موت به منهنجي لاءِ پوري معافي آهي، پر مون کي پنهنجي اندر جي معافي گهرجي."

ائين ڪندي اوچتو پاسي واريءَ جاءِ جو در پٽيو، ۽ ڪاسيٽ لنگهي آئي. تازي ننڊ مان اٿي هئي. پيءُ کي ڏسي سلام ڪري وٺس آئي ۽ سندس شڪل ڏسي، ڊڄي چوڻ لڳي ته: "بابا، چو اهڙي صورت ۾ حيران ۽ پريشان بيٺا آهيو. ننڊ ڪا نه ڪئي اٿوَ ڇا؟ هٿ سور تو ڪريوَ ڇا؟ چو مون کي پيار ڪو نه تا ڪريو؟" ائين چئي وڃي هن کي ڀاڪر وڌائين، ۽ هن پيشانيءَ تي چميون ڏنيس. پوءِ موڪلائي هلي ويئي ۽ چيائين ته: "آءٌ وڃي ڪپڙا ڪري ناني کي وٺي ٿي اچان ته اهو اچي حقيقت معلوم ڪري ته ڪهڙيون خوف جهڙيون ڳالهيون پيا ڪريو. جنهنڪري اوهان پنهي جو چهرو ئي ذردو ٿي ويو آهي؟"

ڪاسيٽ جي وڃڻ کان پوءِ ميريس جين وليجان جو ارادو ڏسي، هن کي منع ڪئي ته: "پلائي ڪري اها ڳالهه ڪاسيٽ سان نه ڪجئُ، ۽ نه ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان. اهو ڳجهه مون وٽ قابو هوندو ۽ انهيءَ جو آءٌ ڪنهن سان به ذڪر ڪين ڪندس. باقي پئسن امانت رکڻ ۽ صحيح سلامت پهچائڻ ۾ جيڪا سچائي ۽ ايمانداري اوهان ڏيکاري آهي، تنهن جو انعام اوهان کي ضرور ملڻ گهرجي. اهو جيڪو اوهان نهرائيندؤ اهو ڏبو." پر جين وليجان سندس شڪر گذاري ڪري ڪانئس موڪلايو. ميريس جي زور ڪرڻ تي انجام ڪيائين ته اڳتي رات جي وقت اچي ڪاسيٽ کي ڏسيو پيو ويندو. ائين چئي موڪلائي هليو ويو. شاديءَ جي خوشيءَ کان پوءِ، هن نئين ڳالهه معلوم ڪرڻ ڪري هن جو اهڙو حال هو، جهڙو ڪبوترن جي آکيري ۾ وچونءَ ڏسڻ ڪري ٿيندو آهي- دل ۾ اهڙو ڪنبو پئي ڇپيس.

ٻئي ڏينهن سچ لٿي کان پوءِ، جين وليجان وري اتي آيو. نوڪر در پٽي ڏنس ۽ مٿي نيڻ جي ڪيائينس، پر هن چيس ته: "آءٌ هيٺ تو ترسان تون گهر

جي ڏياڻيءَ کي، يعني ڪاسيٽ کي وڃي خبر ڏي.“ جهٽ ۾ هوءَ آئي، ۽ بيئي بخاري جي پرسان ڪرسيون وجهي ويهي رهيا. پهرين ڪاسيٽ زور ڪيس ته مٿي هلي ملاقات واري جاءِ ۾ ويهي، پر هن اتي ترسڻ پسند نه ڪيو. پوءِ آهستي ڳالهه ڇوريائين ۽ ڪاسيٽ کي چوڻ لڳو ته: ”بابا، اڳتي مون کي بابا، بابا ڪري نه سڏيندي وڃ، مون کي جين ڪري سڏيندي وڃ، جو منهنجو سچو نالو اهو آهي.“ ڪاسيٽ حيران ٿي پڇيو ته: ”انهيءَ جو سبب ڪهڙو، ۽ مطلب ڇا آهي؟“ هن چيو ته: ”جڏهن تون ٻڌن پانٽمرسيءَ جي زال ٿينءَ، تڏهن جي مون به پنهنجو نالو ڦيرائي جين ڪيو ته ڇا ٿيو.“ تو ڪي هاڻ مڙس آهي، پيءُ جي هاڻ ڪا به گهرج ڪانهي. پوءِ هن کي پيار ڪري چيائين ته .هاڻ آءٌ ڪنهن پاسي وڃان ٿو، وري ٻئي وقت گڏباسين. ڪاسيٽ کي ڏک گهڻو ٿي ٿيو، پر لاچار هن کان پيار سان موڪلايائين ۽ پوءِ هو هليو ويو.

انهيءَ کان پوءِ ڪيترائي هفتا لنگهيا. ڪاسيٽ ڏاڍين خوشين ۾ وقت گذارڻ لڳي. مڙس جا عزيز خويش ملاقات لاءِ وٽس ايندا هئا، ۽ پاڻ مڙس سان گڏ انهن وٽ ويندي هئي. جين وليجان به هر روز شام جو اچي گڏبو هوس، پر رهندو اجا به هوم آرميءَ واري گهٽيءَ ۾ هو، جتي اڳي رهندو هو. ڪي ڏينهن انهيءَ طرح اچي اچي، پوءِ نه اچڻ لڳو. هنن نوڪر موڪلي پڇا ڪرائي. انهيءَ کي جين ورندي ڏني ته: ”ڪنهن ڪم هئڻ ڪري في الحال نٿواچي سگهان.“ پر حقيقت ڪري هو بيمار هو، ۽ روز بروز گهڻو بيمار ٿيندو ويو. جيڪا زال ماني جوڙي ڪارائيندي هيس، تنهن کي به انتظار ٿيڻ لڳو ته هُو نڪي گهڻو ڪائي ٿو نڪي پيئي ٿو، پيو آهي، نه پاڻ ڪيڏي وڃي ٿو نه ٻيو ڪو وٽس اچي ٿو. هفتو کن انهيءَ حال ۾ گذريو. جين ڏينهون ڏينهن ضعيف ۽ بيحال ٿيندو ويو- ساهه کڻڻ ۾ به مشڪلات ٿي معلوم ٿيس، ۽ نبض به ڏري پوندي ويس، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته معلوم ئي نه پئي ٿي.

هڪڙي ڏينهن اهڙيءَ ضعيفيءَ جي حال ۾ به همت ڪري اُٿي وينو. ڪپڙا ڍڪيائين، وڏو ڪوٽ پاتائين ۽ پنهنجو ٿيلهو آڻي انهيءَ مان ڪاسيٽ جا ڪپڙا جي سانديو وتندو هو، سي ڪڍي هنڌ تي رکيائين. پادريءَ واريون چانديءَ جون به شمعن جون بتيون به ڪڍي بخاري تي رکيائين، ۽ انهن ۾ وٽ وجهي ٻاريائين، جيتوڻيڪ ڏينهن هو. اهو سڀ ڪم هن اڪيلو، ويهي اتي

ساهيون ڪٽي ڪيو. آرسيءَ ۾ پنهنجي شڪل جا نظر پيس، سا سجاڳڻ ۾ ئي نہ آيس، ۽ تمام ضعيف ۽ بيحال ٿي ويو هو. آخر اتي ڪاغذ، قلم ۽ مس آڻي پاڻ وٽ رکيائين، ۽ پاڻ آرام ڪرسيءَ تي ويهندي ماندو ٿي ويو. جڏهن ساهہ پٽيائين ۽ پاڻيءَ جو ڍُڪ پريائين، تڏهن ڏڪندي هٿ سان ڪاغذ تي هيٺين لکيائين: "پياري ڪاسيٽ ۽ پيارا ميريس، اوهين شل سدائين خوش هجو. هڪٻئي کي محبت ڪندا رهجو. هيءُ ڪاغذ آءٌ لکي ڇڏي ٿو وڃان. پئسا جيڪي مون اوهان کي ڏنا آهن تن جي بنسبت ۾ مٽان اوهان کي شڪ گذري تہ چوريءَ يا ڦرمار جا آهن، ۽ مٽان انهيءَ ڪري ڪم نہ آڻيو. تنهن جي شڪ لاهڻ لاءِ لکان ٿو تہ اهي پئسا حق حلال جا آهن. مون ڪچ جي سامان جو ڪارخانو ڪڍيو هو اهو هنر مون پنهنجي خيال سان ڪڍيو هو ۽ انهن جي ناهڻ جو نسخو بہ پاڻ رٿيو هوم. اڃو مصالحو ناروي مان ٿو اچي، ڪارو انگلينڊ مان، ۽ مٽڪا جرمنيءَ مان تا اچن. اهو مصالحو البت مهانگو آهي، پر انهيءَ جھڙو هٽراڏو سستو مصالحو فرانس ۽ جرمني ۾ جُڙي ٿو: هڪڙو ننڍيو سنداڻ ۽ سپرٽ يا شراب جي جوهر جي بتي، لاک ۽ ميڻ جي پگھارڻ لاءِ ڪم ٿي اچي. انهيءَ سان وري ڙال ۽ ڏئي جي ڪارنهن يا ڪجل گڏجي ٿو. انهيءَ تي چار رپيا هڪ پائونڊ تور جي پنيان لڳن ٿا. پر مون اها ساڳي شيءَ لاک ۽ تاربين جي تيل گڏڻ سان ناهي، جنهن تي هڪڙو رپيو مس لڳو. انهن مان لوهہ جي تارن تي چوڙيون ۽ ہيوِن شيون جدا جدا رنگ جون ناهڻ لڳس. اهو مال اسپين ۽ ٻين ملڪن ڏي موڪليم، جو اتي اهو گھٽوکَٽو. انهيءَ مان مون گهڻا پئسا ڪمايا .لک گڏ ڪيم. اُهي سڀ پياري ڪاسيٽ تنهنجي لاءِ ڇڏيم. هاڻ آءٌ لکي نٿو سگهان. ايترو بہ ساهيون ڪٽي لکيو اٿم. هاڻ مون ۾ طاقت ڪانهي. منهنجو وقت پڄي آيو آهي، خدا کي پرتا آهيو. افسوس تہ وري اوهان کي ڪين گڏبس، اتي اوچتو سندس در کڙڪيو.

# باب ٽيويهون

انهيءَ ساڳئي ڏينهن شام جو، ميريس ماني کائي پنهنجي ڪتبخاني ۾ ٿي ويو تہ نوڪر هڪڙو خط آڻي ڏنس، ۽ چيائينس تہ: "انهيءَ خط جو لکندڙ ٻاڻ ٻاهر ورانڊي ۾ ويٺو آهي." ميريس کي خط مان تماڪ جي ٻاس پئي آئي. اکر بہ دل سان لڳيس. پڪ ٿيس تہ جانڊريٽ جا آهن. پڙهيائين تہ هيٺن لکيل هو: "بئرن صاحب، خدا چاهي ها تہ آءٌ بہ بئرن ٿينارڊيئر ٿي پوان ها، پر جيتوڻيڪ اهڙو ناهيان تڏهن بہ منهنجو نالو ڏسي اوهان کي منهنجي يادگيري ايندي. جي اوهين مون تي مهرباني ڪندؤ تہ آءٌ بہ اوهان تي ڪندس، جو مون کي هڪڙي ماڻهوءَ جي نسبت ۾ ڳجهيءَ ڳالهہ جي خبر آهي. اها ڳالهہ اوهان جي لاءِ ڪمائتي ۽ فائدي واري آهي. انهيءَ ڳالهہ کي معلوم ڪرڻ کانپوءِ اوهين انهيءَ ماڻهو کي پنهنجي گهران ڪڍي ڇڏيندؤ. حضور جي بيگم وڏي اصل نسل واري آهي، انهيءَ جو اهڙي بدمعاش سان ڪو بہ واسطو رهڻ نہ گهرجي. آءٌ ٻاهر ورانڊي ۾ ترسان ٿو- صحيح ٿينارڊيئر."

خط پڙهي ميريس کي پهرين حيرت لڳي، پر پوءِ خوشي ٿيس. خوشي اها ٿيس تہ جنهن ماڻهوءَ جي ڳولا ۾ هو ۽ جنهن پڻس جو ساهہ بچايو هو، سو پاڻهي وٽس اچي نڪتو. نوڪر کي حڪم ڪيائين، سو هن کي اندر وٺي آيو. انهيءَ ماڻهوءَ کي هن اڳي ڪڏهن بہ ڪو نہ ڏٺو هو. هو عمر جو پڪو هو ۽ مٿي جا وار سفيد هئس. شڪل خوفناڪ ۽ چورن جهڙي هيس. ڪوٽ جيڪو ميرو پيل هوس، سو ٿي اهڙو ڪشادو ۽ ڍڳهو هوس جو معلوم ٿي ٿيو تہ سندس ناهي، ڪنهن ٻئي جو آهي. شڪ پيس تہ هيءُ اُهو ناهي جو مون ٿي ڳوليو، هيءُ ڪو ٻيو ماڻهو آهي. هن کي ڏسي پڇيائينس تہ: "ڇا ٿو چوين؟" هن چيو تہ: "سائين، منهنجو عرض ٻڌو. آءٌ هن سڌريل ملڪ ۽ ملڪ جي ماڻهن کان بيزار آهيان. منهنجي مرضي آهي تہ آمريڪا جي ڪنهن جهنگلي ڀاڱي ۾ وڃي رهان. مون کي زال ۽ هڪڙي خوبصورت ڌيءُ آهي. مون وٽ هڪڙي ڳجهي ڳالهہ آهي، جا وڪڻڻ ٿو گهران ۽ انهيءَ جي ملهہ مان آمريڪا ڏي وڃڻ ٿو گهران.، هن پڇيس تہ "ٻڌاءِ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي؟" تڏهن چيائين تہ: "اوهان

جي گهر ۾ هڪڙو چور ۽ خوني آهي. اُهو نڳي ڪري پاڻ کي معتبر چوائي، اوهان جي خاندان سان گڏجي ويو آهي. انهيءَ جو سچو نالو جين وليجان آهي. اهو اڳي سزا ڪاٽل ۽ وڏو قيد ڪاٽيل آهي. جيڪو مون کي ڪجهه هٿ آيل آهي، انهيءَ جو بيگم صاحب جي مال ملڪيت سان واسطو آهي. اهو ڪجهه آءٌ سستو وڪڻڻ گهران ٿو- ويهه هزار رپيا.

ميريس گهُنڊ وجهي چيس ته: ”جيڪي ٻڌايئي تنهن جي مون کي اڳيئي خبر آهي ۽ جيڪو ڪجهه ٻڌائڻو اٿئي تنهن جي به مون کي اڳيئي سڌ آهي.“ اهو ٻڌي هن ماڻهوءَ کي البت چڙ لڳي، ۽ چوڻ لڳو ته: ”انهيءَ هوندي به آءٌ اچ هتي رهندس ۽ ماني ڪائيندس ۽ ويهه هزار رپيا وٺندس. منهنجو ڪجهه عجيب قسم جو آهي. اوهان کي انهيءَ جي ڪڏهن به خبر نه هوندي.“ ميريس چيو ته: ”انهيءَ جي مون کي خبر آهي،جيئن جين وليجان جي نالي جي مون کي خبر هئي. تو کي به سڃاڻان ٿو ته جانبريٽ جي نالي سان مانٽفرميل ۾ هوٽل رکندو هئين. اهابه خبر اٿم ته ٿيناردئير تون آهين ۽ چور بدمعاش به آهين.“

ائين چئي ميريس پنجن سوَن رپين جو هڪڙو نوٽ ڪڍي، هن کي اڇلائي ڏنو. ڏادي خوشيءَ سان جهٽ ڏئي هن اُهو ڪنيو. جيتوڻيڪ اڳي هڪبئي جا پاڙيسري هئا، پر تڏهن هڪبئي کي ڏٺو ڪين هئائون. هينئر ڏٺائين ته هن ڪيس پوريءَ طرح سڃاتو آهي. پنهنجي ڌيءُ اپونائن کي هڪڙي غريب، پر سخي پاڙيسريءَ جو ذڪر برابر ٻڌو هئائين ۽ انهيءَ ڏي خط به لکيو هئائين، پر هينئر هن کي اهڙو خيال ئي اچي نٿي سگهيو ته ڪو اهڙو ماڻهو بئرن پانٽمرسي هوندو. ديول ڏي ويندي هن ۽ سندس ڌيءَ جين وليجان، ميريس ۽ ڪاسيٽ کي ڏٺو هو، پوءِ ڌيءَ جي معرفت هن معلوم ڪيو ته اها ڪاسيٽ ڇوڪري فنٽائن جي ڌيءُ هئي، جا بي نڪاحي زال هئي ۽ هاڻ انهيءَ جين جي معرفت بئرن پانٽمرسي سان پرڻي آهي، تنهنڪري پانيائين ته انهيءَ ڪجهه جو هن کي دڙڪو ڏيئي منجهانئس ڪا رقم ڪيان، تنهنڪري اتي آيو هو.

ميريس چيس ته مون تو کي اڳيئي چيو: ”ته تنهنجي ڪجهه جي مون کي خبر آهي، ۽ مون کي خبر آهي ته اهو جين وليجان چور ۽ خوني آهي. چور هن ڪري جو مديلين وڏي ڪارخاني واري کي ڦري لٽي هن کي سڄو ڪري ڇڏيائين، ۽ خوني هن ڪري جو انسپيڪٽر جاورٽ کي ماري وڌائين“.

ٿيناردِيئر چيو تہ: ”سائين، آءٌ سمجهي نٿو سگهان.“ ميريس چيو تہ: ”ٻڌ، هڪڙو ماڻهو هو جو پهرين وڏي قيد خاني جو قيدي هو. پوءِ اتان ڀڄي نڪتو ۽ وڏي ڪارخاني وارو ٿيو ۽ غريبن مسڪينن سان ڏاڍيون ڀلايون ڪندو هو. پوءِ سرڪارهن کي ميئر يا مئجسٽريٽ ڪيو. ۽ ڏاڍو انصاف وارو هو. پوءِ ٻئي هڪڙي ڇٽل قيديءَ سجاٽي ورتس، تنهنڪري وري جهلجي پيو. انهيءَ ٻئي ڇٽل قيديءَ هن جي جهلجڻ جو وجهہ وٺي انهيءَ مدِيلين ميئر جا رکيل پئسا بئنڪ مان ڪوڙي صحيح ڏئي. جعلسازي ڪري ڪڍي ورتا. اهو پويون قيدي جين وليجان هو. باقي ٻي ڳالهہ تہ هن جاورٽ انسپيڪٽر کي ٽپاچي سان ماريو، تنهن جو تہ آءٌ پاڻ شاهد آهيان.“

ٿيناردِيئر کلي چيو تہ: ”ٻڌرن صاحب، معاف ڪجو. ائين ناهي- حقيقت ٻيءَ طرح آهي. نڪي جين وليجان مدِيلين کي ڦريو، نڪي هن انسپيڪٽر کي ماريو.“

ميريس چيو تہ: ”سو ڪيئن؟ انهيءَ جا دليل؟“ هن چيو تہ: ”پهريون دليل هيءُ آهي، تہ هن مدِيلين کي نہ ڦريو، ڇا لاءِ جو هوپاڻ مدِيلين هو. ٻيو هي تہ هن جاورٽ کي نہ ماريو، ڇا لاءِ جو جاورٽ پاڻ کي پاڻهي ماري وڌو.“

ميريس حيران ٿي پڇڻ لڳو تہ:”انهيءَ جي ثابتي ڪهڙي آهي؟“ هن ورندي ڏني تہ: جاورٽ وڏيءَ ڍنڍ ۾ هڪڙيءَ ٻيڙيءَ جي هيٺان ٻڏل ۽ مئل لڌو.“ ائين چئي ڪيسي مان بہ اخبارون ڪڍيائين. هڪڙي اها جنهن جو اشارو اسان مٿي ڏنو آهي جنهن ۾ ڏيڪاريل هو تہ ميئر مدِيلين ۽ جين وليجان ساڳيو هڪڙو ماڻهو هو. ٻي اخبار پوءِ جي هئي، جنهن ۾ لکيل هو تہ جاورٽ انسپيڪٽر فسادين وٽ جهلجي پيو هو ۽ انهيءَ کي هڪڙي فساديءَ آزاد ڪيو. جو مارڻ جي بدران هوا ۾ تمنچو ڇوڙي پنهنجن سنگتين کي خوش ڪيائين، ۽ هن تي بہ احسان ڪيائين. اهو بہ لکيل هو تہ جاورٽ اها ڳالهہ پاڻ پنهنجي بالا آفيسرن سان ڪئي هئي.

ميريس کي اخبارون ڏسي ۽ پڙهي خاطري ٿي تہ جيڪي هو چوي ٿو سو سچ آهي. خوشيءَ مان دانهن ڪري چيائين تہ: ”هي ڇا؟ هي ويچارو عجب جهڙو انسان هو. انسان نہ هو ملائڪ هو. هو پاڻ مدِيلين هو، جو ساري ڪارخاني جو بلڪ ساري ڳوٺ جو مالڪ. اهو ئي ميئر بہ هو ۽ اهو ٻيو ڪو نہ

هو جين وليجان هو! هو ڪو وڏو اولياءُ آهي، وڏو خدا پرست ماڻهو آهي؟"

ٽينارڊيئر چيو تہ: "نڪي هو اولياء آهي، نڪي خداپرست ماڻهو آهي. هو خوني آهي ۽ چور بدمعاش. ميريس چيو تہ: "سو ڪهڙيءَ طرح؟" هن چيو تہ: "بئرن صاحب، سال ڪن ٿيندو، جنهن ڏينهن شهر جي ماڻهن فساد ڪيو هو انهيءَ ڏينهن هڪڙو ماڻهو شهر جي زير زمين واري خراب پاڻيءَ جي وڏي نل ۾ گهڙيو ۽ سين نديءَ جي ويجهو جيڪو نل جو منهن آهي اتي آيو. اُهو آءٌ هئس، ڪنهن سبب جي ڪري نل ۾ گهڙيو هئس. نل جي درين جي ڪنجي مون سان هئي. مون هڪڙي ماڻهوءَ کي اوچتو ڏٺو جو هڪڙي بئي جوان ماڻهو کي ماري انهيءَ جا پئسا ڦري، انهيءَ جو لاش مٿي تي کڻي. دريءَ مان نڪري وڃي درياءَ ۾ ٿي اڇلايائين. جوان ماڻهوءَ جو رت پئي وهيو. هو ماڻهو ڏاڍو زبردست ۽ خوفناڪ هو. آءٌ وڃي هن سان گڏيس، پر ڊپ کان هن کي ڪجهہ چئي نہ ٿي سگهيس. هن منهن پاسي ڪيو تہ مون مئل ماڻهوءَ جي اندران پهراڻ جي دامن جو ٽڪر ڦاڙي ڪڍي ورتو. انهيءَ لاءِ تہ پوءِ انهيءَ خونيءَ تي ثابتي ڏيڻ سولي ٿئي. پوءِ هن کي دري پٽي ڏنيم. جو هن مون کي زور ڪيو. پوءِ هو نڪري ويو ۽ مون وري دري بند ڪري ڇڏي. اُهو چور بدمعاش، اهو جين وليجان هو ۽ اهو پهراڻ جي دامن جو ٽڪر اجهو هي آهي." ائين چئي کيسي مان هڪڙو ڦاٽل ڪاري ڪپڙي جو ٽڪر ڪڍيائين، ۽ ميريس کي ڏيکاريائين.

ميريس هيءَ ساري ڳالهہ ٻڌي، ۽ اڳڙيءَ جو ٽڪر ڏسي حيران ٿي ويو. ذري گهٽ بيهوش ٿيڻ تي هو. آخر اٿيو، ڪنجي ڪٽيءَ هڪڙو ڪبٽ کولي هڪڙو پهراڻ ڪڍيائين، جو رت سان ڀريل هو ۽ جنهن جو ٽڪر ڦاٽل هو. اهو ٽڪر انهيءَ ڦاٽل جاءِ تي رکي ڏنائين تہ ملي آيو، ۽ ساڳئي رنگ جو هو. تڏهن هن کي چيائين تہ: "اهو جوان ماڻهو آءٌ هوس ۽ اهو پهراڻ هي آهي."

# باب چوويھون

ٿينارديئر ھي ٻڌي اڌ - مئو ٿي ويو. ميريس کيسي ۾ ھٿ وجھي ھيو ھڪڙو پنجن سوَن رپين جو نوٽ ۽ ھزار رپين جو ھيو نوٽ ڪڍي، چڙ مان اڇلائي، ھُن جي منھن ۾ ھنيو، ۽ چيائينس تہ: "ھاڻ وٺ، ھي ويھہ ھزار، جي تون گھرين ٿو. تون تمام خراب، گلاخور ۽ ڪوڙو ماڻھو آھين. تو ھڪڙي نيڪ ۽ اشراف ماڻھوءَ کي چور بدمعاش ۽ خوني ثابت ڪرڻ ٿي گھريو، پر اُھو نيڪ ۽ اشراف ثابت ٿي پيو ۽ تون سچو پچو چور، بدمعاش ۽ خوني آھين. آءٌ توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان. تون ٿيناردِيئر جانبريٽ ھوٽل وارو آھين. تنھنجون گھٽيون بدمعاشيون مون کي معلوم آھن. جي چاھيان تہ توکي جھلائي سخت سزا ڏياري سگھان. پر واٽرلو واري ڳالھہ توکي بچائي ٿي. ھاڻ وڃ، وڃي انھن پئسن مان بھتر حياتي گذار ۽ سبق سک سياڻکي ڏينھن آمريڪا روانو ٿي ۽ پنھنجي ڌيءَ بہ وٺيو وڃ. تنھنجي زال جي خبر اَٿم تہ مري ويئي آھي."

ٿيناردِيئر ھيو ڪي بہ ڪين ڪڇيو باقي ڪنڌ جھڪائي، سلام ڪري، نوٽ کيسي ۾ وجھي نڪري ويو. انھيءَ کان بہ ڏينھن پوءِ اھو پنھنجي ڌيءَ وٺي ڪوڙي نالي سان آمريڪا ڏي روانو ٿيو. اتي پھچڻ کان پوءِ بہ جھڙو يورپ ۾ خراب ماڻھو ھو. اھڙو اتي ٿيو. انھن پئسن مان ٻانھن جو واپار شروع ڪيائين.

ٿيناردِيئر جي نڪرڻ شرط ميريس ڊوڙي زال وٽ آيو. ڪاسيٽ انھيءَ مھل باغ ۾ پئي گھمي. چيائينس تہ: "ڪاسيٽ! جلدي ڪر، ڪپڙا ڍڪ تيار ٿيءُ تہ ھلون. انھيءَ منھنجي حياتي بچائي ھئي، جلدي ڪر تہ دير نہ ٿئي." نوڪر کي موڪليائين سو ڀاڙي جي گاڏي وٺي آيو. ڪاسيٽ پھرين تہ حيران ٿي ويئي تہ ھي الائي ڇا ٿو چوي ۽ کھڙي تڪڙ ٿو ڪري. ھڪدم گاڏيءَ ۾ چڙھي ويٺا ۽ ھوم آرمي واري گھٽيءَ ۾ جين وليجان واري گھر نمبر ستين تي اچي بيٺا. ٻيئي خوش ھئا تہ اسين ھن کي ڏسنداسين ۽ خوشيءَ جي خبر ٻڌائينداسين. رستي ۾ ميريس ڪاسيٽ کي ٻڌايو تہ: "جيڪو خط مون توڏي گوروش جي ھٿان موڪليو ھو، سو شايد تنھنجي پيءُ جي ھٿ آيو. ھن مون کي بچائي تہ وٺ آڻ گھريو ۽ مون کي ڪني پاڻيءَ جي نل مان لنگھائي، ڏاڍيءَ مشڪلات سان گپ چڪن مان ڪڍي، ٻاھر آندائين. ھن کي ضرور زور ڪري وٺي پنھنجي گھر آڻي رھائينداسين، ۽ وري ڪنھن پاسي نہ ڇڏينداسين. آءٌ ساري عمر ھن کي تعظيم ڏيندس، ۽ ھن جي خدمت چاڪري ڪندس."

هي ٻيئي در ڪڙڪائي اندر لنگهي ويا. جين وليجان، جو آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو هو سو اُٿي ويٺو ۽ ڪاسيٽ ڊوڙي اچي ڀاڪر وڌس. جين تمام ضعيف هو، سو ڏاڍو خوش ٿيو. ڳالهائڻ جي طاقت ڪانه هيس. رڳو: "ڪاسيٽ - تون! خدا جو شڪرانو -" اهي لفظ چئي تي سگهيو. ميريس ته هن جو حال ڏسي روئندو اچي اڳيان گوڏا پيچي ويٺس. ان کي به ڏسي چوڻ لڳو ته: "تون به- مون کي معاف ڪندين نه؟" پوءِ جين وليجان بيهوشي جهڙيءَ حالت ۾ اچي ڳالهائڻ ۾ پيو. چوڻ لڳو ته: "پلي آيو - آءٌ بلڪل مرڻ تي هوس. ڪاسيٽ کي وري نه ڏسندس. هيءَ اجها تنهنجي ننڍي هوندي جي پوشاڪ. ٻئرن پانٽمرسي، تون مون کي معاف ڪندينءَ نه؟"

جهڙي ڪاسيٽ، تهڙو ميريس ٻنهي هن کي ڏاڍو پيار ڪيو ۽ ڏوراپا ڏنائونس ته چو اسان کي ڇڏي هليو وئين. ميريس خاطري ڏئي چيس ته "اوهان منهنجي حياتي بچائي، پاڻ کي تڪليف ۾ جوکي ۾ وڌو! اوهين مون کي معاف ڪريو. آءٌ توڙي منهنجي زال اوهان جا دل و جان سان شڪر گذار آهيون. اوهان ماڻهن سان ڀلايون پئي ڪيون، ماڻهن جون حياتيون پئي بچايون ۽ اُهي هنن کان پئي لڪايوَ ۽ انهن سان ڪا به ڳالهه نٿي ڪيوَ. پنهنجا سڀ عيب ظاهر پئي ڪيوَ ۽ ٻين کي تهمت کان پئي ڇڏايوَ ۽ ڪنهن جي به گلا ڪرڻ نٿي گهريوَ. اوهين پاڻ ميڊيلين هو. اوهان جاورٽ کي بچايو، اوهان مون کي بچايو، چو نه اوهان اهي ڳالهيون ظاهر ڪيون؟ اسين اوهان کي لحظو به هتي نه ڇڏينداسين ۽ نه پاڻ کان ڌار ڪنداسون. گاڏي اسان سان آهي، اوهان کي وٺي نينداسين، هلو."

جين وليجان هي سڀ ڳالهيون پئي ٻڌيون. وچ ۾ هڪ به لفظ نه پئي ڳالهايائين. هاڻ چوڻ لڳو ته: "منهنجو وقت نزديڪ آهي. اڄ کان پوءِ نڪي آءٌ هتي هوندس. نڪي اوهان وٽ هوندس. خدا جي جيڪا مرضي. انهيءَ گهڻي مهرباني ڪئي. انهيءَ ڪاسيٽ سان مون کي ملايو. هاڻ وڃان ٿو."

انهيءَ طرح ڳالهائيندي هو ڏرڪڻ لڳو. ڪاسيٽ سهي ڪيو ته هٿ سرد ٿيندا وڃنس. ميريس ۽ ڪاسيٽ ڏک ۾ ڊپ ۾ ڏڪڻ لڳا. هوءَ پيءَ جو ابتڙ حال ڏسي رڙيون ڪري روئڻ لڳي. اوچتو ڊاڪٽر به اچي نڪتو، جو جين وليجان جي دوا ڪندو هو. انهيءَ نبض ڏسي، ميرس کي پاسي تي نيئي چيو ته: "هو شايد اوهان جي لاءِ ترسيل هو. هينئر هن جو وقت پورو ٿيو آهي. اوهين تمام دير سان آيا آهيو."

ائين ڪندي، جين وليجان ٽپ ڏئي اٿيو، چڻ ته مئل ماڻهو اٿيو آهي. ڏاڍي همت سان اٿيو. هڪڙي هنڌ جاءِ ۾ صليب رکيل هو، انهيءَ کي وڃي چمي ڏنائين. پوءِ وڃي هنڌ تي ويٺو. ميريس ۽ ڪاسيٽ ڊوڙي ٽيڪ ڏنيس ته متان هلندي ڪري پوي. هنڌ تي ويهي چوڻ لڳو ته: "اوهين ٻيئي چڱا آهيو، شال خوش هجو! ٻئرن پانٽمرسي، اهي

پئسا حلال جا آهن. تنهنجي زال جو حق آهي، ڪَچ ناهڻ جو. مون نئون هنر ڪڍيو هو ۽ انهيءَ مان ڪمايا هئم. اهي حق حلال جا آهن ۽ ڪاسيٽ جا آهن."

پوءِ هو آهستي آهستي ڏرڪندو ويو ۽ سنئون تي ليٽي پيو. ستي پئي هنن کي چيائين ته: "منهنجي لاءِ گهڻو روئجو نه. مون کي وساري ڇڏجو. مون اوهان لاءِ ڪي به ڪين ڪيو آهي. ڪاسيٽ توڏي خط تي لکيم. اجهو هو پيو آهي، پڙهي ڏس. هو بخاري تي پادريءَ واريون چانديءَ جون بتيون آهن. انهن کي مون ساهه سان تي سانديو. انهيءَ پادريءَ مون کي جانور مان ماڻهو ڪيو. ٿينارديئر خراب ماڻهو هو، پر انهيءَ کي به معاف ڪرڻ گهرجي. ڪاسيٽ ٻڌ! تنهنجي ماءُ جو نالو فنٽائن هو. انهيءَ جي حق ۾ دعا گهرندي رهج. هن جو توسان حد کان وڌيڪ پيار هو. هن تنهنجي لاءِ گهڻا ڪشالا ڪڍيا ۽ سختيون سٺيون. هاڻ خدا کي پرتا آهيو. منهنجي زبان هلي نٿي سگهي. منهنجي اکين جي اڳيان انڌارو ايندو ٿو وڃي. اوري ٿيو ته اوهان تي هٿ رکان آءٌ وڃان ٿو، پر خوش وڃان ٿو - يا خدا!"

ميريس ۽ ڪاسيٽ ڊوڙي وڃي سندس هنڌ وٽ گوڏا پيجي ويٺا. هن پنهنجو هٿ هنن جي پنيءَ تي گهمايو، ۽ پوءِ هٿ ڪٽي سنوا ڪيائين، ۽ اکيون بند ڪيائين. انهن بن ٻرندڙ شمعن جي روشنائي سندس منهن تي پئي پَئي. ائين ئي هن دم ڏنو، ۽ هو ٻيئي سڏڪا ڀري روئڻ ۽ رڙڻ لڳا. جين وليجان جو روح ملائڪن وانگي آسمان ڏي اڏامي ويو، ۽ هو زمين تي رهجي ويا.

پئرس جي قبرستان جي هڪڙي پاسي ۾، جتي غريبن مسڪينن جون قبرون آهن، اتي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾، هڪڙي وڏي وڻ هيٺ، گاهه سان ڍڪيل هڪڙو پهڻ ڏسڻ ۾ ايندو. اُهو هڪڙيءَ پراڻيءَ قبر جو نشان آهي. جهونائيءَ ڪري انهيءَ تي سينور چڙهي ويو آهي، نڪو انهيءَ تي ڪو اچي، نڪو ڪو انهيءَ تي گل وجهي. جڏهن ڪو اُس جو ترڪو انهيءَ تي پوي، تڏهن ڪي ڪرڙيون ۽ سانديون اچي ويهنديون آهن. مٿان وڻ تي سوين ننڍڙا پکي ويهي مٺيون ٻوليون ٻوليندا آهن. انهيءَ پهڻ تي نڪو نالو آهي، ۽ نه وري ڪو نشان. ڪنهن کي به خبر ڪانهي، ته اهو ڪنهن جي قبر جو نشان آهي - اها آهي جين وليجان جي قبر!

اُهو شخص، جنهن ننڍيءَ عمر ۾ غريبيءَ ۽ مسڪينيءَ جي ڪري لاچار تي هڪڙي روٽي چورائي، سا به ٻين ٻارن کي کارائڻ لاءِ ۽ هڪڙي پائلي ڪنيائين، سا به پاڻهي اچي اڳيان پيس. انهيءَ لاءِ هن ساري عمر پڇتايو، ۽ انهيءَ عيوض پاڻ تڪليفون سهي ٻين سان ڀلايون ڪيائين، ۽ انهن بابت ڪنهن کي به نه ٻڌايائين.

اهڙو ماڻهو هن جهان جي لاءِ ناهي، پر هُن جهان جي لاءِ آهي، اُهو مري نٿو، اُهو هميشه جيئرو آهي!